ڪونج

سنڌي آدبي ڊائجسٽ



واسديو نرمل

Vasudev Nirmal

Courtsey : SHRI MURIJ MANGHNANI, Dubai.

02 DEC 2014

KOONJ

ڪونج ادبي ڊائجيسٽ

برپا ڪندڙ : سرڳواسي هري موٽواڻي 'سنڌي'

گولڊن جبلي واري حد پار ڪندڙ
سنڌي مگزن 1960-2012

مارچ-اَپريل 2012

سال : 53 - پرچو : 2

هيءُ پرچو : 60 روپيا

ڇپيندڙ : سُڌا آفسيٽ، اُلهاسنگر-3
فون : 2560465

•

چندو : ساليانو -/350
ٽي سال -/1000
پنج سال -/1500

•

چيف پيٽرنس :
شري رام جيٺملاڻي
شري مورجمل منگهناڻي
شري ديال هرجاڻي
شري لال هرداساڻي
شري نوتن تولاڻي
شري رام دادلاڻي

KOONJ (Estd. 1960)

Founder Editor :
Late Hari Motwani "Sindhi"

4, Great Western Building,
2nd floor, S.B.S. Road, Mumbai - 400 023.

Tel. : 0251-2571605 • Mobile : 9323120141
E-mail : nnchhugani@rediffmail.com
koonj@rediffmail.com
koonj.chhugani@gmail.com

چيٽي چنڊ جون

لک لک واڌايون

سمپادڪ :
نند ڇڳاڻي

واسديو 'نرمل'

خاص انڪ

Address for Correspondence :

NAND CHHUGANI

502, Manwani Mansion,
Goal Maidan,
Near Telephone Exchange,
Ulhasnagar - 421 001.

Tel. : 0251 - 2571605

Mobile : 9323120141

E-mail :
nnchhugani@rediffmail.com,
koonj@rediffmail.com,
koonj.chhugani@gmail.com

OUR CHIEF PATRONS

Dayal Harjani

Ram Dadlani

Ram Jethmalani

Murij Manghnani

Lal Hardasani

Notan Tolani

احوال اندر پڙهو...

1

2

3

4

5

6

7

8

Courtsey : SHRI DAYAL HARJANI, Dubai.

سمپادڪيم ....

ورهاڱي ڪانپوءِ پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ وارو اُٺوسرنديءَ ۽ اُپچائو اَدبي ڪلاس، سالن جو سمايل پورهيو، محنت؛ ڪيرت، مالهي، اُتم ۽ پوپٽيءَ جي سنڌي ٻوليءَ لاءِ ڪيل جدوجهد ۽ اُن سان گڏوگڏ سنڌي ساهتيہ، اَدب ۽ ٻوليءَ جي ڪيترن دانشورن جو چڻ گڏيل اَدبي ساگر منٿن - سمنڊ ولوڙڻ - جنهن مان ڪيترا ڦل نڪتا - واسديو نرمل بہ اُن ولوڙ مان نڪتل ميوو آهي. نرمل تڏو شاعر. هشمت - دهشت، جوش جذبو، غصو - ڪاوڙ هن لاءِ ڏاريا اَڪر آهن. هن جي ڊڪشنريءَ ۾ اَهڙا اَڪر ڪونہ آهن. نرمل ٽيڪنڪ جي خيال کان پڪو پختو شاعر ضرور آهي پر هن پاران ڪنيل پاڙ تي توهان مظبوط اَڏاوت ڪونہ ڪري سگهندا. جلد ڏسندا تہ پاڙ سوڙو واسديو ٻئي هنڌ ٿنيو ٿهيو بيٺو هوندو ۽ پيو چوندو - اَمان توکي خبر آ، مونکي چار پُڇ ڙي ... اها سندس بي وفائي نہ سمجهو. هن جي سادگي، معصوميت - اَبوجهائي اهي راڱا ڪندي آهي. پوءِ بہ پِير فقير، مڪو مست - مؤلائي تي چٽ پائي نفعو ڪونہ ڪائيندو ... پر سندس نندين نندين گهرجن سان توهان کي چڙ جو اَحساس ضرور ٿيندو. ان ڪري هر سنستا بي خوف تي هر سيمينار مشاعري ۾ سندس نالو اَٽڪائي ڇڏيندي آهي.

بهترين ناٽڪ نويس، نالي وارو ٻال ساهتڪار، سنو ترجمان - سنڌيڪار آهي. کيس مرڪزي ساهتيہ اَڪاديمي - دهليءَ جا بہ ناليرا، مانوارا انعام هڪ تخليقي اَدب - سندس ناٽڪن تي ۽ ٻيو ترجمي وارو اَوارڊ مليا آهن. اَندر ڪنهن لکيو آهي تہ کيس ٧ (ست) ٻوليون اينديون آهن. پيشي طور اِنجنيئر آهي. وس پڄي ڪنهن کي نقصان ڪونہ رسائيندو. اعليٰ اخلاق - سنڌي ٻولي ۽ ساهتيہ لاءِ خدمت وارو جذبو قائم - سنڌي سيکارڻ - ٻاونجاهي اَکري ٻوڌ سيکارڻ وارو سڌ هڪدم اونائيندو. هڪ پيرو هٽ ۾ ڪنيل ڪارج پورو ڪندو. رولي ڪونہ ماريندو.

تازو سنڌ مان 'اَمرتا' جو شاھ لطيف نمبر، ڊبل ڊيمي سائيز جا ٧٢٠ پيج - پڪو جلد شري موهن مدهوش سوڪڙيءَ طور ڪٽي آيو. اَسين سندن شڪرگذار آهيون. ان ڪتاب ۾ فقط اِنڊيڪس - ڏسٽي - فهرست ٨ پيج آهي. لطيف سائينءَ سان لاڳو اَرنيسٽ ٽرمپ کان وٺي ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ ويندي نصير مرِزا تائين نالا ڏنم. پر ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻيءَ جو نالو بہ ڪونہ آهي. اَندر حوالي طور ڪيترن ڏاهن - ڏات ڌڻين ان جو ذڪر ضرور ڪيو آهي. شاھ صاحب کي گربخشاڻيءَ کان اَڳہ پلا ڪيئن ٿو ڪري سگهجي! ان مان اِئين لڳم تہ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ صاحب پنهنجا پڪا پختا شاگرد بہ ڇڏي ويو آهي. شاباس دوستو، اَچا اَڳتي. شريمان جي. ايم. سيد صاحب جڏهن دهلي آيا هئا تہ

○ فهرست ○

	وشيه	رچناڪار	صفحه
1	سمپادڪيه	نند ڇڳاڻي	iii
2	واسديو نرمل	مورج منگهناڻي	1
3	واسديو نرمل - نرمل شاعر	نوتن تولاڻي	2
4	واسديو نرمل (Bio-Data)	-	7
5	سيلف سنڌي ٽيچر (مهاڳ)	رنجيت بوٽاڻي	11
6	سنڌي ويا سنڌ ڏسڻ (تاثرات)	واسديو نرمل	13
7	اَمر اَکيون	واسديو نرمل	17
8	سُتل پرندڙ جبل	واسديو نرمل	18
9	خط (واسديو نرمل ڏانهن)	سگڻ آهوجا	19
10	واسديو نرمل	لڇمڻ ڪومل/گوبند مالهي/هري دلگير/شريڪانت صدف/رام پنجواڻي/ ليلارام رچنداڻي/ڪمل پياسي/هري همٿاڻي/ايس. پي. مينگهاڻي اي.جي. اُتم/مدن جُماڻي/پوپٽي هيرانندڻي/امينا روپچنداڻي/سندر اگناڻي	21
11	واسديو نرمل	تاجل بيوس	37
12	گهڻپاسو شخصيت واسديو نرمل	گوپال ٺڪر	39
13	ساهتڪار - واسديو نرمل	هري موٽواڻي 'سنڌي'	43
14	واسديو نرمل - ڪي يادگيريون	موهن گيهاڻي	47
15	سنو شاعر - واسديو نرمل	پوپٽي آر. هيرانندڻي	51
16	واسديو نرمل جو غزل	اَرجن چاولا	59
17	لذيذ شاعر ۽ ناٽڪ نويس	اَرجن حاسد	63
18	ناٽڪ ۾ نئين سجاڳي ۽ نرمل	منگهارام ملڪاڻي	67
19	ناٽڪ نويس - واسديو نرمل	وشنو ڀاٽيا	71
20	ناٽڪڪار شري واسديو نرمل	جيٺو لالواڻي	81
21	'اَمان جو پينگهو'-هڪ لاجواب پيشڪش	ڪيرت ٻاٻاڻي	87
22	واسديو نرمل جو ٻال ساهتيه	هوندراج بلواڻي	89
23	ٻال ساهتڪار - واسديو نرمل	لڇمڻ ڀمڀاڻي	93
24	مِني اِنٽرويوُ - واسديو نرمل سين	گوپال ٺڪر	97
25	واسديو نرمل جي بهترين ڪويتا	نامديو تاراچنداڻي	99
26	واسديو نرمل - هڪ مضموننگار	بنسي خوبچنداڻي	101
27	منهنجا سُر ۽ تنهنجا گيت	واسديو نرمل	105
28	سنڌ مان آيل موهن مکوانا جي آجيان	ريٽا شهاڻي	107
29	واسديو نرمل	گيتا بندراڻي	109
30	واسديو نرمل - پيارو شخص پيارو شاعر	موتي پرڪاش	111
31	واسديو نرمل جو غزل	واسديو موهي	113
32	توهان جا خط	-	116
33	نئون ساهتيه	-	119

Murij Manghnani

P.O. Box No. 6,
DUBAI (U.A.E.)

واسديو نرمل تي ڪونج پاران خاص نمبر ٿو نڪري - پڙهي خوشي ٿي. نرمل سان پيون ڳڏجاڻيون ٿينديون آهن. نهڻو - نماڻو - شاعرن وارو نت نانگر ڪونہ اَٿس. هاڻ عمر سبب گهڻو پڙهي تہ ڪونہ ٿو سگهجي پر ٻڌجي ٿو - ڪئسيٽ وغيره توڙي ٻين فنڪشنس تي ٻڌبو آهي تہ اهو گيت واسديو نرمل جو لکيل آهي. هن جا لکيل ٻول سوَلا سمجهہ ۾ اَچي ويندا آهن. گهِرو ٽُبي هڻڻ جي ضرورت محسوس بہ ڪونہ ٿيندي آهي. وڻندڙ ۽ من کي موُج ڏيندڙ هوندا آهن. هن جا لکيل ناٽڪ بہ سٽيج تي ڏسبا آهن ۽ گهڻو تڻو پاڻ بہ انهن موقعن تي ڳڏجندو آهي. ٻارن جا ڪتاب بہ پڙهبا آهن تہ ننڍي هوندي پڙهيل سائين بيوس جا گيت هڪدم ياد اَچي ويندا آهن. سڪولي جيون ۾ ڪلاس ۾ ڳڏيل نموني ڳائبا هئا. هاڻ بہ دل ٿيندي آهي تہ ڪنهن سنڌي سڪول ۾ وڃي اُهي ٻاراڻا ٻول ٻڌجن. نرمل کي ڪيترا انعام مليا آهن. اُميد تہ ڪونج جو هيءُ پرچو سندس شانَ مانَ ۾ اِضافو آڻيندو.

- موريج.

16/02/2012

English School
Reference
Book
LIBRARY

کھي ڊاڪٽر موتيلعل جوتواڻيءَ جي گهر انڪري ويا جو هنن شاهه لطيف تي پي.ايڇ.ڊي. ڪري ڇپائي هئي ۽ اُن مان سائين جي نياڻي فيض حاصل ڪري ڊگري ورتي هئي. ان ڪي ڇئبو آهي شڪرگذاريءَ جو حق اَدا ڪرڻ.

۲۴-۲۵-۲٦ فيبروري ۲۰۱۲، سيتا سنڌو پون ۾ راشٽريه سنڌي ٻولي وڪاس پريشد - NCPSL دهليءَ پاران، رام پنجواڻي چئرٽبل ٽرسٽ جي سهڪار سان رام پنجواڻيءَ تي سيمينار ۽ آل اِنڊيا ڀڳت فيسٽيول ٿي گذريو. ساڳئي هنڌ، ساڳئي وشيه تي ٻه مهنا اَڳه ساهتيه اَڪاديميءَ پاران سيمينار ٿيو. پريشد جو چئرمن ۽ وائيس چئرمن ٻئي برک وڪيل آهن. اُهي پنهنجي قانوني داؤ پيچ هلائي اهو ثابت ڪري سگهن ٿا - پر مان دعويٰ سان ٿو چوان ته اَسان کي موڪليل ڪارڊ نينڊ پتر (Invitation Card) ڪونه هو. فقط چاڻ ڏنل هئي ته سيمينار ٿي رهيو آهي - اِئين جيئن فلم اِنڊسٽريءَ ۾ Extra وارن کي شوٽنگ جي خبر پوندي آهي. اَسان اُن هوندي ٻه حاظري ڀري فقط اِنڪري ته ٻاهران آيل دوستن سان مڪاميلو ٿيندو. ۽ سچ پچ اَسانکي Extra ئي ڪري ليکيو ويو. هونءَ ممبئيءَ ۾ اهو ڊگري يافته عالمن پاران رواج آهي ته جن کي نه گُهرائڻو آهي ۽ نينڊ پتر (Invitation) جي ميار ٻه لاهڻي آهي - اُهي ڪارڊ ٽپال واري دبي ۾ ايترو دير سان وجهندا آهن جيئن وقت سر نه پهچي سگهن. هن ڀيري پريشد جي مدد هوندي ٻه ٺاڪر صاحب توهان اِئين چو ڪيو؟ بي تعصب انسان دوست هونءَ ته سيتا سنڌو پون جا در سڀ لاءِ سدائين ساڳئي نموني کليل رکندا آهيو. غلط نموني ڪارڊ - نينڊ پتر ورهائڻ لاءِ تعليمدانن ۽ اُنهن جي سهيوڳين جي هڪ هٽي توهان ٽوڙي ڇڏي. باقي سيمينار ۾ ڪاڊل ورتايل ڀنڊاري جي سواد جو ذائقو ٻئي ڀيري.

سنڌونگر - اُلهاسنگر ۾ تازو هڪ شادي ٿي گذري. پئسو پاڻيءَ وانگر هاريو ويو. لکندي لکندي ڀڳونتي ناواڻيءَ جو ٻاتل ... سنت جي نندا نه ڪرڻ گهرجي ... ڪنن ۾ پيو ٿو ٻُري. ان خرچ کان غريبن جي مدد ڪجي ته شاديءَ واري جشن ۾ رونق شايد اَجان ٻه وڌي وڃي.

هي پرچو ظاهر ٿيندي اُميد ته واسديو نرمل صحتياب - نوبنو ٿي اَمريڪا مان واپس موٽندو. مان سندس ٿورائتو آهيان جو وڃڻ کان اَڳه سمورو مواد هٿيڪو ڏئي اُن مٿان پيپر ويٽ - وزن ٻه رکي ويو. هي سندس محنت جو ڦل آهي. مان ليکڪن - ساهتڪارن - اِشتهار ڏيندڙن جو ٻه تهدل شڪرگذار آهيان جن سڌ ۾ ساٿ ڏنو.

- نند ڇڳاڻي

۱ مارچ ۲۰۱۲

کونج جي گونج جاري رهي ....

ڪرشن راهي

جي ياد ۾



ٻڌائڻ سان تہ غم جو بار گھٽجي ٿو مگر راهي
وجي هر ڪنهنکي پنهنجو غم ٻڌائڻ ۾ي مصيبت آ.

(راهي)

(م-ر)

Notan Tolani

Hong Kong
20th Feb. 2012

واسديو نرمل - نرمل شاعر

نڍي هوندي ٥٠ کان ١٩٦٠ وارو ڏهاڪو - سڪول ۾ شعر لکڻ ۽ پوءِ منگهارام ملڪاڻيءَ پاران اَدبي ڪلاس ۾ وڃڻ جي عادت پئجي وئي. شعر لکبو ته ڪهاڻيءَ تي قلم به هلائبو. واسديو ساڳئي سڪول مان پڙهيو هو - اَسان کان سينئر هو ۽ اَڄ سوڏو آهي ... ان کان شعر درست ڪرائڻ ۾ خوشي هڪ پاسي ته سُڪون ٻئي پاسي ملندو هو. ڪيرت ڪمپنيءَ واري اَدبي سَٿ ۾ اَلائي ڪيئن ڳسي وياسين - لڇمڻ ساتي - موهن گيهاڻي وغيره - بس سِر تي سنڌي ساهتيه جو جنُون سوار ٿي ويو ... ان سنگت ۾ ساهتيه سان نينهن ته جڙيو پر پيٽ جي بک - گهر ٻار جي سنڀال - بس ممبئيءَ مان ڏُک پائي پرڏيهه جا وڻ وسايا. گهڻا سال ته اِهي اَدبي لڏي وارا - دل - دماغ جي ڪنهن ڪنڊ ۾ وڃي واسو ڪري ويٺا ... پر هت ٿائينڪو ٿيڻ ڪانپوءِ اوچتو سنڌي ساهتيه - اَدب وارين يادگيرين منهن ڪڍيو. فخر آهي - اَڄ سوڏو ان سان لاڳاپيل آهيان. ڪونج جو واسديو نرمل پرچو ٿو نڪري - پڙهي خوشي ٿي - هڪ سادڙو اِنجنيئر شاعر سامهون اَچي ويو. ڪنهن کي به ڪجهه سيکارڻ ۾ اصل عار نه ڪندو ... ڪاليج ۾ عزيز جو شاگرد رهيو آهي، اِنڪري شعر جي ٽيڪنيڪل پهلو تي پڪڙ قائم اٿس. ڪيس هند ۾ ڪيترا اِنعام مليا آهن. سندس ناٽڪ به پيا ڏسبا آهن - اَڄ جي ٽي.وي. - ڪمپيوٽر مفاصلو گهٽائي ڇڏيو آهي. ڪئسيٽ وجهه ته نرمل سامهون ۽ پوءِ اُهي جهونيون يادگيريون - اَدبي ڪلاس - جئه هند ڪاليج - مالهي - نانا چوڪ - ايراني هوٽل - ٻائڪلا - لڇمڻ ساتي - ڏٻل - ڪڙهي - چانهه - هري موٽواڻي - ڪونج اَندر واري آئيني تي اُڪري آيا. دل پرچي آئي - واسديو نرمل کي مبارڪون ٿو ڏيان ۽ اُميد ٿو ڪريان ته جلد ممبئي اَچي ڪيس ڀاڪر پري گڏجندس.

- نوتن ٽولاڻي

شرڌانجلي

ساهتڪار - اخبار نويس - سوشل ورڪر

شيام رامرڪياڻي

سرڳڏام پڌاريو

- روپڪمار 'ڪلاڪار' (سنڌونگر- ٣)

بلڪل سادگيءَ جي صورت، ڌارمڪ ويچارڌارا، ڪوي هرديہ، پترڪار ۽ پبلشر شري شيام رامرڪياڻيءَ لنبي بيماريءَ بعد تازو آرتوار ٨ جنوري ٢٠١٢ ڏينهن اسپتال جي بستري تي آخرين ساهہ ڇڏيو. سندس اَرٿي جي. وارڊ، ڪبير نگر واري سندس نواس استان تان آخرين سفر لاءِ ڪنئي ويئي، جنهن ۾ احمدآباد جي معزز اَديبن، اَڳوانن ۽ شيڇنتڪن شامل ٿي شرڌانجلي ڏني.

هو هڪ ڪامياب پبلشر ٻڻيو. اَنيڪ ڪتاب ڇپي هن سنڌي ساهتيہ جا گهڙا ڀريا. اَحمدآباد جي سنڌي پبلشنگ جو هن کي سرتاج چئجي تہ ان ۾ ڪوبہ وڌاءُ ڪين ليکبو. اهو ئي سبب هئو جو سنڌي سماج جو صاحفي طبقو هن جي متر منڊليءَ جو حصو هوندو هئو. اَديبن کي موضون منچ ڏيڻ لاءِ هفتيوار 'زندگي' مخزن چالو ڪئي، جنهن ۾ هن اَڻاهہ نوان ۽ جهونا ساهتيڪار هڪ منچ تي آندا. ان طرح هو هر اَديب جو لاڏلو ٻڻجي پيو. 'زندگي' جي اُچن ٿلهن ۽ صاف سٿرن پنن تي هر ساهتيڪار کي برابر جڳهہ ڏني.

ڪوي هرديہ شيام رامرڪياڻيءَ جو ڪويتا سان ايڏو تہ لڳاءُ هئو جو هن پنهنجي پتنيءَ جو نالو ئي ڪويتا رکي ڇڏيو ۽ ان پياري پتنيءَ جي پوتر پيار کان متاثر ٿي پنهنجي پريس جو نالو ڪويتا پرنٽنگ پريس ۽ دڪان جو نالو ڪويتا ڀوَن رکي ڪويتا لفظ کي ٻُلنديون بخشيون. سات نباهڻ واري جيون ساٿڻ بہ شيام جي راڌا ٻڻجي هن کي پورو پورو سات ڏنو ۽ شيام جي جهول ڇئن پٽن سان ڀري چڙ تہ هن کي پوشيہ جا ساٿي

!!! اِنعام - سنمان - واڌايون !!!

- **ڊاڪٽر ڇينو لالواڻيءَ** کي مرڪزي ساهتيہ اَڪاڊميءَ جو انواد - ترجمي وارو انعام - ”شادي تہ ڪر“ گجراتي ليکڪ دامو سانگاڻيءَ جو ناٽڪ واري ڪتاب تي بهترين سنڌيڪار طور هن سال ٢٠١١ وارو انعام ڏنو ويو آهي. ڪونج پريوار طرفان ڪيس لک لک واڌايون.

- NCPSL طرفان هن سال هيٺيان اِنعام ظاهر ڪيا ويا آهن :

(١) **ڊاڪٽر پريم پرڪاش** - لائيف ٽائيم اَچيومينٽ - هڪ لک رپيہ ساهتڪار طور.

(٢) **ڊاڪٽر پرنسيپال ديال آشا** - لائيف ٽائيم اَچيومينٽ - هڪ لک رپيہ ساهتيہ رچنا سنمان طور.

١٠ ڄڻن هرهڪ کي ٥٠ هزار رپيہ انعام طور ڏنا ويا آهن :

(١) گوپ ڪمل (٢) بنسي کوبچنداڻي (٣) منوهر چگهم (۴) سريتا شرما (۵) گهنشام ساگر (٦) موتيرام رامچنداڻي (٧) وليرام ڪرشناڻي (٨) اَشوڪ منواڻي (٩) گيان لعلواڻي (١٠) رتن ايسراڻي.

ڪونج پريوار طرفان سڀني کي لک لک واڌايون.

- **جيِ. ايم. سيد** ميموريل ڪاميٽي هاسٽن - اَميريڪا پاران **سُشري وينا شرنگي** - دهلي کي **جيِ. ايم. سيد اَوارڊ** - ٢٠١١ ڏنو ويو آهي. وينا شرنگيءَ کي هي اَوارڊ سموري زندگي - پنهنجي سنڌي ساهتيہ - ريڊيو پروگرام ۽ سماجڪ سنستا مارئيءَ معرفت - ڏيهي پرڏيهي سنڌي سماج جي بهبوديءَ لاءِ ڪيل خدمتن ڪري عطا ڪيو ويو آهي. ڪونج پريوار طرفان کين لک لک واڌايون.

شاباس دوستو - اَڃان اَڳتي .....

BIO-DATA

Name	:	Shri VASUDEV VENSIMAL MADHAV 'NIRMAL'
Pen-Name	:	Shri VASUDEV NIRMAL
Date of Birth	:	2nd June, 1936
Place of Birth	:	Karachi (Sind)
Full Address	:	Flat No. 401, Mahran Co-op. Housing Society, J.V.P.D. Scheme, N.S. Road No. 10, Juhu, Mumbai - 400 049.
Tel.	:	(022) 26202532 Mob. : 9819935120
Educational Qualifications	:	B.E. (Civil) from Poona University, Parichay (in Hindi), Uttama (in Sanskrit).
First Poem written in	:	1952
First One Act Play written in	:	1952

Books Published :

A) ORIGINAL :

1. Munhinjaa Sur Ain Tunhinjaa Geet : (A collection of Poems)
2. Bodaa Achi Midiyaa : (A collection of One Act Plays)
3. Bina Deti Leti Shaadi : (A collection of One Act Plays)
4. Sas Ri Sas : (A collection of One Act Plays)
5. Amma Tokhe Khabar Ahe? : (A collection of Monologues)
6. Haaee Haat : (A collection of Poems)
7. Gaaliyoon Dil Joon : (A collection of Gazals)
8. Laade Laadi Aandi, Para .... : (3 Act Play)
9. Geet Avhanjaa : (A collection of Lyrics)
10. Naqsh Paa : (A collection of Essays)
11. Ama Jo Peengho : (A play in 2 Acts)
12. Vijoon Vasan Aayoon : (A collection of One Act Plays)
13. Dadal Shah - Sadhu Vaswani : (A Tele-Play)
14. Naqsh-Paa-2 : (A collection of Essays)
15. Moonkhe Char Puch Re : (Short Stories for Children)

بخشي، پنهنجي پتني ڌرم جو پورو پورو پالن ڪيو.
ڏک جي ڳالهه آهي تہ سندس سپاتر پنهنجي جيجل ڪويتا جي ڪوک کي ڪونہ لڄائيندا ۽ گهر، پريوار، اخبار ۽ سنڌيت لاءِ پنهنجون شيوائون برقرار رکي پنهنجي پتا جي آتما کي شانتي ڏيڻ ۾ ڪابہ ڪسر ڪين ڇڏيندا. 'روزاني زندگي سماچار' برقرار رکندا.

ان ساهتيہ ۽ اخبار نويسيءَ جي پهلوءَ کان سواءِ شري شيام رامرکياڻيءَ جا سماج لاءِ بيا بہ ستڪرم ۽ شيوا ڪاربہ هوندا هئا. هو ڪجھ امدادي ادارن سان بہ جُڙيل هئو، جنهن رستي سنڌي سماج جي هوشيار شاگردن ۽ آرٿڪ ڪمزور طبقي کي سنستا طرفان يوگدان ڏيندو هئو ۽ پڻ ڌارمڪ استانن تي هلندڙ ڪمن ۽ پڻ اسپتالن جي شيوا ۾ لگن سان لڳل هوندو هئو. اُميد تہ سندس سپاتر اُهو بنا جهجهڪ جي ڪندي پنهنجي پتا صاحب جي نالي کي اَمر پد ڏيندا.

ڪونج پريوار سندن هر ڏک ۾ ڀاڱي ڀائيوار آهي.

شرڌانجلي

اَنيتا ڪمل ڪيولراماڻي

۲۲ جنوري ۲۰۱۲ تي احمدآباد ۾
سنساري سفر پورو ڪري سرڳڌام پڌاري.

پهلاجراءِ 'مسافر'

رائپور ۾ ۸ فيبروري ۲۰۱۲
تي سرڳواس ٿيو.

ايشور در آراڌنا آهي تہ سندن ڪٽنب پريوار کي صدمو سهڻ جي شڪتي ڏئي ۽ سرڳواس ٿيلن جي آتما کي شانتي بخشي.

7. Palaupali : (Sindhi adaptation of American play "Four Posters")
8. Zaroorat Aah Joi Jee : (Sindhi adaptation of an American play "While Wife's Away")
9. Hai Munhinjee Dil : (Sindhi adaptation of an American play "Send me no flowers")
10. Munhinjaa Mor Laada : (Sindhi adaptation of Shyam Phadke's Marathi play "Teen Chok Tera")
11. Shaadi Ta' Kar : (Sindhi adaptation of Vasant Sabnis's Marathi play "Gharo Chari Heech Bomb")
12. Love Letter : (Sindhi adaptation of Shrinivas Bhanage's Marathi play "Ghallin - Lotaangan")
13. Chori Chori : (Sindhi adaptation of Vasant Sabnis's Marathi play "Mamla Chori Chaa")

B) Original Plays staged :

1. Zaroorat Aahe Ghota Jee : (A comedy in 3 Acts)
2. Ama Jo Peengho : (A musical play in 2 Acts)
3. Toon Ain Maan : (A social play in 3 Acts)
4. Honeymoon Ta Hahro : (A comedy in 2 Acts)

MAGAZINES / PERIODICALS EDITED :

1. Sorath : (Sindhi Annual) since 1977 till today.
2. Sindhu Dhara : (A weekly) from 1961 to 1970.

ASSOCIATION WITH DRAMA GROUPS :

1. Hon. Gen. Secretary, Natya Sindhu, since 1972.
2. Hon. Vice Chairman, Lalit Kala Sangam, since 1976.
3. Hon. P.R.O., Sindhu Kala Mandir, since 1979.

ASSOCIATIONS WITH OTHER ORGANISATIONS :

1. President, Bombay Municipal Sindhi Circle, since 1977.
2. Hon. Secretary, Andheri Sindhi Panchayat, since 1978.
3. Member, Cultural Committee, Priyadarshini Academy.
4. Gen. Secretary, Sindhi Sahit Mandal, Mumbai.
5. Secretary, Akhil Bharat Sindhi Boli Ain Sahit Sabha (From 1976 to 1978 and from 2003 to 2009)

B) ADAPTATION :

1. Hi Pyaaso Man Munhinjo : (A three Act Play)
   (Sindhi adaptation of P.L. Deshpande's Marathi play "Tuze Aahe Tuja Paashi")
2. Hik ... Ba ... Te ... : (A three Act Play)
   (Sindhi adaptation of Agatha Christie's English play "Mouse - Trap")
3. Aurat Ain Botal : (One Act Play)
   (Sindhi adaptation of H.S. Kharat's Marathi Radio Play "Baai Baatli Ani Mandali)
4. Palau Pali : (Three Act Play)
   (Sindhi adaptation of American play "Four Posters")
5. Miss Reetaa : (Two Act Play)
   (Sindhi adaptation of August Strindberg's play "Julie")

C) TRANSLATION :

1. Pataal : (Sindhi translation of Maxim Gorky's play "Lower Depths")
2. Choond Marathi Kahaniyoon (Part I & II) : (Sindhi translation of 31 Marathi short stories written by different Marathi writers.)
3. Qaazi Nazrul Islaam : (Sindhi translation of Gopal Haldar's English monograph)

D) BOOKS IN ENGLISH :

1. Self Sindhi Teacher : (A quick learn Sindhi Book)

PLAYS :

A) Plays adapted from various languages and staged by various drama groups :

1. Hi Pyaaso Man Munhinjo : (Sindhi Adaptation of P.L. Deshpande's Marathi Play "Tuze Ahe Tuja Paashi")
2. Raat Jo Yaarhen Baje : (Sindhi adaptation of Fredick Khot's American Play "Dial M for Murder")
3. Hik ... Ba ... Te : (Sindhi adaptation of "Mouse-Trap")
4. Pyar Kare Dis : (Sindhi adaptation of Prof. Vasant Kanitkar's Marathi Play "Prema Tuza Rang Kassa")
5. Jadaheen Maan Na Hoondus : (Sindhi adapation of Prabodh Joshi's Gujarati play "Patta Ni Jod")
6. Bandalbaaz : (Sindhi adaptation of a Kannad play)

SELF SINDHI TEACHER

(By Vasudev 'Nirmal')

.... *Preface* ....

It was almost two years since the 'Junoon' of Sindhiat had taken hold of me, culminating in the hosting of the website www.sindhishaan.com and the publication of 'Sindhishaan' a quarterly magazine in English targeted at the Sindhi youth, that my wife's casual remark "practise what you preach – do people know that the promoter of 'Sindhishaan' can't read or write in Sindhi?" stopped me in my tracks.

I must confess that although quite fluent with the spoken word, having been born, brought up and educated in Mumbai, I never regarded the lack of ability to read and write in Sindhi a handicap. Although I spoke in Sindhi with my grandparents, parents and elders in the family, communication with my wife and children was restricted to English or Hindi. The casual remark from my wife stunned me momentarily but simultaneously goaded me into action as it really punched me at my soft spot. I took up the gauntlet and told her "I will learn to do so forthwith."

I expressed my desire to learn the Arabic script to my friend Shri Madan Jumani, who the very next day ushered Shri Vasudev 'Nirmal' into my office and after the initial pleasantries, I came straight to the point. With a mischievous smile playing on his lips, my guruji to be's surprising statement "you will be able to read and write Sindhi in the Arabic script at the end of 10 one hour sessions – that's my guarantee!" got me really excited. But then I had some doubts. Shri Vasudev brushed aside all my apprehensions like "the Sindhi alphabet has 52 letters, we are so used to 26 in the English" with "what nonsense, English too has 52 letters in the alphabet – 26 small and 26 capital". Voila! He was right. He allayed my misconception with "unlike the English script, in the Sindhi script you write the word exactly as it is pronounced, and since you understand and speak Sindhi you will encounter no problems at all."

I started my first lesson on 22nd of August 2001, and felt like a school boy once again, what with Shri Vasudev giving me home-work and correcting the same at the subsequent session and allotting appropriate marks. HIS STYLE IS TRULY UNIQUE AND SIMPLICITY ITSELF.

AWARDS WON :

1. Soviet Land Nehru Award of Rs. 1,500 for the book entitled "Pataal" in 1972.
2. National Award of Rs. 5,000/- for Children's Literature from NCERT (Govt. of India), on the book "Amaa Tokhe Khabar Aahe", in 1990.
3. Award of Rs. 2,500/- for best poetry book in Sindhi for 1989 from Central Hindi Directorate, on "Haaee Haat" (A collection of Sindhi Poems)
4. Sahitya Akademi Prize on "Choond Marathi Kahaniyoon" Part I & II in the year 1991.
5. Life Time Achievement Literary Award of Rs. 25,000/- from Akhil Bharat Sindhi Boli Ain Sahit Sabha in the year 1999.
6. Prize of Rs. 15,000/- for best Sindhi Drama "Laade Laadee Aandi, Para ...." in 2000 from National Council for Promotion of Sindhi Language.
7. Award of Rs. 15,000/- for promotion of Sindhi Culture from Sindhi Academy, Delhi, received on 18th Jan. 2004.
8. Priyadarshini Academy Award of Rs. 25,000/- for Life Time Achievement Award in 2006.
9. Sahitya Akademi Award on Sindhi Book "Vijoon Vasan Aayoon" (A collection of One Act Plays) - Rs. 50,000/- award in 2008.

OOO

رباعيون

✍ واسديو نرمل

وشواس پلي آتما کي اوچو نِئي،
ليڪن اُن جو وهم سان ناتو ٽو ٽئي.
سؤ سمجهايو ڪيس ڪُڪڙ ڏَس ٽو هٽي،
پر مؤلوي چوندو تہ ڪُڪڙ ٻانگ ٽو ڏئي.

O

گل ڪان ٽي پڇيو لوپي ٻنور چاهہ منجهان،
”هي خار ٻلا کهڙو ڪندا وڙ توسان؟“
گل ماڪ جا ڳوڙها بہ وهائي آکيو،
”ويندا نہ ڇڏي مونکي سرءُ ۾، ٽو جيان.“

تاثرات

سنڌي ويا سنڌ ڏسڻ

✍ واسديو نرمل

اِها هڪ نهايت ئي اَفسوس جي ڳالهه آهي، ته جنهن ڌرتيءَ تي اِنسان ڄائو هجي، اُن ڌرتيءَ کي ڏسڻ لاءِ به اَڄ ويزا جي ضرورت آهي! ۽ اُها ويزا پاءُ ناڪر چاولا ۽ پيڻ پارو چاولا کي اَڌ صديءَ ڪانپوءِ نصيب ٿي آهي ۽ اُها به درازا شريف جي سجاده نشين سخي قبول محمد فاروقي (سخي سائينءَ) جي ڪرم فرمائيءَ سان، نه ته اَڃا به اَلائي گهڻا ورهيه ڪين سنڌ جو درشن ڪرڻ لاءِ سِڪڻو پوي ها.

اَڌ صديءَ ڪانپوءِ به ناڪر پنهنجي جنم ڀوميءَ ڏانهن ويندڙ جهاز اَندر ڪيتري گهبراهٽ محسوس ڪئي هوندي، اُهو بخوبي سمجهي سگهجي ٿو. جنهن شخص اَڌ دنيا گهمي هجي، اُن ناڪر کي هوائي جهاز جي سوا ڪلاڪ جي مسافريءَ ۾ ايتري گهبراهٽ محسوس ٿيڻ هڪ رواجي ڳالهه ناهي. اُها گهبراهٽ سندس دل اَندر مچندڙ طوفانن جو عڪس آهي. پوءِ پل نه هوُ پاڻ کي چهنڊڙيون پائي پڇي ته هيءُ خواب آهي يا سچ پچ سنڌ وڃي رهيو آهيان؟ ۽ آخر ڪراچي هوائي اَڏي تي لهي، سنڌ ڌرتيءَ کي جڏهن آلين اَکين سان چُمي ٿو، تڏهن منهنجون به اَکيون پرجيو اَچن. ناڪر کي وري به اَڌ صديءَ ڪانپوءِ، سنڌ ڌرتيءَ جو درشن نصيب ٿيو، پر هن جهڙا ٻيا گهڻائي آهن، جن کي شايد اَڃا به ويزا جو اِنتظار ڪرڻو پوندو ۽ مون جيان هڪ مڇيءَ کي قاصد بڻائي، پنهنجيءَ دل کي ڏڍ ڏيڻو پوندو آهي، ڇو ته مڇيءَ کي نه ته ويزا گهرجي، نڪو پاسپورٽ!

جڏهن ناڪر، سنڌ جي دلبر شاعر تاجل بيوس سان گڏجي، پنهنجو گهر 'ناڪر نواس' ڳولهي ٿو، اُن وقت هن جي دل ڪيتري نه گدگد ٿي هوندي، اُن جو اَندازو لڳائڻ مشڪل ناهي. اُها جاءِ، جتي ڪوئي پنهنجو ننڍپڻ گذاري، اُن ۾ اَڌ صديءَ ڪانپوءِ وڃڻ سان هڪ گهڙيءَ ۾، ننڍپڻ جا واقعا، ننڍپڻ جون شيطانيون، سئنيما جي پردي تي هلندڙ نظارن جيان ڪيئن هڪ ٻئي پٺيان من جي پردي تي گهمنديون نظر اينديون

The alphabet gets imprinted in your memory and you flow from one session to the other with total ease. By the time of conclusion of my last session on the 6th of November 2001, I could read and write Sindhi in the Arabic script. What pride! What joy! What a thrill. It took me two and a half months on account of the long gaps in between sessions due to my business engagements. But then I could proudly say – "if it took me, at 52 years, two and half months to learn the script, the youngsters can surely do much better."

Shri Vasudev Nirmal, an engineer by profession, is also a poet and playwright, who has been writing over the last 5 decades with several publications of poems and plays to his credit – an outstanding litterateur from the Sindhi literary community.

What started as a challenge, leading to the development of his unique method of teaching in November 1978, when he first taught 200 persons in Madras, in a style that blended the literary and technical (given his engineering background), went on the become a boon for the innumerable students whom he has taught since then and who have benefited from his unique method of teaching. Well, there has been no looking back ever since, and the teaching of Sindhi has become a mission for Shri Vasudev, who's been regularly conducting Sindhi classes during school vacations for various Panchayats and organisations.

I congratulate the Sindhi Association of U.K. and Shri Raj Daswani in particular, for taking the initiative of reducing this unique method of teaching into a printed format by way of "Self Sindhi Teacher" to enable its benefit to reach thousands who can proudly proclaim after going through its contents "I'M A SINDHI AND YES I CAN ALSO READ AND WRITE IN MY MOTHER TONGUE."

- Ranjit Butani

Editor - Sindhishaan.

OOO

يومي ۾، جتي جا جيئرا جاڳندا ڪردار ڪٿي، هوءَ اهي نندڙيون ڪهاڻيون لکندو رهيو آهي. ساڳئي ڏينهن، رات جو سچل ڳوٺ ۾ منعقد ٿيل مشاعري جي صدارت پارو چاولا کان ڪرائي ويئي. سرحد پار کان آيل مهمان شاعره لاءِ اِن کان وڏو اعجاز ڪهڙو ٿي سگهي ٿو؟ سنڌي شاعرن ۽ ليکڪن ڪين اکين تي وِهاري، جيڪا سندن پليڪار ڪئي آهي، اُها ڪين ايامن تائين ياد رهندي.

'سپون' ۾ سنڌ-درشن بابت لکندي، پارو چاولا، هرهڪ ڏينهن جو، جيڪو وچوروار ورڻن ڪيو آهي، اُهو صرف پڙهڻ جي چيز ناهي، روح ۾ سمائڻ جي چيز آهي. ڪراچي هجي، اُتي جو رام باغ (هاڻي آرام باغ) هجي، ڪلفٽن جو رتنيشور مهاديو مندر هجي، ڪياماڙي هجي، نيٽي جيٽي هجي، گاڏي کاتو هجي، برنس روڊ هجي، ميريويدر ٽاور هجي، صدر هجي، ٽڪري هجي، خالق ڏنو هال هجي، بولٽن مارڪيٽ هجي، منو در هجي، کارو در هجي، يعني ته ڪراچيءَ جو چپو چپو ياد اَچي ويو. اُها ڪراچي، جتي مون پنهنجي ننڍپڻ جا چند سال گذاريا - جي اَڄ به مونکي صدين جيان پيا پاسن!

پارو جڏهن ملير جو ذڪر ٿي ڇيڙي ته ازخود ماروئيءَ جي ياد اَچيو پوي. جڏهن ڀنڀور جو ذڪر ٿو پڙهجي ته پنهونءَ ڪاڻ ڀنڀور کي باهه ڏيندڙ سسئيءَ جي صورت اکين اَڳيان ڦريو وڃي. جڏهن ڪينجهر جي ڍنڍ جي سئر جو ذڪر ٿو اَچي ته نياز ۽ نئڙت جي مورت نوري ۽ ڄام تماچيءَ جي ياد تازي ٿيو وڃي - اُها نوري جنهن جي مزار اَڄا به ڪينجهر ڍنڍ جي وچ ۾ آهي. جڏهن درازن جو سجاده نشين سخي سائين، پاروءَ کي 'اَمان' ڪري ٿو سڏي، تڏهن اُن نيڪ بندي اَڳيان سر جهڪيو وڃي. درازن جي سجاده نشين - جنهن جا سڄيءَ دنيا ۾ چاليهن لک کان به وڌيڪ مُريد آهن، اُن سخي سائينءَ طرفان هڪ شاعره ۽ فنڪاره لاءِ اِهو وڏي اعجاز جي برابر آهي، جو ته ماتا جو درجو سيني کان اُٿاهون آهي.

سچل سرمست جي درگاه، وڏي پهچ واري درويش مخدوم بلاول شاهه جي درگاه، لعل شهباز قلندر جي درگاه، هالاڻي دربار، وسڻ شاهه جي دربار، نانڪ يوسف جي دربار، سکر جو ساڌبيلو، اڏيرلال جو مندر، سنتن ۽ پيرن جي روهڙي، شاهه عبداللطيف جي ڀٽ - اِنهن جي زيارت جو

ٿونديون. اُهو اهڙي ڪيفيت مان گذرندڙ انسان، جيئن ناڪر جهڙو حساس دل ليکڪ ٿي ڄاڻي سگهي ٿو. اُن جاءِ ۾ ۽ اُن جي ارد گرد جن ڪردارن سان گڏ هن گهاريو هئو ۽ جن کي پنهنجي تيز عقابي نظر سان ڏٺي، هن نِنڊائيون، اُن کي ڇُهندڙ ڪيئي ڪهاڻيون لکيون آهن، اُهي ڪردار هڪ دفعو جي ڪُٺا ڪُٺا جاڳندا، گهمندا ڦرندا نظر آيا هوندس. اهڙي ليکڪ جي سبب سان جيترو رشڪ ڪجي اوترو ٿورو آهي. اُن پنهنجي جڳهه ۾ جنهن مهاجر عورتن، ناڪر ۽ ٻارڙا کي آڪين تي ٻهاريو، تڏهن ڪين هيڪڙو ماڻهو سُڪ پڙهيو هوندو، اُن اُهان ورهاڱي وقت ڪين ملين چند هزار رپيا بلڪل تُڇ لڳا هوندا ۽ ساڻس ڏينهن رات جو راڳ رنگ جي محفل ۾ سچل سرمست جو ڪلام - ’حال ته منهنجو ڪونه هو جيڏيون - پنهنجو عمر ڪيائون‘ ڳائيندي هنن ڀاروءَ جون اکيون آليون ٿي وينديون، تڏهن سندس شاعرائي دل جي ڪيفيت جو اندازو لڳائيندي سمجهي سگهجي ٿو ته اڌ صديءَ ڪانپوءِ پنهنجيءَ پوتر جنم ڀوميءَ تي، وڃي ۾ اُهي ڳائيندي، ڪٿي نه ڪيس سوين سڙوٽين اچي ستايو هوندو! اهڙي وقت پنهنجي جذبات کي ڪوئي ڪنهن ٿي روڪي، پر لڙڪ انهن کي ظاهر ڪري ٿي ڇڏيندا آهن.

حيدرآباد (سنڌ) جي ڪونڌڙ روراني شاعر، زوار ڪرڪن، عوامي آواز اخبارن ۾ جيڪو احمد سان احا ڳالهه بلڪل صاف لکي ٿي ته ناڪر ۽ ٻارو چاولا جي آمد، ڪيترن. اُتان جي سُڃاڻ شاعرن، اديبن ۽ مفڪرن نهنجون اکيون وڇائي ڇاڻيون ۽ هين ڀارت جا ٻه وڏا سرجڻهار - هڪ ڪهاڻيڪار ۽ ٻي سنڌي شاعر ۽ فنڪار‘ ڪري جوش آجيان پيش ڪيو. ناڪر جي ڪهاڻي سنگرهه ’هندي ۽ جي ٻهڙي ڀاڻ‘ ۽ ’اڄ جون ڪهاڻيون‘ بنسبت پنهنجا راءِ ڏيندي، هنن ملڪن ڄاڻايو آهي ته اجوڪي انٽرنيٽ جي زماني ۾، وقت بچائڻ لاءِ هڪ ٻئي ڪردارن اربن نندڙين ڪهاڻين ۾ چاولا پنهنجي آتم ڪيفيت سچائي جڪو آهي ۽ ناڪر جي انهن ڪهاڻين بنسبت وشنو ڀاٽيا جو راءِ شدت سان شايع ڪيو اٿائون ته ڪهاڻي لکندي، ناڪر چاولا خاص ڪاڻ به موضوع کي ڇهي ٿو ته اُهو موضوع سون ملڪي وڃي ٿو ۽ ڪهاڻيءَ مان مقامي ڪارج يا سڦلتا ماڪيءَ جي اُن جيان ڏيکاريندي نظر اچي ٿي. هڪ ليکڪ جي ڳالهه جو اِن کان وڌيڪ ڪهڙو سنمان ٿي سگهي ٿو ته اُهو سندس جنم

EYES IMMORTAL

While I am alive
I wish to make this Will:
The moment I breathe my last
My eyes be immediately plucked
And given to someone without sight
So that with the help of this pair
He may see the world
And all beautiful sights it offers
The dancing waves of the ocean
The rhythmic movements of the fish
Birds of variegated colours
Innocent butterflies
Flowers of tender hues
Shining pearls of dew
Twinkling of the stars
Sweet maddening moonlight
Clouds dark and pouring
Beautiful rainbow
Gushing waterfalls
And other miracles of divine beauty.

And when he too nears his death
May he pass them on, in turn,
To some one else – sightless.
Thus my eyes
My discerning eyes
May live for ages to come
And my love for the bounties of Creation
May continue till eternity
Making a part of me immortal.

اَمر اَکيون

-واسديو 'نرمل'

مرڻ کان اَڳي
مان وصيت ڪندس
تہ دنيا مان، جڏهن ساسين سُڪالو ٿيان،
تڏهن منهنجون اَکڙيون ڪڍي،
ڪنهن بہ نابينا جي لءِ ڪجو دان،
جئن منهنجي اَکڙين ذريعي،
ڏِسي هيءُ جهان،
هِن جهان جا هي رنگين نظارا -
هي ساگر جوُن لهروُن،
هيَ لهرن جوُن ڇيڇون،
هي مڇلين جون جِهمريوُن،
هي رنگين پکيئڙا،
هي معصوُم پوپٽ،
هي ٿولن جي رنگت،
هي شبنم جا موتي،
هي تارن جي جهرمر،
هي چانڊوڪي اَمرت،
هي ڪارا ڪڪر،
هيءَ حسين اِنڊلٺ،
آبشارن جو رقص
۽ بيا حسن جا معجزا.
۽ هوُ بي جڏهن هِن جهان مان لَڏي،
منهنجون اَکڙيون
ٻئي ڪنهن بہ نابينا جي لاءِ ڏيندو وڃي،
ائين، ڪاش! منهنجوُن اَکيون
جُڳن تائين قائم رهن،
اِئين منهنجو شوق - نظارا
جڳن تائين قائم رهي!
اِئين ڪاش!
منهنجي بدن جو ڪو حِصو
اَمر ٿي وڃي!
اَمر ٿي وڃي!

OOO OOO

مختصر بيان پڙهندي، اِئين ٿو لڳي ڄڻ ٺاڪر ۽ پارو نہ، اَسان بہ اُهي اِستان اَڳئين ڏسون پيا. پر سُڪل سنڌو نديءَ بابت پڙهي، دل مان دردناڪ دانهن نڪريو وڃي! هِڙا هاڃا پيا ٿين، پوءِ بہ اَڄا عوام خاموش آهي!

اِهو ڄاڻي بيحد خوشي ٿي تہ سنڌي لئنگئيج اَٿارٽي جي چيئرمن غلام علي اَلانا ۽ سيڪريٽري تاج جويو جي سرتوڙ ڪوشش سان، اَٿارٽيءَ طرفان ڪيئي ناياب ڪتاب تہ ڇپايا ويا آهن، پر سنڌيءَ ۾ اِي-ميل بہ تيار ڪرائي ويئي آهي، جنهن جو مهورت ڪرڻ جو شرف ٺاڪر چاولا کي مليو. اِن وڏي اعجاز لاءِ ڇا چئجي؟ ڪي لفظ ئي نٿا سُجهن.

سخي سائين ۽ اَديب دوستن کان موڪلائڻ وقت ٺاڪر ۽ پاروءَ جون دليون ڪيئن نہ ڇلڪنديون؟ وڇوڙو تہ آخر وڇوڙو ئي آهي. دل کي ڪيترو بہ ڏڍ ڏيون تہ اَول خئر وري ملنداسين، پر دل مڃي بہ نہ! دل تي ڪو وَس هلندو آهي؟

’سپون‘ جي اَنڪ ۴۷ ۾، سنڌ جو مختصر سفرنامو پڙهي، دل ڳائون مائون ٿي ويئي، پر جڏهن ٺاڪر ۽ پارو وستار سان اِهو سفرنامو، ڪلا ۽ موتي پرڪاش جيئان لکندا، تڏهن تہ دل ئي جهوري ڇڏيندا. پنهنجي مشغول زندگيءَ مان اَهڙي سفرنامي لکڻ لاءِ شل جلد ئي وقت ڪڍي سگهن. آمين!

(سپون)

OOO

رباعي

✍ واسديو نرمل

ڪنهن حسن جي ڪعبي جي زيارت بہ ڪجي،
ڪنهن سونهن جي ديويءَ جي عبادت بہ ڪجي،
روٽيءَ جي بلي وقت وهامي ٿو وڃي،
فرصت ذرا ملي تہ محبت بہ ڪجي.

١-٥-١٩٦١ع

سيوا گرام.

’نرمل‘ پيارا، خط تنهنجو پهتو. خط سان گڏ هڪ نامڪمل غزل جا ٦ شعر به موڪليا اٿيئي تنقيد لاءِ. تنهنجو اهو غزل وڻيو. ان غزل جي باري ۾ توکي پنهنجو رايو، ذرا وضاحت سان ڏيان، تنهن کان اڳ هڪ ٻي ڳالهه، بلڪ ٻه ٻيون ڳالهيون ڪرڻيون آهن توسان.

(١) مارچ مهني جي نئين دنيا جي سر ورق تي جي ڪرشن-راڌا جي چٽر هيٺان تنهنجون چار سٽون ڏنل آهن، سي خوب وڻيون. مون اَلڳ اَلڳ ڏينهن تي انهن سٽن کي وري وري پئي پڙهيو آهي. جملن جي سٽن ۾ جڙت اهڙيءَ ته خوبيءَ سان رکي اٿيئي جو رواني ۽ Natural-ness سان گڏ هلڪي موسيقي به اُيري آئي آهي. ۽ تن ۾ به جا چوٿين سٽ چئي اٿيئي :

"تي تي تيندو منهن ني ڳاڙهو، پڇي پڇي پڇندي هڪ چولي"

تنهن سٽ ’شعريت‘ جي خوبيءَ سان، سچي شوخي جرڪائي ڇڏيو آهي. تنهنجو نالو نه هجي ها هيٺان شعر جي، ته مان ان کي شيام جو شعر سمجهان ها.

(٢) ان پرچي ۾ تنهنجي مذاقي غزل جا هيٺيان ٻه شعر به خوب وڻيا:

- تون جڏهن کان ملي وئينءَ پيڪي،
پڇ نه چا چا حرام ٿيو آهي.

- اهڙي ڪهڙي هوا لڳي آ جو،
ڏيڏري کي زڪام ٿيو آهي.

تنهنجي شاعري رواني ۽ Naturalness کي کٽي، هلڪي موسيقي يا غنائيت ڏانهن وڌي رهي آهي. گڏوگڏ جو تون شعر ۾ ’خيال‘ پيدا ڪرڻ جي به جا ڪوشش ڪرين ٿو، سا ساراهڻ جوڳي آهي.

تنهنجي نامڪمل غزل ۾ هيٺيان ٽي شعر (نمبروار) وڻيا :

١- ويا ڇڏي راهه ۾ جڏهن رهبر،
شوق منزل جو رهنما ٿي پيو.

٢- حسن گهر جي حسين سڏجڻ لاءِ،
تو چيو ۽ هو مهلقا ٿي پيو؟

آزاد نظم -

سُتل برندڙ جبل

- واسديو ’نرمل‘

مُنهنجي دل برندڙ جبل آ،
ڪو سُتل بَرندڙ جبل،
جنهن ۾ آهن دفن ڪيئي -
حسرتون، اَرمان، رنج ۽ غم،
نراسايون، پريشانيون، پشيمانيون،
حسين دوکا -
ڪرشما دوستن جي ئي نوازش جا،
گهڻن سالن کان
دل جي گرميءَ ۾ آهن پليا هيءَ سڀ.
اِئين محسوس ٿئي ٿو
ڄڻ ته ڪو ’لاوا‘
منهنجيءَ دل ۾ رِجي پيو
۽ خبر ناهي ته ڪڏهن
هيءُ سُتل برندڙ جبل
جاڳي اُٿي.
ڪا خبر ناهي
ته هيءُ ’لاوا‘ ڪڏهن
برندڙ جبل جو
چيري سينو،
ايندو ٻاهر.
آدمي مون لاءِ پوءِ شايد چون :-
هاءِ ويچاري جي دل ڦيئي ٿُئي!

OOO

واسديو 'نرمل'

✍ لڇمڻ ڪومل

واسديو 'نرمل' بنيادي طور غزل گوُ شاعر آهي يا ناٽڪ نويس، اِن جو فيصلو هو پاڻ ڪري تہ بهتر. پر مونکي ذاتي طور هوُ غزل جي وڌيڪ ويجهو نظر ايندو آهي. غزل جي رمزن، ڪناين، روايتن ۽ اسرار خواه اِظهار سان آشنائيِ، نرمل جي شاعرانيءَ شخصيت جو هڪ پرپوُر ۽ آبروُدار حصو آهي. هن جي غزل جي هر رنگ جو جوڙ بيحد سادو مگر معنيٰ پريو آهي ۽ اُنهن جو قافيو ڪڏهن بہ تنگ نتو ٿئي. غزلن جي اَڪثر شعرن ۾ سماجي، سياسي ۽ اِخلاقي پستيءَ تي پرپوُر چوٽ ٿيل آهي، جيڪا پڙهندڙن کي سوچڻ تي مجبور بہ ڪري ٿي تہ مايوس بہ.

خالص سنڌي تشبيهوُن، تمثيلوُن، علامتون، استعارا ۽ عبارتون، نرمل جي شاعريءَ ۾ هڪ نئين رنگ ڍنگ ۽ سادگيءَ سان، سندس اَحساس جي عڪاسي ڪندي بہ، نرمل کي روايتي شاعريءَ جو شڪار نٿيون ڪن، انڪري هن جي غزل جو هر خيال، هر دل جي ڳالھ هوندي آهي، جيڪا نرمل پنهنجي فطري سادگيءَ سان اِئين چئي سگهيو آهي، جو اُن جو اَڻ ڇُتل اَثر دير تائين دل ۽ دماغ تي ڪي نشان ۽ نقش اُڀاري ٿو وڃي.

(۲۱ آگسٽ ۱۹۹۲)

(''ڳالهيون دل جون'' غزلن جو مجموعو)

✍ گوبند مالهي

منهنجا سُر ۽ تنهنجا گيت

سرڳواسي سڀڻ آهوجا مونکي اَڪثر ڪري ياد پوندو آهي. واسديو 'نرمل' کي ڏسڻ سان تہ سڀڻ ضرور ياد ايندو آهي. سڀڻ کي اَسين 'اَديبن جو اَديب' ڪري مڃيندا هئاسين. هن نہ معلوم ڪيترن سيڪڙات نثرنويسن ۽ شاعرن سان مغزماري ڪئي - ڏينهن جا ڏينهن يا مهنن جا مهنا. مگر ڪنهن مان بہ ٻوٿو نہ ٻريو. 'نرمل' ئي هن جو صحيح معنيٰ ۾ شاعري ڪيتر ۾ وارث بڻيو - وارث بہ نامڪنيو.

'نرمل' جو سنڌي شاعري ڪيتر ۾ اَنوکو آستان آهي. ورهاڱي ۽ لڏپلاڻ ڪانپوءِ جي ساهتڪ اُسات ۾ اُڀرندڙ شاعرن جهڙوڪ آنچل، راهي، پارتي ۽

۲- وقت جي واري تي ڪو منهنجو شعر،
ياڳ چنبا، جي نقش پا تي پيو.

هئي شعر ۾ Quotability ڪانهي ڪا. جو ته Context ۾ يا Situation ۾، مهلقا ڪنهن عورت سان ٿي ويندو - اتي 'تي پيو' نه ڦبندو. تون منهنجي ان رايي جي خلاف زور لڳائي ان شعر جو بچاءُ ڪر، ڏسان، تون ڇا ٿو چئي سگهين.

وقت جي واريءَ ۾ نقش پا سان شعر ڪٺي اچڻ سان تون قافيي کان دور وڃي، برابر خيال جهڙيو آهي - پر 'ياڳ چنبا' چوڻ سان تنهنجي شعر تي تهمت تي اچي ته ان ۾ پنهنجو ذاتي خاص ڪجهه ڪونه هئو، ياڳ سبب ٿي اِئين ٿيندو - پيو ته نقش پا سان تو نه پنهنجي 'شاعري' يا شاعريءَ جي خوبي يا خوبيون نه لڳايون آهن، بلڪ 'ڪو' شعر. اهو 'ڪو شعر' تنهنجي شاعريءَ کي هڪ طرف اُياري نٿو، ٻئي طرف جن لاءِ نقش پا تي پوندو تن ڏانهن اشارو به ڪونهي. پوئين ڳالهه کي نظر انداز ڪري سگهجي ٿو پر پهرئين ڳالهه ته تنهنجيءَ شاعريءَ تي 'ڪو شعر' سبب آنچ اچي ٿي، سا قائم ٿي رهجي وڃي ٿي.

(۳) شمع اَدب رسالي جي ڪاپيءَ لاءِ تون دهليءَ ۾ همدرد يا 'ڪومل' کي چو ڪين ٿو لکين موڪلي ڏيڻ لاءِ؟

(۴) مان ۱۳ مئي رات جو هتان چڙهندس ۽ ۱۴ مئي (۱۹۶۱ع جي) اتي پهچندس - سنڌونگر ۾.

(۵) گذريل يارهن سالن ۾ مان ڪيڏانهن ٻاهر نه نڪتو آهيان ۽ هن دفعي به اوچتو، وڏي مسافري ٦ مهنن جي ڪرڻي پيئي آهي ۽ تنهن ۾ اَهڙن ماڻهن سان گڏ رهڻو پيو آهي جن وٽ نفاست ڪانهي، اَدب ۽ علم لاءِ خاص چاهه ڪونهي ته بنهه جڻ اَڪيلو ٿي پيو آهيان - ويتر گذريل مهني کان هت غضب جي گرمي شروع ٿي آهي - صبح جو سادي ڏهين کان شام جو پنجين بجي ڪوئي ڪم ڪرڻ نه پڄندو آهي. سڀ سان اَهڙي حالت آهي. خاص ڪري بمبئيءَ وارن سان - تنهن هوندي به مجبور سڀ پروگرام پورا ڪرڻا پوندا آهن - هاڻي ته ڏينهن اَچي ڪتيا آهن - باقي ۱۲ ڏينهن آهن. ۱۲ ڏينهن اُسهڻو آهي هتان - هتي ڪا اَهڙي چيز ڪانه سُجهي جا تو لاءِ ونيو اَچان. تنهن هوندي به توکي ڪا چيز خيال ۾ هجي ته لکج.

تنهنجو، سڳن آهوجا.

OOO

✍ هري دلگير

واسديو ’نرمل‘ تعليم جي لحاظ کان انجنير آهي. هو ۽ هوءُ سُٺيءَ کان شاعر آهي، ليکن ناٽڪ نويس طور وڌيڪ ڄاتو سُڃاتو وڃي ٿو. سندس لکيل ايڪانڪيون، ريڊيو ۽ اِسٽيج تان ڪيترائي ڀيرا پيش ڪيون ويون آهن، جن لاءِ کيس خوب داد مليو آهي. سندس شعر توڙي ايڪانڪين ۾ نہ فقط فن آهي، پر جان ۽ جلوو بہ آهي. اِنڪري ئي سندس ڪوتائون ڳايون ويندڙيون آهن ۽ سندس ناٽڪ پوري يارت ۾ اِسٽيج تان ڪيترائي دفعا ڪاميابيءَ سان پيش ٿي چڪا آهن.

اصلوڪن ناٽڪن کانسواءِ ’نرمل‘ ٻين ٻولين تان ڪيترائي طويل ناٽڪ سنڌيءَ ۾ آڻي، سنڌي اَدب جي خاصي خدمت ڪئي آهي. اِهي طويل ناٽڪ، جڏهن جڏهن اِسٽيج تان پيش ڪيا ويا آهن، تڏهن تڏهن درشڪن واهہ واهہ ڪئي آهي ۽ ’نرمل‘ کي مبارڪون ڏنيون آهن.

شل اِن ريت سنڌي ناٽڪ کي مالامال ڪندو رهي.

(ايڪانڪي ناٽڪن جو مجموعو ”سس ڙي سس“)

✍ هري دلگير

شاعري هڪ ڏات آهي .... ’نرمل‘ کي ڏات تہ مليل آهي ئي، پر محنت ڪري، هن پنهنجيءَ ڏات کي وڌيڪ چمڪايو آهي ... شعري فن جي داوَن پيچن کان بخوبيِ واقف آهي. ٻوليءَ ۽ ٻوليءَ جي محاورن جي سُني ڄاڻ اَٿس ... کيس اُمنگ ۽ ڪلپنا جي اُڏام تہ عرشيِ ڏات ۾ عطا ٿيل آهن. اِنڪري ’نرمل‘ جي شعر ۾ رس، رَواني ۽ رنگينيِ خوب آهن ... سندس ڪويتا اَهڙي سَليس آهي، جهڙو جابلو نديءَ جو وهڪرو ... سندس لفظن ۾ لئہ آهي ۽ ٻوليءَ ۾ مٺاس ...

... ’نرمل‘ اَول، آخر ۽ وچ ۾ تاجيءَ پيٽي سنڌي آهي. سنڌ، سنڌوءَ، سنڌين ۽ سنڌ جي ٻوليءَ سان سندس لڳاءُ آهي ... ’نرمل‘ بنيادي طور پريم جو ڪوي آهي، سو بہ غزل جي هيئت ۾ پاڻ کي پورو پورو اُڀاري سگهي ٿو ... سندس غزلن جا ڪيترا بند، ٻوليءَ ۽ خيال جي لحاظ کان نهايت ئي پيارا ۽ وڻندڙ آهن ... مٿس ڪنهن بہ اَڳوڻي يا هاڻوڪي وڏي شاعر جو نمايان اَثر ڪونهي. ’نرمل‘ جيڪي لکي ٿو سو ’نرمل‘ جي رنگ ۾ ئي لکي ٿو ... شل لکندو ۽ لکندو ئي رهي، موج مستيءَ سان لکي ۽ خوب لکي.

(”هائي هات“ شعرن جو مجموعو)

موتي پرڪاش جي صف جي پوئين ڪڙي ۽ اُن بعد جي نوَن شاعرن جهڙوڪ ڪومل، ڪمل، حاسد ۽ اندر جي صف جي پهرين ڪڙي آهي. جنهن ورهاڱي کان اڳ ضيا صاحب جهونن ۽ نوَن شاعرن وچ ڳنڍ هو تئن ورهاڱي بعد جي جهونن ۽ نوَن شاعرن وچ 'نرمل' ڳنڍ رهيو آهي.

گذريل ٽورن سالن ۾ 'نرمل' سنڌي شاعرن جي صف ۾ پنهنجي لاءِ ڪافي سني جڳهه جوڙي ورتي آهي. هن گوناگون شعر ڇپيا آهن - گوناگون وشين تي غزل به ڇپيا آهن ته گيت به. نظم به ڇپيا آهن ته آزاد نظم به. وايون به لکيون آهن ته رباعيون به. گنڀير شعر لکيا آهن ته مذاقي به. هن جي شعرن گهڻو تڻو سنڌيءَ جي سيني معياري غزلن جي مجموعن ۾ جڳهه پاتي آهي. مشاعرن ۾ هوُ واه جو رنگ ڇمائيندو رهيو آهي.

ڪجهه وقت کان ناٽڪي دنيا ۾ به قدم رکيو اٿس. ڪيترا اِسٽيج ۽ ريڊيو لاءِ ايڪانڪي لکيا اٿس. وڏن ناٽڪن جي ڪيتر ۾ مان پانيان ٿو ته گهڻي ۾ گهڻا 'نرمل' جي قلم مان ٿيل آهن. هنکي اِسٽيج خواه ريڊيو ناٽڪن جي تقاضائن جي بخوبي ڄاڻ آهي ۽ اها ڄاڻ هن گهڻو تڻو عمل ۾ به پئي آندي آهي.

ناٽڪن سان ڇڱيءَ پر نباهڻ بعد مان سمجهان ٿو ته 'نرمل' بنيادي طور شاعر آهي - اَحساسي دل ۽ اُڏر واري ڪلپنا جو مالڪ. ۽ هو 'ڪلا زندگيءَ لاءِ' واري فلاسافيءَ ۾ اَٽوٽ وشواس رکندڙ آهي. اِنهيءَ ڪري هن صرف وندر لاءِ شعرگوئي نه ڪئي آهي، زندگيءَ جي ترجماني ڪندي بهتر زندگيءَ جو تصور به پئي پيش ڪيو آهي.

'نرمل' ۾ سنگيت-پاءُ به گهڻو آهي. اِنهيءَ ڪري بحر وزن ۽ ماترائن سان ڇڱيءَ ريت نباهيندي، هن ڳائڻ لائق رچنائون به گهڻيئي لکيون آهن جن ۾ پڄن به آهن ته غزل به. هڪ به قواليون به لکيون آهن. هن جون اِهي رچنائون برک ڪلاڪارن ريڊيو ۽ اِسٽيج تان پئي پيش ڪيون آهن.

'نرمل' جي شعرن جو پهريون مجموعو اوهانجي هٿن ۾ آهي. 'نرمل' جي گوناگون شعر کي هڪ ئي مجموعي ۾ پيش ڪري 'ڪونج' وارن ڪيرون لهڻيون. مونکي پڪ آهي ته پاٺڪ هن مجموعي جي دل سان آجيان ڪندا.

۱۹ آگسٽ ۱۹۷۰ (ڪانديولي)

زور شور سان عروضي شاعري ڪري رهيا هئا. توڙي جو نرمل اِن سچائيءَ جو اِشتهار ڪونہ ٻڌايو آهي، پر هيءَ نُقطو اِتهاس ۾ درج ڪرڻ جهڙو آهي.

ضروري ناهي تہ ٻوليءَ جي مستقبل بابت ور ور ڪري پنهنجا ويچار پيش ڪيا وڃن. ضروري ناهي تہ هڙاڏو هلچل جي جُڙتو سپاهين جي ٽولي ٺاهجي ۽ اُن ۾ جذب ٿي وڃجي. ضروري ناهي تہ پنهنجي هٿ وسيلو هئڻ ڪري پاڻ کي 'معياري' ثابت ڪجي ۽ ٻين کي نيچو ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪجي. ضروري ناهي تہ پنهنجي شاعريءَ جا فانوس ٻڌائي سماج جي ٻنيي تي لٽڪايا وڃن.

ها، سنڌي قوم کي اِها فخر لائق حقيقت ٻڌائڻ بيحد ضروري آهي تہ هن دؤر ۾ بہ اَسان وٽ ڪي شاعر آهن جي عروضي شاعريءَ جا اُستاد شاعر سڏائڻ جي حيثيت رکن ٿا. واسديو نرمل، بلاشڪ اَهڙو ئي هڪ شاعر آهي.

نرمل جي حيثيت رُڳي ايتري ڪانهي تہ هن سنڌيءَ ۾ شاعري ڪئي آهي. فقط اِها ڳالهہ ڪانهي تہ هن شعر چوڻ سان گڏوگڏ سنڌي رنگہ منچ کي بہ پنهنجو رتُ ستُ ڏنو آهي. نرمل جي حيثيت اِن کان بالا تر آهي. هن سنڌي ٻوليءَ جي، 'اَلف' کان وٺي 'ي' تائين، هڪ هڪ حرف سان محبت ڪئي آهي. ڪنهن کان بہ لڪل ناهي تہ مهانگر ۾ رهندي بہ هن ٻوليءَ جو پرچار گهر گهر وڃي ڪيو آهي :

'پنهنجي ٻوليءَ جا ٿورا لاهڻ لاءِ،
سنڌي گهر گهر وڃي پڙهايوُن پيا."

(''هندواسي'' ۲۴ نومبر ۱۹۹۶)

✍ رام پنجواڻي

ايڪانڪي ناٽڪن جو مجموعو - بنا ڏيتي ليتيءَ شادي

پيارا نرمل، جهڙو تخلص اَٿيئي، تهڙو ئي سڀاءُ جو نرمل آهين. مون توکي پهرين شاعر جي روپ ۾ سُڃاتو. اِنجنيئر آهين، پر اِنجنيئر واري ڪٽ، تور، ماپ شعر ۾ ڪم آڻي تو ڪرشمو ڪري ڏيکاريو. تنهنجي اُتساهہ، اُڏام ۽ ساحت توڙي سنڌيت لاءِ پيار جو مان قدر ٿو ڪريان. 'منهنجا سر تنهنجا گيت'، مون خوش سان پڙهيو آهي ۽ ان مان حظ حاصل ڪيو اَٿم. توکي مشاعرن ۾ ٻڌو اَٿم، ۽ اُتي تنهنجي لياقت سان

✍ شريڪانت صدف

واسديو نرمل - هڪ اُستاد شاعر

سنڌي ٻوليءَ جي جهوني ۽ مشهور شاعر موتي پرڪاش پنهنجي هڪ غزل ۾ هيءُ بيت لکيو آهي :

اٿّي لهر توکي جي دريا ڏڪاريو،
سڏن پيار مان ٿا ڪنارا ملي آءُ.

اَسان جو نهنو، باتهذيب، برک شاعر واسديو نرمل اَهڙو ئي هڪ وشال ڪنارو آهي جيڪو ڏڪاريل لهرن کي ته ڇا، سڄي درياهه کي پاڻ ۾ سمائڻ جي صلاحيت رکي ٿو.

١٩٨٦ جي آس پاس جڏهن منهنجي لکڻ جي رفتار ۾ تيزي اَچي ويئي هئي، شدت سان محسوس ڪيم ته ڪنهن اُستاد جي صحبت لازمي هئي نه ته ته ڪٿي نه ڪٿي، ڪجهه نه ڪجهه ڪُسَر پئي رهيو. بهرحال، اُهو اُستاد مون کي پنجن سالن کانپوءِ مليو هئو.

لڳاتار پنج سال مشاعرن، جلسن ۽ اَدبي بيٺڪن ۾ شرڪت ڪيم. مون ڏٺو ته ٽي شاعر هئا جن جا چهرا مونکي ڏسندي ئي خوشيءَ وچان ٻهڪي پوندا هئا، جي پنهنجي خوشيءَ دل جي پيالي ۾ قيد ڪري ڪونه سگهندا هئا ۽ اُها دل ڇلڪي پوندي هئي. هيءُ دل جا صاف شاعر هئا : پريوُ وفا، ڊاڪٽر اَرجن شاد ۽ واسديو نرمل.

١٩٩٠ ۾ منهنجو ڪتاب ڇپيو ته واسديو نرمل جنهن سان زباني طور ٽيڪنڪ جي متعلق گفتگو ٿيندي رهي هئي، مون کي صاف صاف چيو توکي عروض جي وديا باقاعدي پراڻڻي ئي پوندي.

مان سندس گهر ۾ هڪ آرتوار ويس ته پوءِ لڳاتار ڪيترا آرتوار ويندو ئي رهيس. ڪنهن به اعتراض ڪونه ورتو ته هوُ موڪل جو سمورو ڏينهن مون تي خرچي رهيو هئو. مان اَهڙا ڏينهن منجهند جي ماني به سندس گهر ئي کائيندو هئس. سندس ڌرمپتني تمام گهڻي ممتا ۽ پاٻوهه سان پيش ايندڙ هڪ نهايت ئي خوش اِخلاق خاتوُن آهي.

شايد ڪن کي خبر هوندي به عروُضي شاعرن جي هڪ وڏي ڄاڻو ۽ سخت ترين نقاد ليکراج عزيز پنهنجن ڪن ڪتابن جا پروُف جاچڻ لاءِ نرمل کي ڏنا هئا. مرحوُم عزيز اِن معاملي ۾ نرمل کي ويساهه جوڳو ڄاتو، توڙي جو اُنهن ڏينهن ۾ بمبئي ۽ اُلهاسنگر جا ملائي، اَٽڪل پنجويهه شاعر

سني ڪوشش آهي. سماج جي اوڻاين جي اوگهڙ سان گڏ، مذاق به موجود آهي. ’نئون ٽيليفون‘ پڙهيم ته لڳو ڄڻ ته مون سان گهڻنا ٽيل وارتا جو ورنن ڪري رهيو آهين. ايڪانڪي ناٽڪن جي گهرج آهي. تو چوويهه پنجويهه ايڪانڪيون قلمبند ڪيون آهن. ڪا ٿوري ڳالهه آهي!

لڪان گهڻو، پر وقت جي گنجائش آهي. توکي فون نه ڪري نه سگهيس، تنهنڪري ٿورا لفظ لکي ٿو موڪليان. منهنجون شڀ اِڇائون توسان آهن. شال وڏيڪ وڏيڪ ايڪانڪيون وڏا ناٽڪ ۽ شعر لکي، اَدب جي خذمت ڪندو رهين.

(سپون) (۲۰-۹-۱۹۷۸)

✍ ليلارام رچنداڻي

گيت اَوهان جا - رچيل واسديو نرمل جا

جيڪڏهن ممبئيءَ جي مشهور ناٽڪ نويس ۽ شاعر واسديو نرمل کي سنڌيءَ جي اوچ ڪوٽيءَ جي شاعرن مان هڪ چئجي ته غلط نه ٿيندو. نه فقط ايترو پر هو ئي هڪ اَهڙو شاعر ٿو ڏسجي جنهن جي رچيل شعرن (گيت، نظمن، پڃنن ۽ غزلن) ۾ نه رڳو صاف، سرل، سپڪ، سلوڻي سنڌي بولي ڪتب آندل هوندي آهي، پر انهن ۾ لئه، تال ۽ ميناج به جهجهو پريل هوندو آهي، جنهنڪري انهن کي پڙهڻ ۾ ڪافي آنند محسوس ڪبو آهي ۽ جي ڳائجي ته جهومي اُٿجي.

نرمل جي گيتن، دوگانن، غزلن، لاڏن، نظمن، پڃنن ۽ قوالين جو هڪ نئون مجموعو نڪتو آهي ”گيت اَوهان جا“ (پورنما پبليڪيشن، ۳۰، بي.ڪي. هائوسنگ سوسائٽي، شنڪر لين، ڪانديولي، ممبئي-٦٧). مان سمجهان ٿو ته سنڌيءَ ۾ قواليون شايد نرمل ئي لکيون آهن جي به اَهڙيون جي ڳائڻ ۾ خوب مزو پيون ڏين. (ٿي سگهي ٿو ته ٻئي ڪنهن سنڌي شاعر به قواليون لکيون هجن، جي منهنجي نظر نه چڙهيون هجن) پڃن به نرمل جا رسيلا ۽ من کي ڇُهندڙ آهن. هن جا گهڻا پڃن جهوليلال سنڌين جي اشٽ ديو لاءِ چيل آهن. لاڏن ۾ به نرمل گهٽ نه ڪئي آهي. سنا موجي لاڏا لکيا اَٿائين. راڌا ۽ ڪرشن، سهڻي ۽ ميهر، عمر ۽ مارئي، مومل ۽ راڻي جا دوگانا لکڻ ۾ نرمل گهڻو اَڳتي وڌيو آهي جيتوڻيڪ اَهڙا دوگانا گهڻو اَڳ گورڌن ڀارتيءَ به لکيا هئا. نرمل جي دوگانن کي پنهنجي

گڏ محبوب طبيعت جو اندازو لڳايو اٿم. ٻوليءَ جي لطافت کان وڌيڪ خيالن جي خوبي ڏني اَٿم. تنهنجي گنڀيرتا ۾ طراوت جو مزو ماڻيو اٿم. سطح تي سانتيڪو لڳندو آهين. پر اندر ۾ طوفان هوندو اٿيئي.

خوشي اٿم تہ شعر لکڻ کانسواءِ سنڌي ناٽڪ اُلٿو ڪري رنگ منچ جي رونق وڌائي اٿيئي. سنڌي رنگ منچ جو اِتهاس لکبو تہ تنهنجو نالو اُلٿي ۽ انواد جي دفعي ۾ زور شور سان شمار ۾ ايندو. ڪيترين ٻولين جي چاڙهن ڌارين ڦوا انگريزي، مرهٽي، گجراتي ۽ ٻين ڀاشائن جا شاهڪار ڪڍي، واه جو اُنهن کي سنڌي روپ ڏنو اٿيئي! گهڻا دفعا اِئين لڳندو آهي تہ پيش ڪيل ناٽڪ ترجمو نہ، پر اَصلوڪو آهي. ٻارهن طويل ناٽڪن جو جس توتي آهي. مون سڀ ڏٺا آهن. پي. ايل. ديشپانڊي جو ''تزي آهي تج پاشي'' (هيءُ پياسو من منهنجو)، وسنت ڪانيٽڪر جو 'پريما تزا رنگ ڪا' (پيار ڪري ڏس)، اَميريڪن ناٽڪ 'سينڊ مي نو فلاورس' (هاءِ منهنجي دل)، 'وائيل وائيف اِز اَوي' (ضرورت آ جوءِ جي)، 'ڊائل ايم فار مرڊر' (رات جو ٻارهين بجي)، آگاٿا ڪرسٽي جو 'مائوس ٽرئپ' (هڪ ... ٻہ ... ٽي ....)، شڪار ۽ پلوٗ پلي ٿورا مثال آهن. مونکي معلوم ٿيو آهي تہ تو هڪ اصلوڪو طويل ناٽڪ 'لاڏو لاڏي آڻيندو' تيار ڪيو آهي، جنهن ۾ گهرو جيون جي جهلڪ ڏيکاري اٿيئي. اصلوڪون طويل ناٽڪن جي ضرورت آهي. شال تنهنجو اِهو ناٽڪ، منهنجي اصلوڪي ناٽڪ 'آيو نئون زمانو' وانگر جلد جبلي ملهائيندو.

ايڪانڪي ناٽڪ جي راه ۾ بہ قدم ڌريو اٿيئي. تنهن لاءِ بہ تو شاباس لهڻي. پر اهو، هن مهاڳ ۾ ممڪن نہ آهي، جو پنهنجي ايڪانڪين جو مجموعو 'بنا ڏيتي ليتي شادي' تو مونکي اَڄ ڏنو آهي ۽ اَڄ ئي مونکي بمبئيءَ کان ٻاهر وڃڻو ٿو پوي. وقت هجي ها تہ سائين بيوس، پروفيسر ايم. يو. ملڪاڻي، شري جي. اين. ناگراڻي، گوبند مالهي، هريڪانت، داس طالب، چمن لعل شرما، ايم. ڪمل ۽ ٻين ڪيترن ناٽڪن نويسن جو ذڪر ڪري سگهان ها. ڏيکاري سگهان ها تہ ايڪانڪيءَ جي اوسر ۾ هنن جي ڪيڏي ڪوشش آهي. مون تنهنجين اصلوڪين ايڪانڪين جو پهريون ڪتاب 'ٻوڙا اَچي مِڙيا' پڙهيو آهي ۽ انهن مان کي ناٽڪ رنگ منچ تي ڏٺا اٿم. سڪيا جي سڪيا، وندر جي وندر! تنهنجين ايڪانڪين جو هيءُ ٻيو پستڪ 'بنا ڏيتي ليتي شادي' بہ مون نظر مان ڪڍيو آهي.

✍ ڪمل پياسي

ڦول ڪڙيو آ سندر ڪومل

- ڌرتيءَ تي هڪ ڦول ڪڙيو آ سندر سندر ڪومل ڪومل،
ٻهڪيو آ ۽ مهڪيو آ جيئن سڳند سندس آ هرهند ڦهليل.
- مهما مُشڪ جي، اکين ۾ عبرت، هلت چلت ۾ آ درويش،
شفاف جيون، سدا سباجهو، لباس سوچ جو شڌ پهريل.
- جو ڪجهه ڏسندو ٻڌندو آهي، ان تي سوچي لکندو آهي،
هن جي اُمنگن جذبن ۾ آ قدرت جي ڪا غئبي هلچل.
- جيجل منڙيءَ ٻوليءَ کي ساراهي هو خوش ٿيندو آ،
اُن ڳجهيءَ عبادت سان ئي، هرڪو هن جو وچن گهڙيل.
- ڳڏبو آهي پاڪر پائي، حال پڇي هو جڳ ساري جو،
سچو، سڪ، صدق جو شاعر، هر ڪنهن جو هو آهه سُڃاتل.
- سريت، صورت، شهرت، فن ۾ آهه گهٽن کان اوچو هو،
گهري گيان ڀريل شبدن سان، سارو پوتل سندس غزل.
- سياءَ جو جيئن ٿڌو هو آهي، گيت سندس هرڪو سيتل،
رڳ رڳ ۾ ڀڪ آهي ان جي، ڪوئي ڳيت ڪوي وينل.
- شبد شبد سرهاڻ ڀريل ٿس، معنيٰ ۾ اونهو مهراڻ،
ڪوي آ ڪيڏو هيءُ ناميارو، چاتل شاعر واسديو نرمل.

✍ هري همتاڻي

دِليِن نار - واسديو نرمل

واسديو نرمل جو نالو ٻُڌڻ سان ئي دل تي ناز ٿئي ٿو، نرمل جو آهي. نهايت رلڻو ملڻو، سياءَ جو سدابهار. اَدبي راڄنيتي، جيڪا اَڄڪلهه ڪيترن ئي ليکڪن / ليکڪائن کي وڻ ويڙهيءَ جيان وڪوڙي ويئي آهي، اُن کان ٻنهه آجو. اِن زهريلي نانگڻ جو مٿس پاڇو به نه پيو هوندو. هڪ نظر سان اُنکي ڀسم ڪرڻ ۾ سمرٿ هو. منهنجي ساڻس قربت قريبن اَڌ صديءَ کان مٿي هوندي پر مون ڪڏهن به سندس واتان ڀُلائي ڀُلائي به ڪو اَپٽو يا اَڻسهائيندڙ لفظ نه ٻڌو. سندس سياءَ سان 'اَدائي گهرن جو خير' ڳنڍجي ته وڌاءُ نه ٿيندو. ساهتيه سان لڳاءُ، جُڙاءُ بي مثال.

حيثيت آهي. مرد ۽ اِستري، ڇوڪري ۽ ڇوڪريءَ جي دوڳانن ۾ سڪ پريت ۽ محبت جو نقش خوب چِٽيو ويو آهي.

دنيا ۾ ديوانا جهجها آهن، ان لاءِ نرمل هڪ غزل ۾ لکي ٿو:

ميهر، نہ تہ مجنون يا نرمل تہ اوس ملنداءِ،
اي عشق تنهنجي لاءِ ڇا ديوانا ڪُتا آهن؟

ٻئي هڪ غزل ۾ چوي ٿو:

اُوهان ٻانِ ڪي خار سمجهو پلي پر
گلن جي نزاڪت ڳجهي ڪانہ رهندي.

سچو يار ڪهڙو؟ ان لاءِ نرمل چوي ٿو:

جو دل کي وڻي، ان کي نہ دلدار ڪريون ٿا،
جو پيهي وڃي روح ۾، سو يار ڪريون ٿا.

اتي ئي وري هو چوي ٿو:

منهن ۾ بہ زبان آهہ ۽ ٻولڻ بہ اَچي ٿو،
ٻولڻ کان فقط رسمي طرح عار ڪيون ٿا.

نرمل جو نٿو دل جو احوال پورو ٻولڻ چاهي، اهو جي ڄاڻڻ چاهيو تہ خط لکي ڪانئس پڇو. هن جي اَئڊريس اجها هيءَ آهي:

واسديو نرمل، فليٽ ۴۰۱، مهراڻ سوسائٽي، جي.وي.پي. اسڪيم، اين.ايس. روڊ نمبر ۱۰، جوهو، ممبئي - ۴۹.

جي روبرو ممبئيءَ وڃو تہ نرمل اُوهان کي جوهو بيچ تي وٺي سنان بہ ڪرائي سگهي ٿو جو نرمل يارن جو يار ۽ جاني جان آهي. سِڪ ڏيندڙ، سڪ وٺندڙ. حياءُ وارو ۽ حليم بہ.

ڪيئن بہ نرمل جو مجموعو ”گيت اُوهان جا“ چاليهن رپين ۾ تمام سستو آهي جو ان جو هرهڪ گيت پڙهي پاڻڪ خود بہ گنگنائيندو رهندو. نرمل جون رچيل قواليون سنڌين جي هرهڪ سنگيت محفل ۾ ڳائڻ جهڙيون آهن.

(چندرپرڪاش هفتيوار، ۳-۵-۲۰۰۱)

آهي. اصلوڪن ناٽڪن جي سرجڻ ۾ بہ هوُ اڳتي قدم وڌائيندو رهيو آهي پوءِ چاهي ايڪانڪي ناٽڪن جا مجموعا ''ٻوڙا آچي مڙيا''، ''ٻنا ڏيتيءَ ليتيءَ شادي'' ۽ ''سس ڙي سس'' هجن يا Full-length ناٽڪ ''لاڏي لاڏي آندي پر ...'' ۽ ''آمان جو پينگهو'' هجن. one-act ناٽڪن کان Full-length ناٽڪن جي منزل تائين پهچڻ ڪا رواجي گهٽنا ناهي، اِتهاس آهي ۽ سنڌي ناٽڪ جي اتهاس ۾ واسديو نرمل هڪ اَهم جڳهہ جو وارث آهي. اِسٽيج ناٽڪ هجي، ريڊيو روپڪ هجي، Tele-play هجي، فلم جي ڪهاڻي هجي، اِسڪرين پلي، ڊائلاگ يا گيت هجن، واسديو نرمل ان فن جي هر شاخ کي مالامال ڪيو آهي. ريڊيو روپڪ ''ڪرشن ليلا' ڪنهن کان وسرندو؟ ''نئون ٽيليفون'' دوردرشن ٽي.وي. تي سنڌي ناٽڪن جو آغاز ڪندڙ ناٽڪ، هند سنڌ کان USA تائين مشهور آهي. اَهڙي نموني 'ڪتا اُڏيري لال جي' اَلائي ڪيترا ڀيرا دوردرشن تان ٽيليڪاسٽ ٿي چڪو آهي. هن فنڪار جو فلمي سفر بہ ڪافي طويل آهي. 'سنت ڪنوررام' کان وٺي 'پاڙي واري' هر فلم يادگار رهي آهي.

تازو مرڪزي ساهت اَڪادميءَ طرفان واسديو نرمل کي، سندس ايڪانڪي ناٽڪن جي ڳٽڪي 'وڃون وسڻ آيون' تي سال ٢٠٠٧ جو ساهت اِنعام عطا ڪيو ويو آهي، جنهن لاءِ ڪيس لک لک مبارڪون هجن، ڏاڍي ڪري سندس صحت سالم رهي، جيئن سنڌي اِسٽيج کي اَڃا مالامال ڪندو رهي. آمين!

(ناٽڪ ''دادل شاهہ - دادا واسواڻي'' مان)

✍ اي. جي. اُتم

سانتيڪي ۽ سڀاڃهي سياءَ وارو واسديو 'نرمل' سچ پچ نرمل آهي. ورهاڱي کانپوءِ هندستان ۾ جيڪي نوجوان ترقي پسند ساهتڪار پيدا ٿيا آهن، 'نرمل' اُنهن مان هڪ مکيہ شاعر آهي. هن جڏهن کان لکڻ شروع ڪيو آهي، تڏهن کان لکندو ئي رهيو آهي ۽ سنڌي شاعريءَ کي مال توڙي رومال جي لحاظ کان اوچ ڏيندو رهيو آهي! 'نرمل' سنڌي ساهت ۽ سنڌيت جي هلچل ۾ بہ سرگرم رهندو اَچي ٿو، جنهن ڪري سندس شعر وڏيڪ جاندار آهي، گوناگون آهي تہ جماليات سان بہ پر آهي.

سندس گيت ۽ غزل نامارين ڳائڪن جي ڳلي مان گونجندا آهن. اُنهن گيتن ۾ لئه، مٺرتا، سنڌيت، ٻوليءَ خواه سنڌ جي مٽيءَ جو ڦهڪاءُ، نہ رڳو محسوس ٿئي ٿو، ساڻ ئي اُنجو لطف، لذت بہ ماڻجي ٿي. مان نہ ٿو سمجهان تہ سنڌي جڳت ۽ ساهت سان وابستہ هر شخص سندس ساهتڪ شعُور کان غير واقف هوندو. ’نرمل‘ اصلوڪا خواه ٻين ٻولين جا ناياب ناٽڪ اُلٿو ڪري سنڌي اِسٽيج کي اَمت اوچ ڏني آهي.

’نرمل‘ ٻال گيت لکيا، مجموعا ڇپيا تہ انواد ڪيتر ۾ بہ سندس اَعليٰ ترين يوگدان رهيو. مرهٽي ڀاشا جي ٻي جوڙ ڪهاڻين جا بہ مجموعا، مرڪزي ساهتيہ اَڪادميءَ طرفان اِشاعت ٿيا. انواد ڪلا تي ڪيس ساهتيہ اَڪادمي اَوارڊ سان پڻ نوازيو ويو. سندس قلم مان پرم پوجنيہ ساڌوُ واسواڻيءَ جي جيون تي لکيل ۽ ڇپيل ڪتاب ساهتيہ ۾ هڪ اَهم درجو والاري ٿو. سندس ساهتڪ ذخيرو ايترو آهي جيئن ٽالاءَ جي سطح تي جهجهي انداز ۾ ڪمل ڦوڙل.

فاصلي جي دوريِ ضرور آهي پر دل جون جَڙون اِئين رِل مِل آهن جو ڪٿي ذرو بہ ويڇو نظر نٿو اَچي. ’نرمل‘ منهنجي دل ۾ نرمل ڌارا مثل رهيو آهي. ساڻس ملڻ ني هڪ عجيب قسم جو سُڪُون ملندو آهي. ساهتيہ اَڪادميءَ جي اَئڊوائيزري بورڊ تي پنج سال گڏ هئڻ سبب سال بہ سال مُڪاميلو نہ ٿيندو ٿي هو پر ساروٽيءَ کي پنهنجو مخصوص اَثر آهي. دوُر رهڻ وارا بہ ويجها ڀانئبا آهن.

’نرمل‘ نہ رڳو اوُچ ڪوٽيءَ جو رچناڪار آهي، پر ساڻ گڏ ’سنو شخص‘ پڻ. اَهڙا ڪي ڳاڻ ڳڻيا.

✍ ايس. پي. مينگهاڻي

نظم ۽ نثر ساهتيہ جا بہ اَهم پهلو آهن، جن ۾ ناٽڪ هڪ خاص جڳهہ والاري ٿو. نظم ۽ نثر جي ميلاپ سان ناٽڪ اَنوکو سرور ٿو پيدا ڪري. اِن فن ۾، واسديو نرمل جهڙو فنڪار اَول درجو ٿو رکي. ورهاڱي کان پوءِ سنڌي ناٽڪ جيڪا ترقي ڪئي آهي، ان ۾ واسديو نرمل جو مضبوط هٿ رهيو آهي. پوءِ ڀل one-act هجي يا Full-length ناٽڪ هجي - سنڌيڪار جي روپ ۾. ناٽڪ ”هيءَ پياسو من منهنجو“ کان ”شادي تہ ڪر“، ”لَو ليٽر“، ”هاءِ منهنجي دل“ ناٽڪن تائين سندس هر ناٽڪ يادگار ناٽڪ

✍ پوپٽي هيراننداڻي

ناٽڪڪار نرمل

واسديو نرمل کي شاعر جي روپ ۾ ته گهٽيئي سُڃاڻندا آهن، پر ناٽڪ نويس جي روپ ۾ هوُ چڱيءَ پر مقبولُ ٿي چڪو آهي. هيل تائين سندس اَصلوڪن ايڪانڪي ناٽڪن جا ٽي مجموعا - ''ٻوڙا اَچي مڙيا''، ''بنا ڏيتيءَ ليتيءَ شادي'' ۽ ''سس ڙي سس'' شايع ٿي چڪا آهن. اِنهن پستڪن ۾ پيش ڪيل ناٽڪ سڀ جا سڀ اَصلي آهن. هونئن سنڌي ناٽڪ کي جيڪي سُڃاڻن، تن کي معلوم آهي ته سنڌي ساهت جي اِن شاخ کي اَصليت جو پاٽي جڻ مليو ئي ڪينهي. سڀ کان سٺي ڳالهه جا 'نرمل' جي ايڪانڪي ناٽڪن ۾ اُڀري بيٺي آهي، سا آهي ٻولي - زال جي گهرو ۽ جهڳڙالو ٻولي، اَڻ پڙهيل جي اِصطلاحي ٻولي، اِسڪولي شاگردن جي مستي ۽ بي-پرواهيءَ واري ٻولي. اِن طرح هر ناٽڪ جي گفتگو، پنهنجي پاترن سان پورو پورو نباهي ٿي. نرمل کي سنڌي ٻوليءَ جي اُپ ڀاشائن جو ٻه پورو پورو گيان ٿو ڏسجي. اِنڪري ئي شڪارپوري، لاڙي يا اُتراڏي لفظن جي لهجن ۽ اُچارن سان پورو نباهي سگهيو آهي. ٿوري ۾ اِئين چئجي ته نرمل جا ايڪانڪي ناٽڪ سنڌي ساهت ۾ اِضافو آهن - هڪ سنو اِضافو، ته وڌاءُ نه ٿيندو.

(''وڃون وسڻ آيون'' ايڪانڪي ناٽڪ)

✍ مينا روپچنداڻي

واسديو 'نرمل' جو ٻال ساهتيه

واسديو نرمل ننڍن ۽ ڪشور ٻارن لاءِ اهميت ڀريو ٻال ساهتيه لکي سنڌي ٻوليءَ سان وڏو وڙ ڪيو آهي. ٻار سماج جو اَهم حصو آهن. سندن نازڪ جذباتن کي ظاهر ڪرڻ ۾ واسديو نرمل ڪامياب ٿيو آهي. هن سنڌي ٻال ساهتيه ۾ ٻه ڪهاڻي سنگرهه جوڙيا آهن. (١) 'اَمان توکي خبر آهي؟'' ١٩٨٢ ۾ ۽ (٢) ''مون کي چار پڇ ... ڙي'' ٢٠١١ ۾.

'اَمان توکي خبر آهي؟' ۾ سڀ مونولاگس شامل آهن، جنهنجو عالماڻو مهاڳ پروفيسر پوپٽي هيراننداڻيءَ لکيو آهي ۽ چوي ٿي، ''واسديو

واسديو ’نرمل‘ نظم سان گڏ نثر تي بہ قلم هلايو آهي. هن تنقيدي ليک لکيا آهن، تہ ناٽڪ بہ لکيا آهن. سندس ڪي ناٽڪ اَصلوڪا ايڪانڪي آهن تہ ڪي وڏا ناٽڪ، ٻين ٻولين تان اُلٿو ٿيل آهن، جي اِسٽيج تي بہ ڪامياب ويا آهن. اَهڙيءَ طرح هو نظم نويسن سان گڏ ناٽڪ نويسن جي اَول صف ۾ ڳڻيو آهي.

(ناٽڪ ’مِس ريٽا‘)

✍ مدن جُماڻي

’نرمل‘، سنڌي رنگ منچ جو هڪ سانتيڪو، پر محنتي سپهہ سالار آهي. شاعريءَ کانپوءِ، سنڌي ناٽڪ سان، ’نرمل‘ کي بيحد پيار آهي. هوُ نہ صرف سنڌي ناٽڪ لکي ٿو، پر گجراتي، مرهٽي، بينگالي، هندي ۽ اَنگريزيءَ ۾ ٿيندڙ ناٽڪ ڏسڻ ڪري، اَڄ جي ناٽڪ جي ’ٽيڪنيڪ‘ جي بہ پوري ڄاڻ رکي ٿو. اِهو ئي سبب آهي جو ’نرمل‘ سنڌي رنگ منچ کي ڏهہ ٻارهن ڪامياب طويل ناٽڪ (ٻين ٻولين تان اُلٿو ڪيل) ڏنا آهن، جن ۾ ’هيءُ پياسو من منهنجو‘، ’پلئہ پلي‘، ’جڏهن مان نہ هوندس‘، ’هڪ ... ٻہ ... ٽي ...‘، ’رات جو ٻارهين بجي‘، ’پيار ڪري ڏس‘، ’ضرورت آهہ جوءِ جي‘ سنڌي رنگ منچ جا يادگار ناٽڪ آهن. هڪ اُمنگہ ڀرئي ناٽڪڪار جيان، ’نرمل‘ ناٽڪ لکڻ بعد گهر وجهي آرام نہ ڪندو آهي، پر، سندس ناٽڪ ڪيترين مشڪلاتن ۽ مصيبتن مان پار پئي، اِسٽيج تي پيش ٿئي ٿو، اُنجو درجي بہ درجي، هوُ جائزو وٺي، هر ناٽڪ کانپوءِ هڪ قدم اَڳتي وڌڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. نہ صرف ايترو پر، ناٽڪ کي پنهنجي ٻار جيان پائيندي، اُن لاءِ ڪوبہ مشڪل ڪم ڪرڻ لاءِ هميشهہ تيار رهندو آهي.

’نرمل‘، نہ صرف دنيا ڀر مشهور ۽ ڪامياب ناٽڪن کي سنڌي جامو پهرائي، سنڌي ساهتيہ ۽ ڪلا سان وڙ ڪيو آهي، پر ساڻ ساڻ هن ڪيترائي اصلوڪا ايڪانڪي ناٽڪ بہ ريڊيو ۽ رنگہ منچ لاءِ لکيا آهن.

(ناٽڪ ’مِس ريٽا‘ تان)

✍ سندر اَڪناڻي

ڪامياب رچناڪار اُهو آهي جنهن جون رچنائون عام ٻارڪن کي ٻارڻ ڏانهن ڇڪن. خوشيءَ جي ڳالهه آهي ته سنڌي اَدب ۾ اَسانجي دوست واسديو نرمل کي اِها ذات مليل آهي ته سندس رچنائون پڙهندڙن کي متاثر ڪن ٿيون. پوءِ ڀلي اُها شاعري هجي، ترجمو يا اُلٿو ڪيل ناٽڪ هجن، اصلوڪيون ايڪانڪيون هجن، مضمون يا ٻال ڪهاڻيون ۽ ٻال ڪوتائون هجن. هونئن ته نرمل هڪ جهونو ۽ پختو شاعر آهي، پر هن حساس دل شاعر ٻال رچنائن تي به خوب قلم آزمائي ڪئي آهي. گهڻا سال اَڳ هن ٻال ساهت ۾ هڪ نئين صنف مونولاگ جي شروعات ڪئي ۽ اَڙٻنگه جي لڪل نالي سان لکندي، 'هن ''اَمان، توکي خبر آهي؟'' نالي هڪ ڪتاب به ڇپائي پڌرو ڪيو، جنهن جي ڪافي ساراهه ٿي هئي.

۽ هاڻي ڪافي وقت جي وڇوٽيءَ کانپوءِ هو وري ٻال منووگيان واريون وندرائيندڙ ڇهه ڪهاڻيون کڻي سنڌي ٻارڪن جي سامهون آيو آهي. ڪيس داد ڏيڻ کانسواءِ رهي نٿو سگهجي ته هو سنڌي اَدب جي هن دؤر ۾ به ٻال ساهت جي ڪمي پوري ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي.

(ٻال ڪهاڻين جو مجموعو 'مون کي چار پيچ ڙي')

OOO

رباعيون

✍ واسديو نرمل

شڪ جي دريا ۾ مفت غلطان ٿيس،
ايمان ڇڏي مفت بي ايمان ٿيس،
هُت وار سنوارڻ ۾ تون مشغول هئينءَ،
هِت چا چا سوچي مان پريشان ٿيس.

O

جئن چنڊ جي ٿي سوٽهن وڏي بادل سان،
گوري! وڏي ٿي سونهن اِئين آنچل سان،
پر نازڪ منهن تي نه لڳي جو وجهه بار،
ڍڪيو جي اَٽئي چهرو ته ڍڪ ململ سان.

نرمل ٻال ساهت ۾ ڪوٽ جي پورائي ڪئي آهي.“

هنن مونولاگس جي خوبي هيءَ به آهي ته ٻار ڏنل، ٻڌل ۽ محسوس ڪيل مواد پنهنجي ڇهين حواس سان گڏ اَمان ڪي اِئين تو هڏائي جڻ هو اَمان جو بابا آهي. چوٽي آهي ’ڪڏهن مان پٽ اَبي جو، ڪڏهن اَبو پٽ منهنجو.‘ واسديو نرمل هنن ٻال ڪهاڻين ۾ جانورن، پکين، پوتن، ڏهه سسئي راوڻ، ٻال راندين، ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين جي راندين، ڏڻن، ڱيان، پيرمن ۽ سنسن بابت سرل سهج سپاويڪ ٻوليءَ ۾ نئيا نئيا جملا ٻال ڪردار کان چوارايا آهن. هيءَ آڪاٽيون لوڪ گيتن، چوڻين ۽ پهاڪن سان سينگاريل آهن. هيءَ ڀهڱٽيون ڪهاڻيون ٻارن کي ڪلائي، پرپائي سيکارين ٿيون.

هيءُ تجرباتي مونولاگ حقيقتن تي آهن. ٻال مانسڪتا جا تاثرات ۽ انهن جا رد-عمل به آهن. ٻارن کي ڪشش ڪندا ڇاڪاڻ جو ليکڪ جي شاعراڻي فن ڪري شاعراڻي پرواز سان گڏ آهن.

’مون کي چار پڇ .... ڙي‘ ؛ واسديو نرمل اُستاد شاعر ۽ ناٽڪ نويس طور سنڌي ساهتيه جي دنيا تي ڇانيل آهي. هن ليکڪ جا ٻال ناٽڪ رنگ منچ ۽ آڪاشواڻيءَ تان عام ماڻهن تائين پهچي چڪا آهن. هن آزمودگار ليکڪ ۽ شاعر جي قلم مان سرل ۽ سليس سنڌيءَ ۾ ’اَمان توکي خبر آهي؟‘ ڪانپوءِ ٻارن لاءِ ’مونکي چار پڇ ... ڙي‘ ٻال ڪهاڻين جو ڱتڪو شايع ٿيو آهي. وندر ۽ سکيا سان ڀرپور هيءُ ٻال ڪهاڻيون علحدن علحدن وشين بابت رسيليءَ عبارت ۾ لکيل آهن. هنن ڪهاڻين ۾ هن ليکڪ ڪي خاص اصطلاح ۽ پهاڪا اَهڙا لکيا آهن جو ٻارن جي زبان تي جلد چڙهندا ۽ ياد پوندا. هو اُهي دهرائي مزو ماڻيندا ۽ سِکندا. جيئن ته ’ٻه ٻه ويون ته ڇهه ٻه ويون، مڇي ماني ڪاڻ، عضو پي وڃڻ، منهن جو پنو لهڻ، ڪنڌ جا جهاز ٻڏڻ، رت ڪٽورو ڏئي پت ڪٽورو وٺڻ، هاٿيءَ کي مڻ ته ڪئليءَ کي ڪڻ ڏيڻ‘ وغيره. ليکڪ اصطلاح جي چونڊ وقت به ٻال وندر ۽ سکيا جو اونو رکيو آهي.

واسديو 'نرمل'

✍ تاجل بيوس

هري دلگير جو ليک پڙهيو هيم تہ واسديو نرمل پيشي جي لحاظ کان هڪ اِنجنير آهي، پر هڪ ئي جسم ۾ رهندڙ هڪ اِنجيئر ۽ ٻيو شاعر جڻ تہ هڪ ٻئي کي سُڃاڻن ئي ڪونہ. نرمل تاجيءَ پُيٽي سنڌي آهي، جيڪو بنيادي طور غزل‌گو شاعر آهي. مون ڪيس ٽن ڏينهن واري سيمينار ۾ ڏٺو ۽ اِنڊو-سنڌ مشاعري ۾ بہ ٻڌم. ان کان وڌيڪ جيوت چاولا جي گهر ۾ ساڻس ڪيل روح رهاڻين مان خبر پئي تہ نرمل هڪ سنو ٻال ساهتڪار ۽ ناٽڪ نويس بہ آهي، هن کان اَڳ مون وٽ سندس سُڃاڻپ فقط هڪ شاعر جي حوالي سان هئي. ڪيڏو نہ سنو ٿئي، جيڪڏهن هند-سنڌ ۾ هر سال اَدبي ميڙا مچايا وڃن ۽ اَسان هڪ ٻئي کي اَجان ٻي اَدبي تور-تڪ جي لحاظ کان وڌيڪ سُڃاڻي وٺون.

مون وارو نرمل (جنهن کي اَندر ۾ وهاري مان سنڌ ڪٽي آيو آهيان) ڏاڍو مانيٽو ۽ گهٽ ڳالهائوُ انسان آهي ۽ هر وقت چپڙن تي مرڪون ڪيڏائيندو رهندو آهي. سندس چهري تي سانت جو نگر تہ آباد هو، پر سندس ڳلن واريون مرڪن-ريکائون ڪير بہ نٿي لڪائي سگهيو. نرمل جي چپ چپات جي پنيان سنڌيت جو هڪ اَٿاهہ سمنڊ هو، جنهن جي هر لهر کي لڪين لباس هئا.

واسديو نرمل جا سوکڙيءَ طور ڏنل ڪتاب 'سس ڙي سس' ۽ 'هائي هات' ساهہ ۾ سانديي رکيا اَٿم. 'هائي هات' ۾ کي اَهڙا غزل بہ آهن، جيڪي نرمل کي شاعرن جي پهرين قطار ۾ اَچيو ٿا بيهارين. منجهن اَهڙا تہ سگهارا اَدبي قدر آهن، جو پڙهڻ سان وهوا نڪريو وڃي.

OOO

كونج جي گونج جاري رهي ....

With Best Compliments From

رتنا گوديا ’رولاڪ‘

هيءَ سنڌي لپي آهي عربي ڪئن ٿي،
هيءَ پنهنجي لپي آهي، ڌاري ڪئن ٿي.
عربيءَ ۾ اکر صرف اٺاويهه آهن،
پوءِ ٻاونَ اکري هيءَ عربي ڪئن ٿي؟

- واسديو ’نرمل‘

گھڻپاسو شخصيت واسديو نرمل

✍ گوپال ٺڪر

اڄ جي سنڌي شاعريءَ جي انجمن ۾ قولهہ وجهبي تہ تري آيل، جن شاعرن جا تجلا اکين تي پوندا، انهن مان هڪ آهي واسديو نرمل. سنڌ ڄائو شاعر واسديو نرمل بهومکي اَدبي شخصيت آهي. اَدب هڪ فن آهي. هو اَديب آهي، فنڪار بہ آهي. شاعريءَ سان گڏ ناٽڪ جي فيلڊ ۾ جاودان ڪوشش سان زمين کيڙي اَهڙي وڏڪار ڪئي اَٿائين، جنهنجي چانوَ ۾ سنڌي اَديب ۽ جاتي سندس آجيان ڪئي آهي. هو هن کيتر ۾ پريا ٣٥ سالن کان سرگردان رهيو آهي. ڊراما لکيا اَٿائين، ترجمو ڪيا اَٿائين ۽ پلي پڻ ڪيا اَٿائين، جا واحد حاصلات سڪون ڏيندڙ آهي.

واسديو نرمل منهنجن ويجهڙن اَديبن مان آهي. هو بمبئي سنڌي اَدبي منڊل جو جنرل سيڪريٽري آهي. هي منڊل (ايم. يو. ملڪاڻيءَ جي صدارت ۾ هلندڙ) ڪجهہ ڏهاڪيون بند رهيو پر پوءِ مون نرمل سان مشورو ڪري وري وجود ۾ آندو. ڊا. اَرجن سڪايل اُن جو صدر آهي. اڄ تائين اَٺِيتيون بينڪون ڪري چڪا آهيون. نرمل کي عيسوي سنہ ٢٠٠٨ ۾ مرڪزي ساهت اَڪادمي پنهنجي اعزاز سان کيس نوازيو. بنيادي طور نرمل واسديو هڪ پڪو پختو سنڌي شاعر آهي. چند وديا ۽ علم عروض جي ڄاڻ رکندڙ آهي، آيا اَهڙا ڪوڙا فيصلا بين اَديبن بہ ٿنا آهن، جو سندس شاعريءَ جي ڪتاب کي نہ چونڊي، ناٽڪن جي انتخاب 'وڃون وسڻ آيون' انعام لاءِ چونڊيو ويو. انعام جي پڌرائيءَ وقت هو صاحب اَميريڪا ۾ هئو. واپس ورڻ ڏينهن اوچتو 'برين اِسٽروڪ' جي ڪري علاج لاءِ رهي پيو. مون سان سنو رابطو هئڻ ڪري فون تي پيو اَحوالي ڏيندو هئو. ان دؤران فون آيو (جڏهن هي خوشخبري ڏيڻ لاءِ مون کيس بہ ٽي ڀيرا فون ڪيو هئو. هر هر ڪنهجي پئي ويو) فون تي سندس پتني هئي. مختصر ۾ احوالي ڏيڻ کان پوءِ کيس انعام جي خوشخبري ۽ واڌايون ڏنم. سُرهي ٿي نهايت ڀاوڪ ٿي ويئي. چيائين، تون پاڻ نرمل کي هيءَ خبر ٻڌاءِ. (مون محسوس ڪيو تہ سندس اکيون آليون ٿي ويون هيون.) هي وچ اُڪامڻ جهڙي خبر ٻڌي نرمل ڀاوڪ ٿي ويو. (کيس ڳلي جي تڪليف هئي، ڳالهائڻ ۾ دقت هئس) اَڏ منت ڪڻ ترسي ڳالهايائين. هو نهايت ئي خوش هئو. هن بہ-ٽي دفعا منهنجا شڪرانا مڃيا ... سندس آواز کُلي پيو! پوءِ سٺي آواز سان ڳالهائيندو رهيو.

پنهنجي سنڌي ٻوليءَ کي

نہ وِساريو !

ٻل تعليم ڪهڙيءَ بہ ٻوليءَ - ڀاشا ۾ وٺو پر سنڌي ضرور پڙهو. اهو نيم ناهي ڇڏيو تہ صبوح جو سنڌي اخبار ضرور پڙهڻي آهي. پنهنجي موبائيل - IP ۾ سنڌي ميوزڪ - گانا ڀريو .... اِئين ڪرڻ سان توهان پنهنجين پاڙن سان ڳنڍيل رهندا. توهان جا وڏا - بزرگہ - اَبا ڏاڏا ضرور سنڌيءَ ۾ پڙهيا هوندا. اُهي بہ توهان کي آسيس ڏيندا. ٻہ رپيہ ۾ هاڻ سنڌي اخبار ٿي ملي. سڄو گهر نظر مان ڪڍي سگهي ٿو - پڙهي سگهي ٿو.

- ” مُڪيش “

ملائي غزلن ۽ گيتن کي زنده رکيو آهي. نہ محض ايترو پر ڪيترا گيت سنڌي فلمن ۾ گهڻن جيان پازيب ٻڌجي چمڪيا آهن ۽ عوام جون دليون لرزايون آهن. سدا حيات هري موٽواڻي سندس غزلن جو 'ديوان' اشاعت ڪرڻ جي پڌرائي ڪئي هئي.

نظم جي هڪ ٻي صنف 'رباعيون' جي وضاحت ۾ چوڻ چاهيندس تہ عمر خيام هن کي زمين ڏني. سنڌي شاعريءَ جي آفتاب تي غزلن انتهائي ڏوم مچائي آهي بنسبت رباعين جي. واسديو نرمل ٻي نظير رباعيون ڪٿي مخاطب ٿيو آهي:

(۱) ڪرانتو آهي قطرو شبنم جو،
هڪ مينهن ڦرو وقت تي آهي ڪم جو.
آهي اٿاهہ پاڻي ساگر ۾ پر،
جي اڄ نہ مٽائي ٿو، تہ ڪهڙي ڪم جو.

ساگر کي ڏوراپو ٿو ڏئي.

(۲) شڪ جي درياهہ ۾ مفت ۾ غلطان ٿيس،
ايمان ڇڏي مفت ٻي ايمان ٿيس،
هُت وار سنوارڻ ۾ تون مشغول هئينءَ،
هِت چا چا سوچي مان پريشان ٿيس.

سدا حيات اندر پوچواڻي 'تنها' جو مقبول شاعر هئو. سنڌي شاعريءَ ۾ ان کي آسمان ڏنو. ان ڪانپوءِ گهڻن شاعرن قلم طبع ڪري پاڻ موکيو، ان ۾ نرمل واسديو اڪيلو نہ آهي. تنها ڪيس آماده ڪيو. تنها ڏسڻ ۾ هڪ ست آهي، در اصل ٻن سِٽن جو جڙاو آهي. نرمل واسديو جا رچيل ڪجهہ تنها ڏسو:

(۱) جيڪو ميڪاري پيو، مِڪي پيو سو پاڻ!
(۲) سوپ جا آهن سؤ پتا، هار تہ آهہ انات!
(۲) آهہ ٻنهين لاءِ لازمي، ٽئڪس هجي يا موت!

ٽئڪس ۽ موٽ جو فڪر نواڻ ڏانهن موڙي ٿو.

واسديو نرمل سنڌي نظم جي هر صنف تي خوب شعر چيو آهي، اُن ۾ بہ ڳالهيون نہ آهن.

OOO

نرمل جي وري آمريڪا وڃڻ کان اَڳ ڪن اَديبن جي گڏجاڻي رکيسين. مون ڪويتائون پڙهيون، پاڻ ڪجهه ڪويتائون پڙهي ٻڌايائين. شپ ڪامنائن سان ڪيس وداع ڪيوسين. سندس آپريشن ١٦ ڊسمبر تي ٿي ويو هوندو. هن شاعر تي سائين ضرور ٻاجهه ڪندو. وڃڻ کان اَڳ مون کي پنهنجون تازه تحريرون ڏنائين جي هن ورجينا ۾ تخليق ڪيون آهن. جنهن ۾ هڪ نئين صنف 'ڏيڍڪ' آهي. سندس چوڻ موجب سنڌي اَدب ۾ اِها سندس دين آهي. جنهن جي حئيت ۾ ڏيڍ مصرا هئڻ ڪري، انجو نالو ڏيڍڪ رکيو اٿائين، جنهن ۾ پهرين مصرا اَڌ آهي، جنهن ۾ ١١ ماترائون ٿين. ٻي مصرا پوري هڪ سٽ آهي، جا ٻه ٻن اَڌن ۾ هئڻ ڪري پهرين اَڌ ۾ ١٣ ماترائون ۽ ٻئي اَڌ ۾ ١١ ماترائون ٿين، جنهن ۾ پنهنجو فڪر پيش ڪرڻو ٿئي. هڪ ڏيڍڪ هيٺ پيش آهي، جنهن ۾ سندس شعور سنڌي زبان، شاهه ۽ ويران ڌرتيءَ کي ڪٺي آيل آهي - جستجو جاري آهي.

اَڄ جي زندگيءَ جي نئين مفهوم جي تربت ۾ هڪ فلسفو ٿو پيش ڪري، جنهن ۾ اَڄ ۽ سڀاڻي جي هڪ اَلڳ سُڃاڻپ سان ٿو اَچي.

سڀاڻي ٿيندو ناهه
سڀاڻو ايندو ته اَڄ ٻڻجي ايندو آهه.

هي ڪجهه ڏيڍڪ ماڻيون جنهن ۾ سندس نئون نظريو ساگر جي عميق ۾ غوطا هڻي نوان صدف ڇهي ٿو.

(١) ڌرتي ۽ آڪاس
ڪيڏا آهن دور ته به، اُفق ته ڪيڏو پاس.

(٢) طوطن سَنڌي تنوار
ڇڻ ڪنوينٽ ۾ پيا رٽين اِنگلش سنڌي ٻار.

(٣) تارا ناهن مور،
پڪ آهن آڪاس جي سيني ۾ ناسور.

(٤) ڪڏ تي چندرمکي
مر اُپ، هر ڪڏ ڏي دکي، ٿيو چڪور دکي.

(٥) ڪاڻو آهي ڪانءُ
ٻن اکڙين جي ڊونگ به ڏانءُ ڪپي ٿو ڏانءُ.

واسديو نرمل شاعريءَ ۾ گهڻو ڪري هر صنف ۾ موزون شعر چئي، سنڌي اَدبي مخملي غاليچي تي اَڻڳڻيا شعر وڇايا آهن. جن ۾ غزلن جو انداز وڏو آهي. حال جي ڪيترن ڳائڻن پنهنجي مني آواز کي سازن سان

ساھتڪار - واسديو نرمل

✍ هري موٽواڻي 'سنڌي'

واسديو نرمل جو ھڪ شعر آھي :

زلي ٿو جو ساحل تي، ڪوڏيون ٿو پائي،

ٽُٻي ٿو جو ساگر ۾، موتي لھي ٿو.

مان ڪوشش ڪندس جيئن نرمل جي جيون ساگر مان چند موتي چونڊي اوھان اڳيان پيش ڪريان.

واسديو نرمل سان منھنجي ٽيھن سالن جي دوستي آھي. سندس شعرن جو پھريون ڪتاب 'منھنجا سُر ۽ تنھنجا گيت' مون ئي ڇپايو ھو. مون ان ۾ لکيو ھو تہ نرمل ھن مشيني يگ جو ڪامپيوٽر شاعر آھي، جنھنجي سيني ۾ ڌڙڪندڙ دل آھي!

واسديو نرمل ٽن جزن جو مرڪب آھي : پھريون واسديو، ٻيو ماڌوُ ۽ ٽيون نرمل! سندس پورو نالو واسديو ماڌؤ نرمل آھي. ساڳيءَ طرح ھو ساھت ۾ ٽن جنسن جو سنگم آھي : شاعر، نقاد ۽ ناٽڪ نويس. ھو نظم ۽ نثر جو ماھر اديب آھي. سنڌي ٻوليءَ کانسواءِ مراٺي، گجراتي، ھندي، اُردو، انگريزي ۽ سنسڪرت ساھت جو پڻ اَيياسي آھي. ھن سنسڪرت جون ڪجھہ ڪلاسڪ ڪوتائون سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪري تعريف حاصل ڪئي ھئي. ساھت اڪادميءَ لاءِ مرھٽيءَ مان سنڌيءَ ۾ ڪھاڻيون ترجمو ڪيائين، جنھن ڪتاب تي کيس ترجمان جو ڏھہ ھزار اِنعام مليو. اھڙيءَ طرح ھن ڪيترين ٻولين جا ناٽڪ سنڌيءَ ۾ اُلٿو ڪيا ۽ رنگ منچ تي نالو ڪڍيائين. سندس اُلٿو ڪيل ناٽڪ 'ھيءَ پياسو من منھنجو' درشڪن ڪان اَجان تائين نہ وسريو آھي. چيخوف جو روسي ناٽڪ 'لوور ڊيپٿس' سنڌيءَ ۾ 'پاتال' نالي سان ڇپايائين جنھن تي کيس سوويت-يارت دوستي پرسڪار حاصل ٿيو.

واسديو نرمل بنيادي طور غزل گو شاعر آھي پر ھن شاعريءَ جي ٻين صنفن ۾ بہ قلم ھلايو آھي. گوبند مالھي ھن لاءِ لکي ٿو :

گذريل ٽورن سالن ۾ 'نرمل' سنڌي شاعرن جي صف ۾ پنھنجي لاءِ ڪافي سٺي جڳھہ جوڙي ورتي آھي.. ھن گوناگون شعر چيا آھن - گوناگون

دي نوجيون ڪوآپريٽو بئنڪ لميٽيڊ

ESTD. 1985

THE NAV JEEVAN CO-OP. BANK LTD.

Head Office: Bhawani Saw Mills Compound, Ulhasnagar-3. ☎: 2721052 / 2568541 / Fax 2567523
Visit us at: www.navjeevanbank.com

Main Branch :
Bhawani Saw Mills Compound, Ulhasnagar - 421 003. Tel.: 2560396/ 2566435 / 2705401 / 2568541

Ulhasnagar-1 Branch
Gur Plaza, 1st Floor, Opp. Police Station, Ulhasnagar 1
Tel.: 2708291 / 2721055

Siru Chowk Branch :
Akashdeep Shopping Tower, Chellaram Market, Ulhasnagar - 2.
Tel. No. 2721051 / 2708215

Chopra Court Branch :
Sadoromal Complex, Near Turning Point Hotel, Ulhasnagar-3.
Tel. 2706493/2721054/2732340

Fountain Branch :
Rattan Chambers, 1st Floor, Near Rattan Soap Factory, Ulhasnagar-421004.
Tel. 2581929 / 2721050

Ulhasnagar - 5 Branch
Nav Jeevan Complex, Gurunanak Bazar, Ulhasnagar-5.
Tel. 2531430 / 2526060

O.T. Section Branch :
Saibaba Educational Trust, Sai Bhawan, O.T. Section, Ulhasnagar - 421 003.
Tel.: 2712072

Kopri Colony, Thane (East)
Krishna Niwas, Chhatrapati CHS Ltd., Sadhu Vaswani Nagar, Kopri Colony, THANE (EAST)
Tel. 25323513 / 25323675

Our Bank has tie up payable at par cheque arrangement with Axis Bank Ltd. & DD arrangement with IDBI Bank Ltd., Bank of Baroda & SBI.

Our Bank has entered into arrangement with Bajaj Allianz General Insurance Co. Ltd. for Life Insurance as well as General Insurance cover. We provide Franking Service at our Main Branch & Thane East Branch.

We have also started PAN Card Sérvices in tie-up with UTI Technology Services Ltd. at our Main Branch at Govt. prescribed rate.

Save Today for Better Tomorrow

Customers Service is our Motto

ATM FACILITY • MOBILE BANKING

دلڪش نظارا حسن جا اَنگل تہ در ڪنار،
ڪنهن پار ڪي چمڻ جي بہ فرصت نٿي ملي.
- يا -
روٽيءَ جي بلي وقت وٺامي ٿو وڃي،
فرصت ذرا ملي تہ محبت بہ ڪجي.

پوءِ بہ واسديو نرمل 'نيتردان' جهڙي آزاد نظم لکي جيڪا ٢٦ جنوري پرجاوادي ڏينهن تي ڀارت جي چوڏهن ٻولين ۾ ترجمو ٿي، آڪاشوائيءَ تان پڌائي ويئي.

نرمل جي مقبوليت جو هڪ راز اهو بہ آهي تہ هو شعر ۾ سرل سپڪ ٻولي اِستعمال ڪندو آهي، جنهن سبب ٻائڻ وارن کي هبڪ يا اَٽڪ ڪانہ ٿيندي آهي. سندس غزلن بابت، سنڌي ٻوليءَ جو ماهر ۽ لکل لعل، جيوت چاولا، ''ٻالهيون دل جون'' ۾ لکي ٿو : سنڌي غزل جي کيتر ۾، جن آڱرين تي ڳڻڻ جيترن شاعرن پاڻ موکيو آهي، واسديو نرمل کي انهن جي پهرينءَ صف ۾ شمار ڪري سگهجي ٿو. سندس هڪ غزل جي مقطع پڙهي ڏسو :

جوڙي نوان روپڪ نرمل،
سنتي غزل کي ڏي ڪو موڙ.

جيوت چاولا نرمل جي واقفيت ٿورن ۽ چيدن لفظن ۾ ڏيندي لکي ٿو: اَکين تي نظر جو چشمو، چپن تي مرڪ، سنڌيت ۽ سنڌي ٻوليءَ جو ڪوڏيو ناٽڪ نويس ۽ شاعر واسديو نرمل جي اَنگ اَنگ مان اَجان تائين سنڌ جي مٽيءَ جي سڳنڌ پيئي اَچي. جهڙو سندس تخلص نرمل، تهڙو ئي سندس سڀاءُ سيتل ۽ نرمل!

مان ليڪن ڪڏهن ڪڏهن واسديو جي نرمل سڀاءَ تي ڪاوڙبو آهيان. اَهڙي نرملتا بہ ڪهڙي ڪم جي، جو، ماڻهو منهن تي طنز جو چٽو ڪري ۽ پاڻ بينو مرڪجي؟ اَهڙن موقعن تي بہ واسديو - نرمل ئي رهندو آهي!

مان واسديو نرمل جو وڏي ۾ وڏو اَدبي ڪارنامو، سندس ٻال منووگيان تي لکيل اَدب لطيفن کي مڃيندو آهيان، جيڪي شروعات ۾ ڪونج مخزن ۾ ڇپيا ۽ پوءِ ڪتابي صورت ۾ ظاهر ٿيا. اُهو ڪتاب - ''اَمان توکي خبر آهي؟'' ڪلا پرڪاش جي ''ممتا جون لهرون'' بعد ٻيو ٻال

وشين ٿي. هن غزل بہ چيا آهن تہ گيت بہ، نظم بہ چيا آهن تہ آزاد نظم بہ، وايون بہ لکيون آهن تہ رباعيون بہ. گنڀير شعر لکيا آهن تہ مذاقي بہ. هن ۾ سنگيت ڀاو گهڻو آهي، انهيءَ ڪري بحر وزن ۽ ماترائن سان چڱيءَ ريت نباهيندي، هن ڳائڻ لائق رچنائون لکيون آهن.

واسديو نرمل جيئن تہ شاعريءَ جي فن ۽ باريڪين کان واقف آهي، تنهنڪري هو جڏهن بہ ٻين شاعرن جي غزلن خواه ٻين رچنائن جو جائزو وٺندو آهي تہ فن جون خوبيون ۽ خاميون کولي ڏيکاريندو آهي. هن جو جائزو ۽ تنقيد جوڙجڪي هوندو آهي. هو ڪنهن بہ شاعر ۽ اَديب کي ننڍو يا بندرو ڏيکارڻ جي ڪوشش نہ ڪندو آهي.

ڪو وقت هو جڏهن نرمل بمبئيءَ مان ڪهي اُلهاسنگر ويندو هو جتي ڪلاڪن جا ڪلاڪ سگهن آهوجا جي صحبت ۾ گذاريندو هو. سگهن آهوجا کي شاعرن جو شاعر چيو ويندو هو ڇو تہ هو شاعريءَ جي فن جو اُستاد هو. واسديو نرمل هن بابت لکيو آهي : مان اَجان هاءِ اسڪول ۾ پڙهندو هوس تڏهن کان سگهن صاحب جي صحبت نصيب ٿي. جيڪو شعر لکندو هوس پهرين کيس ٻڌائيندو هوس ۽ هو صحتمند تنقيد سان ان کي بهتر بڻائڻ جون ڪارگر صلاحون ڏيندو هو.

هڪ دفعي نئين دنيا جي ڪوَر تي ڪرشن-راڌا جي چتر هيٺان نرمل جي شعر جون چار سٽون ڇپيون تہ سگهن آهوجا خط ۾ لکيس : مون انهن سٽن کي وري وري پڙهيو آهي. سٽن ۾ جڙت اَهڙيءَ خوبيءَ سان رکي اَٿيئي جو روانيءَ سان گڏ هلڪي موسيقي بہ اُڀري آئي آهي. ۽ تن ۾ بہ جا چوٿين سٽ چئي اَٿيئي : ”ٿي ٿي ٿيندو منهن ٿي ٻاڙهو، پڇي پڇي پڇندي هڪ چولي“ تنهن سٽ، شعريت جي خوبيءَ سان سڄي شعر کي جرڪائي ڇڏيو آهي.

واسديو نرمل بامبي ميونسپل ۾ سِول اِنجنيئر آهي. اُتي هن جو ڪم پٿرن، چن ۽ سيمينٽ سان وڏيڪ آهي. پر اُن سان گڏ هو لفظن جو پارکو بہ آهي. هوءُ پنهنجن غزلن، گيتن ۽ نظمن لاءِ عمدا ۽ چيدا لفظ چونڊي، انهن کي مائيدار بڻائڻ جو ماهر آهي.

نرمل ايترو مشغول ماڻهو آهي جو کيس لکڻ لاءِ فرصت ئي نہ ملندي آهي. تنهنڪري هو هلندڙ بس ۽ لوڪل ٽرين ۾ ئي وڌيڪ لکي سگهندو آهي. هو پاڻ پنهنجي مصروفتين بابت هڪ شعر ۾ لکي ٿو :

واسديو نرمل - ڪي يادگيريون

✍ موهن گيهاڻي

مون واسديو نرمل کي پهرين سڪول ۾ ڏٺو. مان نائين درجي ۾ هوس ۽ هو مئٽرڪ ۾. سڪول جي هال ۾ هڪ شاگرد اِسٽيج تي آيو ۽ ٻڌايو ويو تہ هو هڪ پنهنجي شاعري ٻڌائيندو. اُن وقت اَسان درسي ڪتابن ۾ شاعري پڙهندا هئاسين، جن جي ظاهري ۽ لڪل معنيٰ ماستر ٻڌائيندا هئا ۽ گهڻو ڪري سيني شاگردن اَهڙي ڪنهن شاعريءَ جي اُميد ڪئي ۽ برداشت ڪرڻ لاءِ تيار ٿيا. جڏهن هو ڏُبرو شاگرد اِسٽيج تان هيٺ لٿو تہ رسمي طور سيني کي تاڙيون وڄائڻيون پيون. پر سنڌس شاعريءَ کان جلد نجات ملي ۽ ماسترن اُن جي 'اندروني' معنيٰ سمجهائڻ جي ضرورت محسوس نہ ڪئي، اهو اَسان شاگردن لاءِ وڏو آٿت هو. اهو ئي هو منهنجو واسديو نرمل جو پهريون ساڪيات درشن!

اُن وقت سڪول جي ماهوار يا ٽہ-ماهوار مخزن نڪرندي هئي 'جوت'، جنهن جو ايڊيٽر هوندو هو ماستر ڪنعيالعل 'ڪان'. هو سڪول جي هوشيار شاگردن کي مخزن لاءِ ڪجهہ لکڻ لاءِ همٿائيندو هو. واسديو نرمل کي شاعر طور تسليم ٿيندو ڏسي ۽ پنهنجو نالو ڇاپي ۾ ڏسڻ جي لالچ ۾ مان پڻ ڪنعيالعل 'ڪان' وٽ هليو ويس شاعريءَ جون ماترائون سکڻ ۽ منهنجو هڪ اَڌياتمڪ شعر جوت ۾ ڇپيو. ڪجهہ وقت لاءِ سڀ آهوجا سنڌ ماڊل هاءِ سڪول ۾ ماستر ٿي آيو ۽ واسديو ڪانئس کي علم عروض جا وزن سکي ورتا! پر مان اَهڙي ڪا همت ڪريان، اُن کان اَڳوات ئي سڀ آهوجا سڪول ڇڏي چُڪو هو. مون علم عروض جا وزن، مفعولن، فاعلات، سڪول جي پَرشن ماستر کان سکيا. پر طبيعت جي سُستيءَ ڪري هر ڪنهن شعر جي تقطيع ڪرڻ کان مون شاعريءَ کي ماٺڻ کي وڌيڪ ترجيع ڏني.

مئٽرڪ پاس ڪري واسديو نرمل ڪاليج هليو ويو ۽ جڏهن مان ڪاليج پهتس تہ هو انجنير ٻڻجڻ لاءِ سانگليءَ هليو ويو. اُن وچ ۾ مان سنڌي ساهت منڊل ۾ وڃي شاعريءَ جهڙي ڏُکئي فن کان عار ڪري نثر طرف مُڙي ويس ۽ اُن دور ۾ ڇاڪاڻ جو هرڪو ڪهاڻي لکندو هو، مان پڻ ڪهاڻيون لکندو هوس.

واسديو جڏهن وٽڪيشن ۾ بمبئيءَ ايندو هو تہ اَدبي ڪلاس ۾ هن سان ملاقات ٿيندي هئي. اِئين اَسان جو ساڳئي سڪول جي شاگرد هئڻ جو رشتو هڪ قسم جي دوستيءَ ۾ تبديل ٿي ويو. هن دوران اَسان هڪ ٻئي سان خطن ذريعي

منووگيان تي ظاهر ٿيل ڪتاب آهي جنهنجا ٻه ڇاپا نڪري چڪا آهن ۽ اِنعام ٻه کٽي چڪو آهي.

سنڌيءَ جي بيباڪ ۽ ٻرسڌ ليکڪا پوپٽي هيراننداڻي نرمل بابت لکي ٿي : انسان جو من هڪ درياهه آهي ۽ من جا ويچار ۽ ڀاوَ ان درياهه جون ترنگون. شعر جي پدن ۽ بندن ۾ سمايل ويچار ڄاڻي اَسين شاعر جو من پڇاڻي وٺون ٿا.

آهي ڪو بانڪو، جو ڄاتيءَ جو آئيندو ٺاهي؟ سر جو سانگو لاهي؟

نرمل جي هيءَ پڪار سنڌيت جي هلچل جي پڪار آهي. نرمل چوي ٿو :

جن سنڌين لاءِ دنيا گهر، سي ڳولين ٺئون نواس، اَلاڙي، هيءُ ٻه زمانو آيو.

۽ جيوت چاولا سندس هڪ غزل جو مثال ڏئي ٿو :

”لڙڪن سان لکندو اِتهاس، سنڌين جو ٻي جوڙ تياڳ!“

جو شاعر، هن نموني سنڌيءَ جي دل جي ڀاوَن جي ترجماني ڪري ٿو، سوئي حقيقت ۾ سنڌي شاعر آهي. واسديو نرمل پنهنجي ٻوليءَ لاءِ قرب جتائيندي چوي ٿو :

’نرمل‘ گهڻيون ئي سهڻيون ٻوليون جهان ۾ آهن،
ڪجهه اوُر آهه، ليڪن، سنڌي زبان، سهڻا!

۽ هو ڪيترو نهٺو آهي، اُهو ٻه سندس ئي لفظن ۾ پڙهو :

ٿل آنءُ اِنهيءَ جي لائق ٿيان، جيڏي ٿو ڪرين واکاڻ، سڄڻ!

(مرڪ - جولاءِ- آگسٽ- ١٩٩٣)

(بشڪريه آڪاشواڻي)

OOO

رباعي ✍ واسديو نرمل

ڪن پيا اَکين اَکين ۾ اِشارا شايد،
پيا ٿا پرين ٿڌا شوڪارا شايد،
نڪرن ٿا روز رات جي اَنڌيري ۾،
سچا عاشق آهن، تارا، شايد.

لکڻ ۾ ڪافي مدد ڪئي.

واسديو جي سادگيءَ ناٽڪ جي ڪيتر ۾ هڪ حادثو پڻ پيدا ڪيو. سندس اُلٽو ڪيل ناٽڪ ڪنهن منڊليءَ سندس نالو ڏيڻ ڪانسواءِ پيش ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. پوءِ ته هڪ ٻئي ناٽڪ منڊلي جنهن ۾ موتي پرڪاش، آنند مٽائي، مدن جماڻي ۽ مان هئاسين، تن ساڳيو ناٽڪ واسديو نرمل جي نالي سان ٻه ڏينهن اڳوات پيش ڪري ڏيکاريو. اسان لاءِ اهو هڪ ليکڪ جي عزت جو سوال هو. اها هڪ ٻي ڳالهه آهي ته اڳتي هلي واسديو اُن منڊليءَ سان صلح ڪري ٻيو ناٽڪ ڏنو ۽ وقت پئي سڀ رقابتون / ويڇا ختم ٿي ويا. ها ناٽڪ ۾ اها ايڪتا پيدا ڪرڻ جي سگهه قائم آهي.

ناٽڪن ڪانسواءِ واسديو ڪيترن سالن کان ٻال منو وگيان تي پڻ دلچسپ ڪالم ڪونج ۾ ڏيندو هو. اهڙي نموني سندس 'اما توکي خبر آهي؟'، 'هائي هات' ۽ ويجهڙ ۾ ٻارن جون آڪاڻيون واسديو جي هڪ اهڙي ادبي ڏين کي ظاهر ڪن ٿيون، جن طرف نقادن جو ڌيان ئي ڪونه ويو آهي. هن ڪيتر ۾ سندس حاصلات لاءِ هڪ الڳ ليک جي ضرورت آهي.

هڪ ڳالهه جا واسديو جي گهٽن ئي دوستن ۽ گهڻگهرن کي پشيمان ڪندي آهي ۽ ڪڏهن چڙ به ڏياريندي آهي، اُها آهي سندس سادگي. سندس سادگي ۽ معصوميت جو گهٽن ئي اجوڳو فائدو ورتو آهي. جڏهن سادگيءَ کي هن ڏُرنگي دنيا جو دستور ڪمزوري ۽ ڦلهڙائي ڪري سمجهي ته سمجهه ۾ نه ايندو آهي، افسوس ڪنهن تي ڪجي. جڏهن ڪنهن سنگيت ڊائريڪٽر کي واسديو وٽ اچڻ گهرجي، اُتي واسديو پاڻ ئي اُن وٽ وڃي پهچندو - جڏهن ڪنهن پبلشر کي واسديو جي گهر جا چڪر ڪاٽڻ گهرجن، اُتي واسديو پاڻ ئي وڃي حاضر ٿيندو - جڏهن ڪنهن ناٽڪ / فلم جي ڊائريڪٽر کي واسديو جي خوشامد ڪرڻ کپي، اُتي واسديو پاڻ ئي پهچي کيس مدد ڪرڻ جي آڇ ڪندو. اهي سڀ ڳالهيون ڏسي ڪڏهن منهنجو ۽ سندس گهڻگهرن جو رت ٽهڪندو آهي، پر اهو ڏسي واسديو پاڻ ٽهڪ ئي ٽهڪ ڏيندو آهي.

مان دبئيءَ ۾ ٢٧ سال رهيس. واسديو سان ايترو رابطو نه رهيو، پر جڏهن گڏجي، لڳي ئي نه ته اسان جدا ٿيا آهيون. شايد شاهه لطيف اهڙي حالت لاءِ چيو آهي :

"ڪي اوڏا ئي ڏور، ڪي ڏور به اوڏا سُپرين"

○○○

پڻ رابطو قائم رکيو.

واسديو انجنيئر بڻجي واپس موٽيو ۽ مون پڻ پنهنجي زندگيءَ جي سفر جي شروعات ڪئي. مخزنن ۾ سندس شعر ڇپبا هئا ۽ ڪڏهن منهنجون آڪاڻيون / طنزون / ليک ڇپجندا رهندا هئا. سنڌي ساهت منڊل جو جائنٽ سيڪريٽري ۽ سنڌيت ۽ سنڌي لپيءَ جي هلچل جو هڪ سرگرم رُڪن بڻجي چڪو هوس. هلچل کي وڌيڪ وقت ڏيئي سگهندس اهو سوچي مون ايل.آءِ.سي. ڇڏي اچي ماستري ڪئي. ساڳئي سنڌ ماڊل هاءِ سڪول جي منجهند جي شِفٽ ۾، جتي ماڌيم انگريزي ۽ گجراتي هو ۽ سڪول جو نالو هو ماسٽرس ٽوٽوريل هاءِ سڪول. صبوح جي شِفٽ ۽ منجهند جي شفٽ جو مالڪ هڪڙو ئي هو ڏرمداس ڪتري، جيڪو سنڌي عربي لپيءَ جي هلچل جو سچ پچ ڪرنگهو هو.

سڪول ۽ واسديو نرمل جي بمبئي ميونسپالٽيءَ جي ’ڊي‘ وارڊ جي آفيس هڪ ٻئي کان اَٽڪل پنج سؤ فٽن جي مفاصلي تي. سو هڪ نيم ٿي ويو سڪول بند ٿيڻ بعد مان هليو وڃان واسديو جي آفيس ۽ ترت هو پڻ پنهنجو دفتر بند ڪري ۽ اَسان نانا چوڪ تي ورنداون ريسٽارنٽ ۾ اَچي چانهه پيئون. اُن وقت جڏهن اَسان کي ڪا گرل فرينڊ هئڻ گهربي هئي، ڪا محبوبا هئڻ گهربي هئي، ڪابه نه هئي - ٻئي اَڪيلا روح. پوءِ بمبئيءَ جا رستا. گهڻو ڪري ڳالهيون اهي ٿين ته ڪنهن جي ڪهڙي رچنا ڇپي آهي. يا ته نئين تيار ٿي آهي، يا ڪن ليکڪن ۽ ليکن بابت. اَلبت جڏهن واسديو چانهه ۽ ڪافيءَ سان گڏ ڊوسو پڻ گهرائيندو هو ته جاڻ پئجي ويندي هئي ته اَڄ واسديو ڪو نئون شعر رچيو آهي، جو ٻڌائيندو ۽ داد حاصل ڪندو. هن جي وارڊ ۾ گهڻيئي ٿئيٽر هوندا هئا تنهنڪري هن کي سيني فلمن جي پريمئر شو جون پاسون ملنديون هيون. اَسان ڪيترا پريمئر شوز گڏ ڏٺا. اهو پڻ عيش هوندو هو. شو جي رات واسديو منهنجي گهر رهندو هو. صبوح جو منهنجي ماءُ جي هٿ جي ڪوڪي ۽ چانهه جي نيرڻ ڪري آفيس طرف اُسهندو هو. منهنجو سڪول ته منجهند جو هوندو هو.

مان جڏهن ماستري ڇڏي ڪنهن ٻي ڪرت کي لڳس ته اهو سلسلو ٽٽي پيو. هن وچ ۾ واسديو ناٽڪن جو اُلٿو ڪرڻ شروع ڪيو ۽ موتي پرڪاش سان دوستي نباهڻ لاءِ مان پڻ ناٽڪن جي ريهرسل تي وڃڻ لڳس. ناٽڪ واسديو جو اُلٿو ڪيل هجي ته هو نيمائتو ريهرسل تي اَچي. مان ناٽڪ منڊليءَ جي خزانچيءَ طور پنهنجون شامون گذارڻ لاءِ ريهرسل تي وڃڻ لڳس ۽ اُن دؤران مون ناٽڪ جي باريڪين ۽ لکڻ بابت چڱي جاڻ حاصل ڪئي، جنهن اَڳتي هلي مونکي ناٽڪن

سنو شاعر - واسديو 'نرمل'

پوپٽي ر. هيراننداڻي

ورهاڱي کانپوءِ جن آڳرين تي ڳڻڻ جيترن شاعرن، سنڌي شاعريءَ ۾ قابل ذڪر يوڳدان ڏنو آهي، انهن ۾ واسديو 'نرمل' جو نالو وٺي سگهجي ٿو. ۱۹۵۲ کان لڳاتار سنڌي شعر جا گهڙا ڀريندو پئي رهيو آهي ۽ اڄا تائين لکي پيو.

انسان جو من هڪ درياهه آهي ۽ من جا ويچار ۽ ڀاوَ اُن درياهه جوُن ترنگون. شعر جي پدن ۽ بندن ۾ سمايل ويچار ۽ ڀاوَ ڄاڻي، اَسين شاعر جو من پڇاڻي وٺون ٿا. شاعر نرمل ڇا ٿو چوي؟

"آهي ڪو بانڪو، جو جاتيءَ جو آئيندو ٿاهي؟ سر جو سانگو لاهي؟"

نرمل جي هيءَ پڪار، سنڌيت جي هلچل جي پڪار آهي.

"جن سنڌين لءِ دنيا گهر، سي ڳولين نئون نواس. الاڙي، هيءُ به زمانو آيو!"

تڏهن هر سنڌيءَ جي دل ۾ هڪ آس لڪي ٿي. ۽ جو شاعر هن نموني سنڌيءَ جي دل جي ڀاوَن جي ترجماني ڪري ٿو سو ئي سنڌي شاعر آهي. تحقيق نرمل شاعر آهي ۽ صحيح معنيٰ ۾ اَسانجو سنڌي شاعر آهي.

واسديو نرمل جي شعرن جي پهرئين مجموعي 'منهنجا سر ۽ تنهنجا گيت' جو مهاڳ لکندي گوبند مالهيءَ بلڪل صحيح لکيو آهي، "نرمل جو سنڌي شاعري کيتر ۾ اَنوکو آستان آهي. ورهاڱي ۽ لڏپلاڻ جي ساهتيڪ اُٿان ۾ اُپرندڙ شاعرن جهڙو آنچل، ڪرشن راهي ۽ گووردن ڀارتيءَ جي صف جي پوئين ڪڙي ۽ اُن بعد نوَن شاعرن جهڙوڪ ڪومل، ايم. ڪمل، حاسد ۽ اِندر ڀوجواڻيءَ جي صف جي پهرين ڪڙي آهي. جئن ورهاڱي کان اڳ "ضيا" صاحب جهونن ۽ نوَن شاعرن وچ ۾ ڳنڍ هئو، تئن ورهاڱي بعد جي جهونن ۽ نوَن شاعرن وچ ۾ نرمل ڳنڍ رهيو آهي."

چوندا آهن ته شاعري هڪ ڏات آهي، ۽ اِن ۾ ڪو شڪ ڪونهي ته نرمل کي اِها ڏات عطا ٿيل آهي، پر اَوورچائيءَ سان، اُن ڏات کي جرڪائڻ ۾ هن ڪائي ڪسر باقي نه ڇڏي آهي. مان هريش دلگير سان بلڪل شامل راءِ آهيان، جڏهن هو لکي ٿو، "نرمل علم عروض ۽ ڇند ودِيا

ڪونج جي گونج جاري رهي ....

With Best Compliments From

Anand S. Ahuja

Special Executive Officer
Govt. of Maharashtra

1, "AMBER CROFT",

315, DR. AMBEDKAR ROAD,

KHAR (W), MUMBAI - 400 052.

Tel. (022) 2648 1464, 2648 3858

چوٽيون ۽ اِصطلاح بخوبي ڦٻايا آهن. جهڙوڪ :

''تنهنجو سو منهنجو'' ني آهه،
پر منهنجي کي هٿ نه لڳاءِ!''

(ص.٢٢ - ڳالهيون دل جون)

ماءُ ڙي ماءُ ڪامياب ٿيڻ!
سيني جي 'اَڪ پر ٿي پيا آهيون.'

(ص.٢٦، هائي هات)

شاعر تڏهن سنو شاعر ليکبو آهي، جڏهن هوُ جذبن جو اِظهار سهڻي نموني ۾ ڪندو آهي. پر هوُ سهڻي نموني ۾، تڏهن اِظهاري سگهندو آهي، جڏهن سندس ڪلپنا جي اُڏام بلنديءَ تي پهچندي آهي. نرمل ڪن ڪن ڳالهين کي اَهڙي تہ اَثردار نموني ۾ اِظهاريو آهي، جو پڙهندي ئي زبان مان 'واهه! واهه!' نڪري ٿي وڃي!

اَهڙن شعرن ۾ شاعر جي شعريت نکري اُڀري بيٺي آهي. جذبن جي پايل ڇم ڇم ناچ ٿي ڪري ۽ دل جي ڌڙڪڻ جڻ مڙدنگ وڄائي، تال پيئي ڏئي! ڪوئل پنهنجا ٻچا ڪانوَ جي آکيري ۾ ڇڏي ايندي آهي. ٻنهي جي صورت ساڳي ڏسي، ڪانويلي اُهي پنهنجا سمجهي، اُنهن تي آرو ڪندي آهي ۽ سر مٿر ڪوئل کي ملندو آهي. اَکين تي وهارڻ هڪ اِصطلاح آهي. اُن جو مطلب آهي عزت ڏيڻ، مانُ ڏيڻ. سر تي چڙهڻ بہ هڪ اِصطلاح آهي. پر اُن اِصطلاح جو مطلب آهي ٻئي کي دٻائڻ يا پاڻ کي ڪا چيز سمجهڻ. نرمل شاعر کي معلوم آهي تہ اَکين کان مٿيرو سِرُ آهي. اَکين ۽ سر جي جڳهه خيال ۾ آڻي، ٻئي اصطلاح، ٻنهي معنائن کي ڪٺي، تمام سهڻو سخن ٺاڻين ٿا. نہ رڳو اِصطلاح، پر هونئن بہ سادن سوُدن لفظن جو اِستعمال ڪري، نرمل سهڻا قابل داد سخن جوڙيا آهن. مثال :

ليون ڏني ڪو موتي ڳول،
ڪپ تي ويهي ڪوڏ نہ ميڙ!

(ص.١٩ - ڳالهيون دل جون)

ڪٽي وسڻ نہ لڳن ٻجليون!
اِنين نہ پنهنجا وار پکيڙ.

(ص.١٩ - ڳالهيون دل جون)

يعني ڪوتا جي ڪلا جو سنو اَپياس ڪيو آهي ۽ اِنڪري شعري فن جي داوَن پيچن کان بخوبي واقف آهي ... سني ۾ سني ڳالهه جا نرمل جي شعر ۾ مونکي نظر اَچي ٿي، سا اِها آهي تہ مٿس ڪنهن بہ اَڳئين يا هاڻوڪي وڏي شاعر جو نمايان اَثر ڪونهي. نرمل جيڪي لکي ٿو، سو نرمل جي ئي رنگ ۾ لکي ٿو، جنهن مان سندس ذاتي شخصيت جهلڪون ڏئي ٿي.''

واسديو نرمل شخص پاڻ جهڙو سادو سوُدو ۽ ايماندار آهي، تهڙو ئي سندس ٻولي سپڪ، سوادي ۽ سليس آهي. ڏسو ڪهڙي نہ سرل ٻولي ٿو ڪم آڻي :

''ڪڏهن چپ رهي ٿورو غم ڪانبو آ،
مگر وقتي منهن تي بہ ڦهڪائبو آ.''

(ص. ٧٢ - ڳالهيون دل جون)

شعر چوڻ لاءِ جيڪي لفظ ڪيس گهرجن، اُهي تز لفظ اَزخود هن وٽ اَچيو حاضر ٿين. ڪيس اُنهن تز لفظن جي ڳولا ڪرڻي نٿي پوي. مثال طور هيءُ شعر ڏسو :

''منهن مان نِي جهٽ سُڃاڻان، پنهنجا پراوا جنهن سان،
مونکي ڪا اَهڙي اَندر جي روشني کپي ٿي.
دريا جيان اُوهان وٽ، ڏن پيو وهي، مڃان ٿو،
ليڪن سخيِ ٿيڻ لءِ، دريا-دلي کپي ٿي.''

(ص. ٢٣ - منهنجا سُر ۽ تنهنجا گيت)

''دنيا ۾ جا غم سانديان،
ايڏِي وڏي دل ڏي، يا رب!''

(ص.١٦ - هائي هات)

''ڏسڻ ڪونہ آنين، مران ٿو، جيئان ٿو،
ٻڌيوسين، ٻڌيوسين، نياڻ جون ڳالهيون!''

(ص.٢٢، هائي هات)

روزمره جي ٻولي :

ٻول چال جي ڀاشا يعني تہ جنهن ٻوليءَ ۾ اَسان عام طرح ڳالهائيندا آهيون، اُن ۾ سنڌيءَ جا محاورا ۽ اِصطلاح عام جام اِستعمال ڪيا ويندا آهن. شعر ۾ پهاڪا ۽ اِصطلاح ڦبائڻ ڏاڍو ڏکيو ڪم آهي. پر نرمل پنهنجي شعر ۾ روزمره جي ٻوليءَ جو اِستعمال ڪندي، پنهنجن شعرن ۾

سنگيت مئہ گيت :

نرملؔ جي شعرن ۾ لئہ ۽ رواني ڪافي اَنداز ۾ آهي، جنهن ڪري، سندس شعر پوءِ اُهي گيت هجن، وايون هجن، نظمون هجن يا غزل - سيني ۾ لئہ نمايان ٿيو بيهي. مارچ ١٩٦١ جي نئين دنيا جي سر ورق هيٺ نرمل جون هيءُ چار سٽون ڇپيل آهن :

ڪرشن تنهنجيءَ پچڪاريءَ ۾ رنگ آهہ يا پاڻي آهي؟
ٻڌاءِ، راڌا! تنهنجي هٿن ۾ گلال آ، عنبير آ ڇاهي؟
ڇا بہ هٿن ۾ هجي اَوهانجي، اَڄ دل ڪولي ملهايو هولي،
ٿي ٿي ٿيندو منهن ني ڳاڙهو، پڄي پڄي پڄندي هڪ چولي!

اِنهن چئن سٽن بنسبت سرٻواسي سگن آهوجا هڪ خط ۾ نرمل کي لکيو هئو، ”مون اَلڳ اَلڳ ڏينهن تي اِنهن سٽن کي وري وري پئي پڙهيو آهي. جملن جي سٽن ۾ جڙت اَهڙيءَ تہ خوبيءَ سان رکي اَٿيئي، جو رواني ۽ Naturalness سان گڏ هلڪي موسيقي بہ اُيري آئي آهي ۽ تن ۾ بہ، جا چوٿين سٽ چئي اَٿيئي :

”ٿي ٿي ٿيندو منهن ني ڳاڙهو، پڄي پڄي پڄندي هڪ چولي.“

تنهن سٽ، شعريت جي خوبيءَ سان سڄي شعر کي جرڪائي ڇڏيو آهي. تنهنجو نالو نہ هجي ها، هينئان شعر جي، تہ مان اُن کي ’شيامؔ‘ جو شعر سمجهان ها.“ (ڏسو ص.۴، منهنجا سر ۽ تنهنجا گيت)

هندي ڪوي اَڪثر پاڻ کي اِستري روپ ڏيئي گيت لکندا آهن. نرملؔ بہ ڪيترن گيتن ۾ اِستري روپ اختيار ڪري، گيتن ۾ نزاڪت پيري آهي. اُنهن گيتن ۾ ناريءَ جي نازڪ دل جا نفيس جذبا بہ آهن تہ وڇوڙي جا ورلاپ بہ آهن. مثال طور هيءُ گيتن جا ٽڪرا ڏسو :

رُت ساوڻ جي آني ساجن، رُت ساوڻ جي آئي،
ساوڻ من ۾ آگ برهہ جي ويتر آ پڙڪائي،
ڪوني ڪاليداس نہ آهي، جيڪو مون تي ڪوتا ٺاهي،
مان بہ تہ توڏانهن بادل هٿ نياپا تي پنيان گهٽائي،
رُت ساوڻ جي آني .....

(ص.٣٥ - منهنجا سُر ۽ تنهنجا گيت)

ﻣﺘﻴﻦ ﺷﻌﺮﻥ ۾ ﻣﻨﻈﺮ ﻧﮕﺎﺭﻱ ﺁﻫﻲ. ﺷﺎﻋﺮ ﻗﺪﺭﺕ ﺟﻲ ﻧﻈﺎﺭﻥ ﺟﻮ ﻭﺭﻧﻦ ڪﻨﺪﺍ ﺁﻫﻦ. ﺳﻨﺎ ﺷﺎﻋﺮ ﺍِﻧﺴﺎﻥ ﺟﻲ ﺩﻝ ﺟﻲ ﺍُﻣﻨﮕﻦ ۽ ﺍَﺭﻣﺎﻧﻦ ﺟﻲ ﺭﻧﮕﻦ ﺟﻮ ﺑﻴﺎﻥ ڪﻨﺪﺍ ﺁﻫﻦ. ﻫﺮ ﺍﻭﭼﻲ ﻣﻌﻴﺎﺭ ﻭﺍﺭﺍ ﺷﺎﻋﺮ، ﻗﺪﺭﺕ ﺟﻲ ﻧﻈﺎﺭﻥ ۽ ﺍِﻧﺴﺎﻧﻲ ﺩﻝ ﺟﻲ ﭘﺎﻭﻧﺎﺋﻦ - ﺑﻨﻬﻲ ﺟﻲ ﺭﻧﮕﻦ ﺟﻲ ﺍُﭨﺖ ﺑﭽﺖ ﺍَﻫﮍﻱَ ﻃﺮﺡ ڪﻨﺪﺍ ﺁﻫﻦ، ﺟﻮ ﺑﻨﻬﻲ ﺟﻲ ﺗﺎﭼﻲ ﭘﻴﭽﻲَ ﺳﺎﻥ ﺟﮣ ﻫڪ ﺣﺴﻴﻦ ۽ ﻧﻔﻴﺲ ڪﭙﮍﻭ ﺍُﭼﻲ ﻭﻳﻨﺪﻭ ﺁﻫﻲ! ﻧﺮﻣﻞ ﻣﺘﻴﻦ ﭤﻨﻬﻲ ﻗﺴﻤﻦ ﺟﻲ ﻣﻨﻈﺮﻧﮕﺎﺭﻱ ڪﺌﻲ ﺁﻫﻲ. ﭘﻴﺶ ﺁﻫﻲ ﻣﺜﺎﻝ :

ﺍُﭖ ﺗﻲ ڪﻮﺭﻱ ﭼﻨﮉ ﺍُﺗﻲ،
ﮈﺍڪﺎ ﺟﻲ ﻣﻠﻤﻞ ﭼﺎﻧﮉﺍﮡ.

(ﺹ.١٥ - ﻫﺎﺋﻲ ﻫﺎﺕ)

ﺍَﻟﻨڪﺎﺭ :

ﺷﺎﻋﺮ ﭘﻨﻬﻨﺠﻲَ ڪﻮﺗﺎ ڪﻲ ﮔﻬﭩﻦ ﺳﺎﻥ ﺳﺠﺎﺋﻴﻨﺪﺍ ﺁﻫﻦ، ﺟﻦ ڪﻲ ﺍَﻟﻨڪﺎﺭ ﺳﮇﻳﻮ ﻭﻳﻨﺪﻭ ﺁﻫﻲ. ﺍِﻥ ﻻﺀِ ﺷﺮﻁ ﺍِﻫﻮ ﺁﻫﻲ ﺗﮧ ڪﻮﺗﺎ ڪﻲ ﭘﻨﻬﻨﺠﻮ ﺭﻭُﺡ ﻫﺠﻲ، ﺟﻴﺌﻦ ﺍﻭﺀَ ﺳﺠﻴﻮ ﻟﮕﻲ. ﭘﻮﺀِ ﺋﻲ ﺍُﻥ ڪﻲ ﺍَﻟﻨڪﺎﺭﻥ ﺳﺎﻥ ﺳﻴﻨﮕﺎﺭﺟﻲ. ﻧﺮﻣﻞ ﺑﻲ ﺟﻮﮌ ﺗﻤﺜﻴﻞ ڪﻢ ﺁﻧﺪﻱ ﺁﻫﻲ. ﻣﺜﻼ :

ﻣﺎﮒ ﺗﻲ ﺭﺳﻨﺪﻳﻦ ﺗﮇﻫﻦ، ﺟﮇﻫﻦ،
ﻣﺴﺌﻲَ ﺟﻴﺎﻥ ﺟﻬﺎﮔﻴﻨﺪﻳﻦ ﺟﺒﻞ!

(ﺹ.١٦ - ﮔﺎﻟﻬﻴﻮﻥ ﺩﻝ ﺟﻮﻥ)

ﻧﺮﻣﻞ ﺟﻮﻥ ﺗﺸﺒﻴﻬﻮﻥ، ﺷﻌﺮ ﺟﻲ ﺣﺴﻦ ڪﻲ ﭼﺎﺭ ﭼﻨﮉ ﻟﮕﺎﻳﻮ ﭿﮇﻳﻦ. ﺟﻬﮍﻭڪ :

ﺳﺎﺀُ ﻣﻨﻮ ﭼﺎﻧﮉﺍﮡ ﺟﻮ، ﺟﮣ،
ﻳﺮ ﺟﻲ ﭼﭗ ﺗﻲ ﻣﺎڪﻲَ ﻻﺭ.

(ﺹ.١٧ - ﮔﺎﻟﻬﻴﻮﻥ ﺩﻝ ﺟﻮﻥ)

ﺍِﺋﻴﻦ ﮔﮕﻦ ﻣﺎﻥ ﺗﺎﺭﻭ ﭨﭩﻲ ﭤﻮ،
ﮔﻮﻳﺎ ﻭﮢ ﻣﺎﻥ ﺑﻮُﺭ ﭼﭩﻲ ﭤﻮ.

(ﺹ.٢٤ - ﻣﻨﻬﻨﺠﺎ ﺳُﺮ ۽ ﺗﻨﻬﻨﺠﺎ ﮔﻴﺖ

ﺭﺍﺕ ﺗﺎﺭﻥ ﭘﺮﻱ، ڪﻴﮇﻱ ﻧﻮُﺭﺍﻧﻲ ﺁ،
ﺟﮣ ﮔﮕﻦ ﺟﻲ ﭘﺮﮢ ﻣﺎﻥ ﭼﭩﻲ ﻧﻮُﺭ ﭘﻴﻮ،
ﻧﻮُﺭ ﺟﻮ ﺟﮣ ﻭﺳﻲ ﻣﻴﻨﻬﻦ ﭘﻴﻮ.

گائڪي :

اُردو غزل گائڪيءَ ۾ اَچن ٿا. اِنڪري اُردو غزل جي ڏوُم متل آهي. سنڌي غزل گوُ شاعرن - ڪن ٿورن کي ڇڏي سنڌي غزل کي گائڪيءَ ۾ آڻڻ جو يتن ئي نہ ڪيو آهي. غزل ڳائڻ لاءِ پڻ خاص قسم جو آواز کپندو آهي. سنڌيءَ ۾ ڪن ٿورن کي غزل ڳائڻ لاءِ صحيح ۽ سٺو آواز آهي. جنهن جي آواز ۾ سوز هوندو آهي، اُهو ئي سٺيءَ طرح غزل ڳائي سگهندو آهي. خوشيءَ جي ڳالهہ آهي تہ نرمل جا غزل گائڪيءَ ۾ آيل آهن. ڳائيندڙ نرمل جا غزل ڳائڻ پسند ڪن ٿا. اِنڪري هن ئي شاعر جا غزل گهڻي ڀاڱي گائڪيءَ ۾ آيل آهن. نرمل پاڻ هڪ شعر ۾ چيو آهي :

سنڌيءَ ۾ غزل پيا بہ لکن خوب پيا، تہ بہ،
نرمل جا ئي ڳايو ٿا، اِها ڳالهہ ڳري ٿي!

اَهڙيءَ طرح شاعراڻي فن سان پوريءَ طرح نباهيندي، نرمل نہ فقط غزل ۽ گيت لکيا آهن، پر هن وايون، رباعيون، نظمون، آزاد نظمون، قطعات ۽ هائڪوُ وغيره بہ لکيا آهن. سندس ڪيترائي شعر ٻين ٻولين ۾ بہ ترجمو ٿي چڪا آهن، جن ٻين ٻولين ۾ بہ ڪافي داد حاصل ڪيو آهي. سندس هڪ آزاد نظم 'نيتردان' جو اَنگريزي اَنواد تہ مهاراشٽر جي درسي ڪتاب منڊل طرفان ڇپيل اَنگريزي جي ١١ درجي جي ڪتاب ۾ بہ درج ڪيو ويو آهي.

ٿوري ۾ جيڪر چئجي تہ گذريل ٤٣ سالن جي دوران، نرمل سنڌي شعر جا ڪافي گهڙا پريا آهن ۽ اَڃان پريندو اَچي.

اِن ڪانسواءِ نرمل ڪيتريون ئي ٻال ڪوتائون بہ لکيون آهن، جي اَلڳ اَلڳ مخزنن ۾ ڇپجي چڪيون آهن. سندس هڪ ٻال ڪوتا 'ڪوتومل جي چٽي پراڻي' تہ گذريل ڪيترن ئي سالن کان لڳاتار گجرات درسي ڪتاب منڊل طرفان، درجي ٽئين جي درسي ڪتاب ۾ درج ڪئي ويندي آهي.

نرمل کي مان تڏهن کان سُڃاڻان، جڏهن هوُ سنڌ ماڊل هاءِ اِسڪول ۾ شاگرد هئو. سڀ ڪانئس ڪم وٺندا آهن. پروف جاچڻ جو اِشتهار وٺي ڏيڻ جو، ليک يا شعر نظر مان ڪڍي، درست ڪري ڏيڻ جو، مگر قدر يا ساهتڪ اِنعام ڏيڻ وقت، هن کي ڪير بہ ياد نہ ڪندو آهي. پوءِ بہ هيءُ شخص پنهنجي سنڌيت جي جذبي کي ماري يا سمهاري نہ سگهيو آهي ۽ اَڃا بہ ٻين لاءِ وهندو رهندو آهي، مفت سنڌي ڪلاس هلائيندو رهندو آهي ۽ ايترو ڪجهہ ڪندي معياري شعر ۽ ناٽڪ لکندو رهندو آهي. شل اَڃا بہ لکندو رهي!

OOO

تغزل جو رنگ :

نرمل کي غزل جي خاص ڄاڻ آهي، ڇاڪاڻ تہ غزل جوڙڻ جا نيم، بخوبي ڄاڻي ٿو. چوندا آهن، ”غزل شاعريءَ جو بنيادي پٿر آهي. جيڪو شاعر سٺو غزل لکي سگهي ٿو، اُن جي، شعر جي ٻين صنفن تي بہ هٿ پهچ سهوليت سان ٿي سگهي ٿي.“ (ڏسو ص.٦ - هائي هات)

غزل جا شعر سڌو دل تي چوٽ ڪن ٿا. نرمل خود پنهنجي هڪ غزل ۾ چيو آهي :

”بيت بہ گهائن ٿا نرمل، پر آ غزل جي اوڙ ئي چوٽ!“

(ص.٢١ - ڳالهيون دل جون)

ٻئي هڪ شعر ۾ چوي ٿو :-

”هوئن تہ هر صنف سخن آ دلفريب، پر غزل جو اوڙ ئي ڪجهہ شان آ.“

(ص.٢٥ - منهنجا سُر ۽ تنهنجا گيت)

نرمل، روايتي غزل کان بلڪل دور هٽي، نيون تمثيلون اِستعمال ڪري، نوان روپڪ جوڙي، سنڌي غزل کي موڙ ڏيڻ جي عرصي کان ڪوشش ڪري رهيو آهي. پاڻ بہ هڪ غزل جي شعر ۾ چوي ٿو :-

”جوڙي نوان روپڪ نرمل، سنڌي غزل کي ڏي ڪو موڙ.“

(ص.١٨ - ڳالهيون دل جون)

اَنداز بيان غزل جي جان ڪري ڄاڻجي تہ وڌاءُ نہ ٿيندو. نرمل جي غزلن ۾ اَنداز بيان جي خوبي جتي ڪٿي نمايان آهي مثال ڏسو :-

”ڇا تہ غصي ۾ لڳي ٿي مٺي، اَڃ وري ڪيس ستائي تہ ڏسان.“

(ص.٢۴، ڳالهيون دل جون)

اُردوءَ جي شاعرن جا ڪيترا شعر حوالي طور ڪتب آندا ويندا آهن يا مهل تي ڪنهن کي مخاطب ٿي چيا ويندا آهن. نرمل جي غزلن جا ڪيترائي شعر اِن ريت مهل تي حوالي طور اِستعمال ڪري سگهجن ٿا. مثال طور هيءُ شعر ڏسو :

سفر تي تہ توکي سيان آهہ وڃڻو،
هينئر کان نہ ڪر موڪلائڻ جون ڳالهيون.

(ص.٢٢ - هائي هات)

ويهندي ئي 'اٿان اٿان' نہ ڪريو،
بس اَچڻ سان 'وڃان وڃان' نہ ڪريو.

(ص.٥٨ - ڳالهيون دل جون)

واسديو نرمل جو غزل - هڪ سرسري نظر

✍ اَرجن چاولا

واسديو نرمل هڪ ڪُهنہ-مشق شاعر تہ آهي ئي پر جديد شاعر بہ آهي. هڪ ڪهنہ-مشق شاعر جي غزل ۾ عروضي قاعدن جي پابنديءَ سان گڏ اِظهار ۾ نواڻ ۽ تازگي بہ ملي تہ لطب تِهائين وڌيو پوي. روايتي شاعريءَ سان شروعات ڪرڻ ڪانپوءِ غزل جي صنف سان نيائيندي نرمل جديد غزل سان همقدم ٿي چوٽيءَ جي سنڌي غزلڪارن ۾ هڪ خاص مقام حاصل ڪيو آهي. روايت جي ڪئنواس تي جدت ڪي اُڪيرڻ جو ڏانءُ نرمل پنهنجي غزلن ۾ اَپنائي ورتو آهي. اَڄ بہ نرمل جا موضوع اَڪثر روايتي آهن پر اَدائگي جديد.

جِدت ڇا آهي، جِدت مان ڪهڙي مراد آهي، اهو ڄاڻڻ جي ڪوشش مڙيو ئي ڪجهہ گهٽ سٽ ڪئي ويئي آهي.

جِدت مان مراد آهي نواڻ، جديد - نئون، تجديد - نواڻ، مُجدد - نئون ڪندڙ. اهي فارسي لفظ آهن جن جو مفهوم آهي نوينتا يا نواڻ. ڪجهہ عرصي کان 'جديد' لفظ اَدب ۾ ڪافي مروج رهيو آهي - جديد شاعري، جديد غزل، اَدب-جديد وغيره. غزل تي تبصره-آرائي ڪندي نقادن جديد غزل تي پنهنجا ويچار پيش پئي ڪيا آهن. ڪن نقادن قافيہ ۽ رديف جي روايت کان قدري بدلاءَ کي جدت سان جوڙيو آهي تہ ڪن وري نين تضمينن ۽ تضادن جي استعمال کي جديديت جو اُهڃاڻ مڃيو آهي. ڪن ٻين وري خيال جي اِظهار لاءِ اِستعمال ڪيل نوَن طريقن کي جدت سان جوڙيو آهي. پنهنجي پنهنجي جڳهہ تي سڀئي رايا معقول ۽ مُستند آهن. پر ڪي ڳالهيون ڌيان ۾ رکڻ جوڳيون آهن. ڪٿي ڪٿي جديديت جي چاهہ ۾ ۽ هوڙ ۾ لفظن جي جوڙجڪ ۾ يا ٻوليءَ جي گهڙت ۾ عام فهم جي پرواهہ نہ ڪرڻ جي علامت ۽ رُجحان نظر آيو آهي. لفظ تہ اهو جنهن مان ڪو فهم ملي، شبد تہ اُهو جيڪو ڪوئي اَرٿ بخشي. شعر ۾ جدت ۽ نوينتا ڏيکارڻ لاءِ لفظن جي جوڙجڪ مان اُپرندڙ سنديش جيڪڏهن عام فهم کان مٿيرو اُڏامي هلڻ لڳي تہ رچنا پنهنجو مقصد ڪي قدر وڃائي ٿي وِهي. دقيق لفظن جو استعمال يا لفظن جو دقيقي استعمال نہ رڳو غزل جو تغزل کسي ٿو وٺي پر غزل کي نزاڪت ۽ نفاست کان بہ محروم ڪري ٿو وجهي. اَهڙي غزل کان شايد گنگناهٽ بہ دور رهڻ چاهي ٿي. سلاست کي فني اعتبار کان اَهم ليکيو ويو آهي. تنهنڪري

S.S.D.N.

كونج جي گونج جاري رهي ....

With Best Compliments From

Gopal

SILK MILLS

Manufacturing
Fancy Shirting

Opp. Radha Soami Satsang Hall,
ULHASNAGAR - 421 003.
Tel. : (0251) 2720440

ڪيترو نہ نفيس خيال آهي. نفاست جو ٻيو مثال ڏسو :

سچڻ لاءِ نياپا ڏيان ڪيئن ڪنهن کي،
هي ناهن ٻين کان چوائڻ جون ڳالهيون!

لفظ ڪيڏا سادا ۽ رواجي پر خيال ڪيڏو غير رواجي آهي. ٻيو هڪ تضادي خيال جي اظهار جو نمونو ڏسون :

ايترا غم سٺا اٿم جو هاڻ،
مسڪرائيندي بہ خوف ٿيندو آ!

جماليات شاعريءَ جو هڪ اَهم اَنگ رهيو آهي. حسن و جمال ڪائنات جي هر گوشہ ۾ وسي ٿو. پر ڏسڻ واري اَکہ کپي. ممڪن آهي شاعري حسن و جمال جي مشاهدي مان پئدا ٿيل حيرت جي پئدا ٿيڻ ڪانپوءِ ئي ڦُٽي نڪتي هجي! حسن ۽ جوانيءَ کي هر شاعر پنهنجي پنهنجي نظر ۽ نظريي سان ڏٺو آهي. نرمل چوي ٿو:

جوانيءَ جون آهن فقط ٽي نشانيون،
نگاهن ۾ مستي، اَدائون، اِشارا!

جوانيءَ جو مٿيون Definition ڏيندي نرمل intellectuality جي بجاءِ Sensuality کان ڪم وٺندو نظر اَچي رهيو آهي. تنهن هوندي بہ شاعر جي سوندريہ-بوڌ Aesthetic sense اعليٰ قسم جو آهي. جماليات Aesthetics جو دائرو وسيع آهي، مشاهدي ماڻڻ جو دائرو محدود. مشاهدو ماڻي سگهڻ لاءِ يعني آنند جي اَنوڀوُتيءَ لاءِ ذهني قوتن سان گڏ حواسن کان بہ ڪم وٺڻو پوي ٿو. مطلب تہ مشاهدي مان آنند ماڻڻ ئي مقصد آهي.

فني لحاظ کان واسديو نرمل اوچي پايہ جو غزلڪار آهي. غزلن ۾ علم عروض جي پابندين جو احترام بہ آهي تہ خيالن ۾ شُستگي (ڌوتل ٻوتل هئڻ) ۽ پُختگي بہ. روايت جو مزو بہ آهي تہ جدت ۽ تازگي پڻ. فڪر بہ آهي تہ فن بہ. عام فهم واري اِظهار ۽ اَدائگيءَ ۾ سواد اَهڙو جو گنگنائڻ ڪانسواءِ رهي بہ نہ سگهجي.

OOO

جدت کي خيال ۾ نواڻ سان گڏ اِظهار ۽ ادائگيءَ ۾ نواڻ سان جوڙي هلجي تہ بهتر.

واسديو نرمل هڪ اَهڙو غزلڪار آهي جنهن روايت جي ڪاغذ تي جدت جي سياهيءَ سان ويهي قلمطرازي ڪئي آهي. سندس غزل ۾ روايت تہ آهي پر ساڻ گڏ نزاڪت، نفاست ۽ لطافت آهي، خواهش ۽ خلش آهي، ڇُلڪ بہ آهي تہ ڪتڪتائي بہ آهي، گنگناهٽ آهي تہ چُپين بہ، رَڳڙ بہ تہ رُهنڊ بہ، حسرتون بي حساب ۽ مسرتون مُدام پڻ.

چا تہ غصي ۾ لڳي ٿي سهڻي،
اَڄ وري ڪيس ستائي تہ ڏسان!

.....

سرڳ ۾ مان ۽ اَپسرايون هجن،
خواب اهَڙو لهڻ وٽان آهي!

هتي خيال جي اِظهار ۽ اَدائگيءَ ۾ نواڻ ۽ تازگي آهي ۽ اها ئي جِدت جي نشاني آهي، جيتوڻيڪ نظمي ساخت جي نوعيت روايتي آهي.

زندگيءَ ۾ مختلف قسمن جا آزمودا ۽ اَنيؤ حاصل ٿيندا ئي رهن ٿا. ڪنهن بہ فنڪار يا شاعر وٽ اَحساس جي گهرائي نسبتا زياده هوندي آهي. رد-عمل (Reaction) بہ جيڪڏهن اوتري نسبت ۾ پئدا ٿئي ٿو تہ پوءِ وري انهيءَ لاءِ معقول اِظهار کپي. اِظهار جي شدت کيس نوان طريقا ايجاد ڪرڻ لاءِ آماده ڪري ٿي. ۽ انهيءَ نموني جدت ۽ نواڻ پئدا ٿئي ٿي.

ڪنهن بہ نئين اُپريل اَحساس کي غير رسمي اَنداز ۾ پيش ڪرڻ کي جدت جو نالو ڏيئي سگهجي ٿو. جدت کي نئين بوتل ۾ پراڻو شراب چئون، يا پراڻي بوتل ۾ نئون شراب، يا وري نئين بوتل ۾ نئون شراب؟ جي شراب ۾ دم آهي تہ بوتل ڪهڙي بہ هجي! خيال تُز هجي تہ خلش پئدا ڪري ٿو :

ڪين چڙهنداسين سر تي اوهان جو قسم،
تورو پنهنجي اکين تي وِهاري ڏسو!

خيال بہ جديد آهي تہ اَنداز بہ. خدا حافظ چوڻ جي سگهہ پلي ئي شاعر جي زبان ۾ نہ رهي هجي پر حسرت جي اِظهار کي نزاڪت بخشڻ جي سگهہ تہ آهي ئي شاعر ۾ :

اُف، خقدا حافظ چوڻ جي پي زبان ۾ سگهہ نہ آ،
موڪلائڻ ريءَ اوَهان کان موڪلائي ٿو وڃان!

لذيذ شاعر ۽ ناٽڪ نويس نرمل

✍ اَرجن حاسد

واسديو نرمل هڪ چاتل سُڃاتل شاعر بہ آهي، گهڻو مشهور بہ آهي. شاعري ڪندي ڪندي، هن دوست ناٽڪ-وڏا تي بہ گهڻو ڪم ڪيو آهي، پاڻ ناٽڪي ڪونهي، سڌو سنواٽو شخص آهي. ڪنهن کي بہ رولي ماري اَهڙو ڪونهي، بلڪل ئي ٻاراٽي سُڀاءَ وارو، سرل. اِها چوٽي، ڪيئن بہ سيني جي جاڻ تي ايندي ويئي آهي تہ 'نرمل سڄي عمر ٻار ئي رهيو آهي'. شاعريءَ ۾ ئي نہ، ساهتيہ ۾، ضروري اِهو آهي تہ توهان پاڻ کي 'ڪيئن' چئي سگهيا آهيو. چا چا چيو اَٿوَ، چو چيو اَٿوَ، اِها ڳالهہ مکيہ ڪانهي، ڪيئن اِظهاريو آهي توهان پاڻ کي، سُست سُست ٻڌڄي، يا ڪنهن ناز انداز ۽ سگهاريءَ سمجهہ سان ڇُهيو اَٿوَ، ڇُهندڙي پاتي اَٿو، ڪٽڪٽائي ڪئي اَٿوَ، ٿڌڙا ڪيا اَٿو، يا توهانجي آڱرين کي نندڙڪڙي رهڻ جي عادت پئجي ويئي آهي، سٿون موڳيون موڳيون، ليلهر تہ ڪونهن. 'بندش' ساهتيہ جي مکيہ وصف آهي. نظم چاهي نثر ۾. نظم ۾ حرف ڪائي وڃڻ، يا اَجاين، هشو، بي مطلب لفظن سان وزن جو پوُرائو ڪرڻ سان، شعر جي درشن-چتر تي گُهنج اُڪرجِي ويندا آهن. صرف 'اَرٿ' ڪا وڏي معنيٰ نٿو رکي، 'ڀاؤ' گهڻو ڏيان ڇڪائيندو آهي. اَرٿ ۽ ڀاؤ گڏوگڏ ميزان ۾ هجن، پوءِ تہ واهہ واهہ، ڦل ۾ ٻَـرُ بہ هجي، رَسُ بہ هجي، ڪڪڙِي چوُسيندي جي رَسُ واڇن ڪان وَهي، تہ پوءِ ڪيئن ٿا پانيو، ڏَءُ ٿيو وڃي، اُن وقت پنهنجي صورت آئيني ۾ ڏسو، آئينو بہ توهان سان گڏ اَکيون مٽڪائيندو. ڪي ڪي تہ وري اُچاريل خيال جا شاعر ٿيندا آهن. نرمل نظماٽي نثر ۾ بہ ڪجهہ لکيو آهي، نواڻ ورلي ئي ڪٿي ڪٿي ملي.

هڪڙو مهمان اَچا ڳوٺ وڃي، واپس مَس
ٻئي جي لءِ ڪانءُ اَچِي لنوندو آ.

پوءِ سندس سادگي پيا سدا ڳائيندا،
ڪي گهڙيون يار 'نرمل' سان گهاري ڏسو.

S.S.D.N.

ڪونج جي گونج جاري رهي ....

With Best Compliments From

Gopal Krishan Fabrics Pvt. Ltd.

Mfg. Suiting, Shirting & Fancy Yarn

Plot No. C-9, Vadol Gaon, M.I.D.C.,

Ambernath - 421 501.

Tel. : 272 0442, 2606600

Fax : 0251 - 2611500

ياد ڪٿجي، اَڄ اَڪين اَڳيان اَچي، اَلوپ ٿي ويندا آهن.

نرمل هڪ، 'هڪ پاتري'، One Man Show ناٽڪ ٢٠٠٨ ۾ لکيو. اُهو هڪ پاتر هئو ساڌو ٽي-ايل-واسواڻي، ڪتابي روپ ۾ 'دادل شاهه - ساڌو واسواڻي' جي عنوان سان ڇپيو. اُن لاءِ مهاڳ لکندي مشهور هدايتڪار ايس-پي-مينگهاڻي لکي ٿو ته اِهو ناٽڪ مشهور ۽ چاتل سُڃاتل شاهوڪار شري ڀڳوان شولاڻي صاحب جي مرضي ڏيکارڻ تي واسديو نرمل لکيو هئو، پر پوءِ ناٽڪ کي منچ تي آڻڻ لاءِ گهربل سهڪار ڏيڻ ۾، هن صاحب چاهه نه ڏيکاريو. منچ تي نه آيو ته دستخط ڇپايو ويو، ان اُميد سان ته ڪڏهن نه ڪڏهن، ڪنهن نه ڪنهن ذريعي ناٽڪ منچ تائين به اَچي پهچندو. 'هڪ پاتري' هئڻ سبب ڊائلاگس مڪالا گهڻي ڊيگهه پڪڙي ويا آهن. مڪالن وچ 'سٽڪلوراما' تي ننڍڙا ننڍڙا درشيه ڏيکاريا آهن، اُهي درشيه ڪشش، ڪا دلچسپي ضرور پيدا ڪري سگهندا. باقي مڪالا ته نصيحتون، پروچن ۽ ليڪچر آهن. ناٽڪ ٥٥ صفحا آهي. سون چمڪندو آهي، ڪن جو چوڻ آهي ته سون صرف [illegible] ۾ چمڪندو آهي، [illegible] جيڪو چمڪندو آهي، اهو سون ڪونه [illegible] آهي. خوددار ليکڪ جي اکين جي چمڪ، سون کي شرمسار بڻائي ڇڏيندي آهي.

اَپرندڙ [illegible] سورج جا ڪرڻا برهمانڊ کي [illegible] ڏيئي [illegible] پرڪرتيءَ [illegible] جو درشن ڪرائيندا آهن. [illegible] ته ڪلڪار جي [illegible] ڪندي، ڪي سنجيدگيءَ کي سويڪار ڪرڻ گهرجي. [illegible] اُهو به لکجي، ته حق ۽ سچ جي منهن ۾ به [illegible] ساراهه هڪ [illegible] وصف آهي، [illegible] ڪانهي، ڪڏهن شراتون [illegible] سان [illegible] ته هيڪندي [illegible]. ڪنهن خاص اَنڪ ۽ خاص دوست لاءِ [illegible].

واسديو [illegible] سنڌي ساهتيه ۾ گهٽو آهي. هن [illegible] غزل جو ديوان [illegible] چاهيو ٿي. سندس اها خواهش به ساڪار ٿئي. هن وقت آمريڪا [illegible] آهي ۽ ان خبر تي خوشي ٿي رهي آهي، ته [illegible] رهبو آهي. [illegible] اَچي غزل جي ديوان کي به ضرور ترتيب ڏيندو. نيڪ خواهشن سان [illegible] اَرجن حاسد.

نرمل جيان کو تي ڏيکاريو،

جهڙو ٻاهر، تهڙو اندر.

ㅇㅇㅇ

ٻنهي شعرن کي آرٽ تہ آهي، پاڻ اَلبت ناراض آهي. نرمل سنو غزل بہ خوب لکيو آهي.

ناٽڪ تي سميلن ۾ تڪاٽن ۾ ملو ٿا،
گهر ۾ نہ گهرايو ٿا. اِها ڳالهہ ڳري ٿي.
سنڌيءَ ۾ غزل پيا بہ لکن خوب پيا، تہ بہ
نرمل جا نہ ڳايو ٿا. اِها ڳالهہ ڳري ٿي.

نرمل جا غزل خوب ڳايا ويا آهن، اِها ڳالهہ ڳري تہ ڪانهي، نرمل جا سنا سنا غزل هر ڪنهن ڳايا آهن، هوُ گائڪ ڪلاڪارن لاءِ لذيذ شاعر آهي. نرمل شاعريءَ جي ٽيڪنڪ کان بہ واقف آهي، غلطي اصل نہ ڪندو. ڪير ڪيترن ئي نوَن نوَن شاعرن کي هن دوست سنئين دڳہ لڳايو آهي، جاڻ ڏني آهي. شاعريءَ لاءِ ورڪشاپ ٿيندا رهندا هئا، واسديو نرمل اُنهن ۾ پنهنجون شيوائون ڏيندو رهندو هئو.

نرمل جو ناٽڪ-وڏا سان گهرو ناتو رهيو آهي. اصلوڪا ناٽڪ بہ لکيا اَٿائين، تہ ٻين ٻولين مان اُلٿو پڻ ڪيا اَٿائين، ڪيس ساهتيہ اَڪادمي اَوارڊ ٢٠٠٧ ۾ سندس ايڪانڪي ناٽڪن جي مجموعي 'وڄون وسڻ آيون' تي مليو آهي. نرمل جا اُلٿو ڪيل ناٽڪ، 'هاءِ منهنجي دل' ۽ 'منهنجا مور لاڏا' سنڌيءَ جي اعليٰ هدايتڪار رميش جاڄاٽيءَ منچ تي پيش ڪيا آهن. ٻين ٻولين مان ترجمو ڪيل ناٽڪ، 'هيءُ پياسو من منهنجو'، 'شادي تہ ڪر'، 'لوَ ليٽر' بہ ڪامياب رهيا. اصلوڪا ايڪانڪي ناٽڪ 'ٻوڙا اَچي مڙيا'، 'بنا ڏيتي ليتيءَ شادي'، 'سس ڙي سس' ۽ Full-length ناٽڪ 'لاڏي لاڏي آندي پر ....' ۽ 'اَمان جو پينگهو'، جيڪو شايد جيرام روپاڻيءَ پيش ڪيو، گهڻو پسند ڪيو ويو. ريڊيو روپڪ 'ڪرشن ليلا' ۽ دوردرشن تي 'نئون ٽيليفون' ۽ 'ڪتا اُڏيرلال جي' هميشهہ ياد رهن، اهڙا ناٽڪ آهن. اُهو سنڌي عوام کي سنڌيت جو پيغام ڏيڻ جو شروعاتي دؤر هئو، اِنڪري ضروري ٿي پيو هئو تہ هرڪنهن سنڌيءَ وٽ پنهنجي جيئري هجڻ جو اَحساس پهچي ۽ ڪيس ڏونڌاڙي. رام پنجواڻي، گوبند مالهي ۽ واسديو نرمل اهڙا ليکڪ هئا، جن ناٽڪن لکڻ ۽ منچ تائين پهچائڻ لاءِ پاڻ پتوڙيو. هدايتڪارن جو ان ۾ وڏو يوگدان رهيو. ڪلاڪارن بہ پاڻ موکيو. اِستيج آرٽ ۽ ٽيڪنيڪل Values کي بہ مکيہ ڳڻيو ويو آهي. اِن ڏس ۾، ان ڪانسواءِ ناٽڪ منچ تي ڪامياب ٿيڻو ڪونهي. سيني جون گڏيل محنتون رنگ لائينديون آهن. اهي سڀ ايتريون لهرون وقت سان وڌڙجي وييون. سنڌي عوام، ڏنڌي روزگار کي پوڄيندو آهي. ڪلاڪار صرف ناڙين تي ڪيترو خوش ٿيندا، ڪيترو وقت تڳيندا. اُن دؤر جا اَحساس ۽ اُڏما هڪ

ناٽڪ ۾ نئين سجاڳي، ۽ 'نرمل'

✍ منگهارام ملڪاڻي

سنڌ ۾ سنڌي ناٽڪ چڱي اوج تي رسي چڪو هو ۽ اُن جا ڪارناما سنڌي اَدبي تاريخ جو، فخر جوڳو باب بڻجي چڪا آهن. مگر اَفسوس آهي جو گوبند مالهيءَ جهڙو ناٽڪي فن جو ماهر، ناٽڪي اِتهاس کان اَهڙو غير واقف هجي جو رايو ڏئي تہ: ''ورهاڱي کان اَڳ، سنڌ ۾، سٽيج ڪڏهن بہ مقبول، وسيع ۽ منظوم صورت اختيار نہ ڪئي هئي''. (''ساهت سڱنڌ''، ١٩٦٦-٢ ۽ ٢) مالهي صاحب، سنڌ ۾ ٻن مکيہ ناٽڪ منڊلين، ''ڊِي. جي. سنڌ ڪاليج ڊرامٽڪ سوسائٽي'' (١٨٩٤) ۽ ''رابندرناٿ ڊرامٽڪ ڪلب'' (١٩٢٣) ۽ ٻين ڪن ناٽڪ سڀائن جو ذڪر برابر ڪيو آهي، پر سندس اهو اِلزام سراسر غلط آهي تہ اُنهن منڊلين جي ڪارگذاري ڪاليجن ۽ سڪولن جي وڏن ڏينهن ملهائڻ ۽ فنڊن گڏ ڪرڻ تائين محدود هوندي هئي. حقيقت هيءَ آهي تہ سنڌ جي مکيہ شهرن ۾ برپا ٿيل اهي ٨-١٠ منڊليون (هرهڪ منڊلي ڏهن کان ويهن ورهين تائين) هر سال باقاعدي نوان نوان ناٽڪ ڪاميابيءَ سان ڪري ڏيکارينديون هيون. اَڄ وانگر، چندو چيڙو ڪنو ڪرڻ لاءِ ٽڪيٽون زوريءَ ٻڌايون ڪونہ وينديون هيون، بلڪ حشام ناظرين جا پائمرادو ٽڪيٽ دريءَ تي اَچي ڳاهٽ ٿيندا هئا، سوين نااُميد ٿي واپس ويندا هئا، ۽ ماندون ۾ تر ڇڻڻ جي جاءِ ڪانہ هوندي هئي. تنهنڪري اُهي صرف سڪولي ۽ ڪاليجي سڀائون ڪونہ هيون، پر صحيح معنيٰ ۾ منظم، مقبول ۽ وسيع پبلڪ سنسٿائون هيون. جهوني ناٽڪ جو جلوو جيڪو مون، پڏي (دولت) ۽ ٻين زنده جهونن جوڳين ڏٺو، تنهنجي پيٽ ۾ - ''اَوهان جا ڏٺو هو، جيڏيون!''

هندستان ۾ اَچڻ ڪانپوءِ سنڌي ناٽڪ ۽ سٽيج ٻنهي پوٺو پئجي ويو، ۽ سنڌي ڪهاڻي چوٽ چڙهي ويئي. پر ڪجهه عرصي پڄاڻا، ناٽڪ بہ نيٺ ڪر موڙيا ۽ ايڪانڪيءَ (one act play) جي صورت ۾ نڪري نروار ٿيو. انهيءَ سجاڳيءَ ۾ پروفيسر رام پنجواڻيءَ، داس طالب ۽ گوبند مالهيءَ، نندا ناٽڪ لکي ۽ سٽيج تي آڻي، اوائلي پاڻہ ورتو، پر يڪو وڏو ناٽڪ ڪيترا سال عدم پيدا هو. اِتي گوبند مالهيءَ جو تخمينو تہ ''سنڌي ساهت ۾ مس پندرهن سالن ۾ جيترا ناٽڪ لکيا ويا آهن، اوترا پنجاهہ سالن ۾ بہ نہ لکيا ويا هئا'' - مونکي وري بہ وڌاءُ وارو ٿو لڳي، ۽

شري هريش رامداس پدناڻيءَ
کي پي. ايڇ. ڊي. ڊگري عطا ٿي

سنڌيءَ جي نوجوان سنڌيت شيدائي، ڳهري اَڀياسي، سنڌي سڀيتا، ٻولي ۽ تعليم سان جُڙيل نوجوان شري هريش رامداس پدناڻي، رهواسي دهلي کي تازو ئي مهرشي ديانند سرسوتي وشو وديالیہ، اَجمير (راجستان) طرفان سنڌيءَ ۾ ڊاڪٽوريٽ جي ڊگري عطا ڪئي وئي آهي.

شري هريش رامداس پدناڻي ”سنڌي ناولن ۾ ڀارت جي ورهاڱي جو چِٽُ“ موضوع تي، ڊاڪٽر ڪملا گوڪلاڻيءَ جي رهبريءَ ۾ کوجناتمڪ مقالو (تحقيقي ۽ تنقيدي) لکي وشو وديالیہ ۾ پيش ڪيو، جنهن کي مڃتا ڏيئي شري هريش رامداس پدناڻيءَ کي ڊاڪٽوريٽ جي ڊگريءَ سان نوازيو ويو. هن قسم جي ڪاميابيءَ لاءِ شري هريش پدناڻيءَ کي ڪونج پريوار طرفان مبارڪون.

ڊاڪٽر سنتوش ڪتري

ڊاڪٽر سنتوش ڪتري ڌوليا، جلگانوءَ ۽ نندربار (خانديش) ضلعن مان تعليم کيتر جي سڀ کان اُچ پدوي پي.ايڇ.ڊي. وارو پهريون سنڌي هئڻ سان گڏوگڏ پي.ايڇ.ڊيءَ جو گائيڊ (رهنما) طور مقرر ٿيڻ وارو خانديش جو پهريون سنڌي آهي. هاڻي ڊاڪٽر سنتوش ڪتري راجنيتي وگيان وشيہ ۾ پي.ايڇ.ڊي. ڪرڻ لاءِ خواهشمند شاگردن لاءِ موجود آهي.

جنهن انجي هدايتڪاري به پاڻ ڪئي آهي. پر هن ناٽڪ جي شروعات ۾ پلاٽ جي ڪجهه ڪسائي رهجي ويئي آهي، پڇاڙيءَ ۾ جاسوسي طرز به اَجائي گهٽي رکيل آهي - توڙي انتظار جو عناصر منجهس موجود آهي. هيءُ ناٽڪ ”سنڌو ڪلا نڪيتن“ پاران پيش ڪيو پيو وڃي.

هندستان ۾ سنڌي ناٽڪ جي سجاڳيءَ ۾ واسديو نرمل مکيه بهرو ورتو آهي، جو ته هن گهٽي ۾ گهٽا طويل (full-length) ناٽڪ هڪ ٻئي پٺيان تيار ڪري ورتا آهن. سندس بهترين ناٽڪ ”هيءُ پياسو من منهنجو“ شمار ڪيو وڃي ٿو، جو پدم شري پي. ايل. ديشپانڊي جي مراٺي ناٽڪ تان سڌو سنڌيءَ ۾ آندل آهي ۽ سنڌي زندگيءَ ۾ نيڪ نهڪايل آهي. هيءُ ناٽڪ ”سنڌو ڪلا مندر“ پاران، س. پ. مينگهاڻيءَ جي قابل هدايتڪاريءَ هيٺ، بمبئي، سنڌونگر ۽ پوني ۾ ست راتيون ڪاميابيءَ سان پيش ٿي چڪو آهي. دهليءَ ۾ ”سنڌو ڪلا سنگم“ طرفان پڻ ٻه دفعا ڏيکاريو ويو آهي ۽ خوب پسند پيو آهي. هندستان ۾ هيءُ پيون ناٽڪ آهي جو گنڀير سماجڪ مسئلي تي ٻڌل آهي، جنهن ۾ روايتي ڌرمي پابندين ۽ آزاد صحتمند زندگيءَ جو ٽڪر ڏيکاريل آهي. سواميءَ جو ڪڙڪ ڪردار پوجا پاٺ جي پکش ۾ آهي، ۽ اُنجي ضد ۾ ڪاڪي جو خوشدل ڪردار جيوت جي خوبصورتي ۽ خوشي ماڻڻ جي فائدي ۾ آهي، ۽ ٻن نوجوانن جوڙن کي سچو، آبرودار پريم ڪرڻ جي آزادي ٿو ڏئي. اَلبت ناٽڪ جا پهريان ٻه اَنڪ ڪارروائيءَ (action) جي لحاظ کان مونکي اَهڙا آثرائتا نه لڳا جهڙو زوردار آخرين اَنڪ، ٽن نوڪرن جا مذاقي ڪردار، جي اَلڳ اَلڳ لهجن ۾ سنڌي ڳالهائين ٿا، تن مان مونکي ايترو لطف نه آيو. پر جنهن صورت ۾ هيءُ کيل مون فقط پڙهيو آهي ۽ سٽيج تي نه ڏٺو آهي، تنهن صورت ۾ ٿي سگهي ٿو ته اداڪاريءَ (acting) ۽ پيشڪاريءَ (production) جي خوبين ڪري پهريان ٻه فعل پڻ دلڪش بڻجي پيا هجن.

واسديو نرمل کي سنڌي ٻوليءَ تي چڱو ضابطو آهي، سندس عبات موزون ۽ محاوريدار هوندي به عام - فهم آهي.

شاعر نرمل، تازو تکڙو ناٽڪ ڪار بڻجي ويو آهي. ٻه مشهور مغربي جاسوسي ناٽڪ پڻ سنڌيءَ ۾ آندا اَٿس، جن مان ”رات جو يارهين بجي“، Dial M for Murder جو سنڌي روپانتر آهي، ۽ ”هڪ-ٻه-ٽي“، Mouse-Trap جو. پهريون ناٽڪ ”سنڌو ڪلا نڪيتن“ پاران، آنند مٽائيءَ جي هدايتڪاريءَ هيٺ، ٽي ڪامياب راتيون سٽيج تي اَچي چڪو آهي. هن کيل ۾ موهن ٻيلاڻيءَ پريميءَ جو پارٽ نهايت سياويڪ اَداڪاريءَ (natural acting) سان ڪيو آهي، ۽ سنڌي

تاريخي حقيقتن خلاف. منهنجي نظر ۾، هنن ويهن سالن ۾ ڪهاڻيون برابر سنڌ جي زماني کان وڌيڪ لکيون ويون آهن، پر ناٽڪ گهڻا گهٽ.

آخر ڀاڄ جي تيرهن سالن بعد، ۱۹۶۰ ۾، ”سنڌو ڪلا مندر“ جي سهاري هيٺ، پهريون يڪو ٽه-فصلو سنڌي مذاقي ناٽڪ ”اَنڊر سيڪريٽري“ پيش ڪيو ويو، جو موتي پرڪاش هنديءَ تان سنڌي جيوت ۾ اُلٿو ڪيو هو. ناٽڪ جي هدايتڪاري ڀڄي (دولت) آڏوڻيءَ ۽ س. پ. مينگهاڻيءَ قابليت سان ڪئي هئي، ۽ اَهڙو ته ڪامياب ۽ لوڪپريہ بڻجي ويو جو هيلتائين سڄا سارا ٻہ درجن دفعا، هندستان جي مکيہ شهرن ۾ ڪري ڏيکاريو ويو آهي، ۽ سنڌي ناٽڪ جو رڪارڊ ڀڳو اَٿس! لعلچند اَمرڏنيمل جو ”عمر مارئي“ سنڌ ۾ ۹-۱۰ راتيون هليو هو تہ غنيمت سمجهي هئيسون. ”اَنڊر سيڪريٽري“ ۾ مڙني اَداڪارن پنهنجا پارٽ خوب اَدا ڪيا هئا، پر جنهن سهج سڀاويڪ صداقت سان وشنيءَ خالصا نائڪا جو پارٽ ڪيو هو، تنهن جهڙو هندستان ۾ مون ڪونہ ڏٺو آهي، جيتوڻيڪ ڪي ٻيون ڇوڪريون بہ قابل اَداڪاري ڪري سگهن ٿيون. سنڌ ۾ منهنجي ناٽڪ ”اَنارڪلي“ (۱۹۳۷) ۾، جنهن پهرينءَ سنڌي ڇوڪريءَ کان نائڪا جو پارٽ ڪرايو هوم، تنهنجون يادگيريون اُڀري آيون. سندس نالو هو نئن ميرچنداڻي.

”اَنڊر سيڪريٽري“ جي ڪاميابيءَ ڪانپوءِ سنڌي ناٽڪ منڊلن ۽ سنڌي وڏن ناٽڪن جي ڌُم مچي ويئي آهي، جي خاص ڪري بمبئيءَ، دهليءَ ۽ ٻين وڏن شهرن ۾ اَهڙيءَ تہ قابليت سان پيش ٿين ٿا جو ڏسي ڀڄي دل بهار بهار ٿيو وڃي. ”سنڌو آرٽ ٿيئٽر“ جي سهاري هيٺ ڪيل ”ڏس پئسي جا رنگ“ هڪ بنگالي ناٽڪ تان رميش چاچاڻيءَ اُلٿو ڪيو آهي ۽ هدايتڪاري بہ پاڻ ڪئي اَٿس، جنهن ۾ هو ماهر آهي. هن ڪيل ۾ نائڪ جو پارٽ مدن جماڻيءَ اَهڙو تہ فطرتي انداز سان ڪيو آهي، جو آءٌ ڪيس اَسانجو بهترين ائڪٽر سمجهندو آهيان. ”اَنڊر سيڪريٽري“ ڪانپوءِ هيءُ ٻيون نمبر ڪامياب ناٽڪ ۱۲ دفعا سٽيج تي اَچي چڪو آهي.

پر اهي ناٽڪ اصلي لکيل نہ آهن، ڪن مشهور ڀارتي ۽ مغربي ناٽڪن تان اُلٿو ٿيل آهن. ٻيو تہ اهي ناٽڪ گهڻو تڻو مذاقي نوع ۾ لکيل آهن، ڪي تہ سنسني خيز جاسوسيءَ وارا بہ آهن، جن جي مکيہ مراد صرف وندرائڻ تائين محدود آهي. گنڀير سماجڪ مسئلن جي اوک ڊوک منجهن بلڪل ڪيل ڪانهي. هيلتائين هڪڙو ئي اصلي رچيل ۽ پڻ گنڀير وشيہ تي لکيل ناٽڪ مون ڏٺو آهي، موتي پرڪاش جو ”رات هڪ طوفان جي“، جنهن لاءِ ليکڪ کي داد ڏيڻ کپي،

ناٽڪ نويس واسديو ’نرمل‘

✍ وشنو ڀاٽيا

واسديو ’نرمل‘، پنهنجي ساهتڪ زندگيءَ جي شروعات ڪوتا ۽ ناٽڪ سان گڏوگڏ ڪئي. جن ڏينهين، واسديو نرمل سنڌ ماڊل هاءِ اسڪول، بمبئي، جي نائين درجي ۾ پڙهندو هئو، اُن وقت ’جوت‘ اِسڪولي مخزن شايع ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو هئو. هوُ چاڪاڻ تہ ڪلاس جو مانيٽر هئو، ۽ مخزن ٻئي ڏينهن پريس ۾ وڃڻي هئي، اِنڪري ’نرمل‘ ڪلاس جو شان برقرار رکڻ لاءِ سڄي رات جاڳي هڪ ڪهاڻي، هڪ ڪويتا ۽ هڪ ناٽڪ لکي ورتا، جيڪي ٻئي ڏينهن هن سمپادڪ کي ڏنا. سمپادڪ نرمل جي لگن ۽ محنت کي داد ڏنو هئو.

والچند ڪاليج آف اِنجنيرنگ، سانگلي ۾ پڙهائيءَ جي دوران، نرمل بہ هندي ايڪانڪيون ’ضرورت هئہ بيوي ڪي‘ ۽ ’نيا مرغا‘ لکيون ۽ ڊائريڪٽ ڪيون هيون. ١٩٥٥ کان نرمل ڪانديوليءَ ۾ رهندو هئو. هر سال دسهڙي جي موقعي تي، اتي جا جوان هڪ ناٽڪ پيش ڪندا هئا، جن کي بہ نرمل ناٽڪ لکي ڏيندو هئو.

ان دؤر ۾ ئي واسديو نرمل کي سرڳواسي سڳن آهوجا جي صحبت ۽ سونهپ ملي. هو سنڌي ساهت جي اُفق تي شاعر جي حيثيت ۾ اُڀري. شعر ۾ ٻوليءَ جي سلاست ۽ خيال نواڻ سبب هن پاڻکن ۽ ڪويتا پاڙس کي متاثر ڪيو، ۽ شاعر جي حيثيت ۾ سنڌي ساهت ۾ مخصوص جڳهہ جوڙي ورتائين.

مدن جماڻي، گوبند مالهيءَ سان اپنا جا هندي ناٽڪ ڏسندي ۽ بحث ڪندي هو ناٽڪ جي ويجهو ٿيندو ويو. سنڌو ڪلا مندر جي ’فائونڊر ميمبر‘ هئڻ جو شرع بہ نرمل کي عطا آهي. موتي پرڪاش جي ري-روڊ واري گهر ۾ هڪ ميٽنگ رکي ويئي هئي. ايس. پي. مينگهاڻي، پڌي آڏواڻي، سچو آڏواڻي، ڪيرت ٻاٻاڻي ۽ موتي پرڪاش جي موجودگيءَ ۾ سنڌو ڪلا مندر برپا ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو هئو. اهو جو

سٽيج جو ڪامياب اَيڪٽر ثابت ٿي پيو آهي. آءٌ به سياويڪ اَداڪاريءَ جو قائل آهيان، پر مونکي اهو کيل ڏسڻ جو موقعو به ڪونه مليو آهي، صرف اخبارن ۾ اُنجي آلوچنا پڙهي اَٿم. واسديو نرمل ڪي وڏيڪ ناٽڪ به لکي رهيو آهي، جن مان هڪڙو آهي سويڊن جي مکيه ناٽڪ نويس سٽرنبرگ جو Miss Julie، جنهن کي مان دنيا ڀر جي شاهڪار ناٽڪن مان هڪ ليکيندو آهيان. نرمل جا ٻيا ناٽڪ ڏسڻ جي خوشنصيبي ته حاصل ڪانه ٿي اَٿم، پر Miss Julie سندي لباس ۽ ماحول ۾، رنگ منچ تي ڏسڻ جي آس اَٿم.

وڏا ناٽڪ اُلٿو ڪرڻ ڪانسواءِ، نرمل سڄا سارا ۹ ايڪانڪي ناٽڪ به جوڙيا آهن، جي سڀ خود-ساختا (original) آهن ۽ اُميد ته جلد ڪتابي صورت ۾ شايع ٿيندا. نندن ناٽڪن لاءِ مونکي خاص دلڪش آهي، ۽ اهي پڙهڻ ۽ ڏسڻ لاءِ آءٌ اکيون پايو ويٺو آهيان.

آخر ۾، منهنجو پياسو من، اندر ۾ اها آرزو پايو ويٺو آهي ته سندي سٽيج تي ڪو هڪڙو به عاليشان اصلي رچيل وڏو ته-فصلو گنڀير سماجڪ ناٽڪ ڪڏهن ڏسي سگهندس! سال ٻن کان پيريءَ جو پهريون ڏنڊ ڏيڻ شروع ڪيو اَٿم - آواز جي دنيا مون لاءِ بند ٿي ويئي آهي. يعني ته منهنجا ڪن ٻڌڻ کان پڙ ڪدي بيٺا آهن. سو ناٽڪ جي ڪردارن جي گفتگو ٻڌي، پلاٽ سمجهي ته مور ڪين سگهندس. باقي اَداڪارن جي چهرن جي چرپر، سندن هٿن جا اِشارا، ٻيهڪ ۽ هلڻي - تن جو اندازو ضرور لڳائي سگهندس. سندن پوشاڪون ۽ رنگ روپ، ناٽڪ جي سين سينهري ۽ بجلي بتين جو بندوبست، تن مان چڱو ئي لطف پرائي سگهندس. ڪن ڏيئي وني رهيا، پر آخر نيڻن جي نعمت ته رهيل آهي! جيڪي ڪسڄي ويو تنهنتي صبر، جيڪي بچيل آهي، تنهن تي شڪر.

(ڪلڪتو، ۲-۲-۱۹۶۸ع)

(”هي ءُ پياسو من منهنجو“ ناٽڪ جو مهاڳ)

OOO

غزل

واسديو نرمل

ڏسي هڪ موهڻي مورت وڃائي ويٺي دل سڀ ڪجهه،
نه جي مونکي هجن ها نيڻ، ڪنهن سان پيار ڇو ٿئي ها؟

اِنهيءَ ۾ دل يا اَک جو ڇا، محبت ٿي ئي ويندي آ،
هجي ها زور اُلفت تي ته ڪو لاچار ڇو ٿئي ها؟

’هڪ-ٻه-ٽي‘ جي نالي سان الٿو ڪيو. ان ’مرڊر مسٽري‘ ناٽڪ جو هدايتڪار هئو مدن جماڻي. تازو ئي اهو ’شڪار‘ جي نالي هيٺ انواد سوسائٽيءَ جي پاران ٻه پيش ڪيو ويو.

نيو آرٽ ٿيئيٽر پاران آمريڪن فارس ’وائل وائيف اِز اَوي‘ جو اُلٿو ’ضرورت آ جوءِ جي‘ پيش ڪيو ويو، جنهنجو ٻه هدايتڪار آنند مٽائي هئو. ناٽڪ ۾ ٽهڪن جو خزانو ڀريل هئو.

ناٽيه سنڌو جي سهاري هيٺ اَمريڪي ناٽڪ ’فور پوسٽرس‘ جو سنڌي الٿو ’پلءُ پلي‘ پيش ڪيو ويو جنهنجي هدايتڪاري ٻه ڪئي آنند مٽائي. سنڌي اِسٽيج جي هن يادگار ناٽڪ ۾ زندگيءَ جي اَلڳ اَلڳ دؤرن جي ترجماني پيش ڪيل آهي. هن ناٽڪ ۾ نرمل ڪي پنهنجي شاعريءَ جو جلوو ڏيکارڻ جو موقعو پڻ مليو.

جوتي ڪلا مندر طرفان گوپال پنجواڻيءَ جو ناٽڪ ’اَمي يا ممي‘ ڪي ٿپي ٿاهي نئين سر لکي واسديو نرمل ’ماءُ تہ منهنجي‘ نالي سان اِسٽيج ڪي ڏنو. نرمل ناٽڪ جا ڀهريان ٻه اَنڪ Re-write ڪيا هئا ۽ ٽيون اَنڪ پاڻ لکي جوڙيو هئائين. هدايتڪار مدن جماڻيءَ، credits ۾ ٻنهي - گوپال پنجواڻيءَ ۽ واسديو نرمل - جا ليکڪن طور نالا ڄاڻايا هئا - ناٽڪ ۾ ’جنريشن گئپ‘ شدت سان پيش ٿيل آهي ۽ نئين ۽ پراڻي جي ٽڪر ڪي ’ڪاميڊي‘ جي پس منظر ۾ پيش ڪيو ويو آهي.

للت ڪلا سنگم پاران نرمل، ڪنڙ فارسيڪل ناٽڪ جو سنڌيءَ ۾ اُلٿو ڪيل ناٽڪ ’بندل باز‘ پيش ڪيو جنهن جي هدايتڪاري ڪئي پرت ڪمار ڊينگرا. ناٽڪ ۾ ڏيکاريل آهي تہ ڪيئن هڪ ڪوڙ کي بچائڻ لاءِ سوَ ڪوڙن جي جار ۾ اُلجهيو ٿو پوي.

سنڌو ڪلا سنگم پاران گجراتي ’ميلو ڊراما‘ ’پتا ني جوڙ‘ جو الٿو ’جڏهن مان نہ هوندس‘ نالي هيٺ پيش ڪيو ويو. هدايتڪار هئو جيون گرسهاڻي. نرمل جي الٿو ڪيل هن ناٽڪ ۾ مول ليکڪ جي اسڪرپٽ سان ايمانداريءَ سان نڀايو ويو آهي ۽ ڀاونانمڪ ڇُهاءُ ڏنو ويو آهي. سنڌو ڪلا سنگم طرفان نرمل جا الٿو ڪيل ناٽڪ ’هيءَ پياسو من منهنجو‘، ’رات جو ١١ ٻجي‘، ’هڪ-ٻه-ٽي‘ ۽ ’پيار ڪري ڏس‘ ٻه پيش ڪيا ويا آهن.

١٩٦٠ جو زمانو هئو. نمدر جي پهرين مئنيجنگ ڪاميٽي تي ’نرمل‘ پڻ ڪنيو ويو هئو.

١٩٦٦ ۾ ’هيءَ پياسو من منهنجو‘ جيڪو ناٽڪ مرهٽي مان سنڌيءَ ۾ واسديو نرمل اُلٿو ڪيو هئو، سنڌو ڪلا مندر پيش ڪيو ۽ مرهٽي جي مهان ناٽڪڪار پي. ايل. ديشپانڊي جو لکيل آهي، جنهن جا ڊائلاگ مذاقي ۽ دل کي ڇهندڙ آهن. ايس. پي. مينگهاڻي جي هدايتڪاريءَ هيٺ واسديو نرمل ’پون مالهي‘ ڪردار جي روپ ۾ اسٽيج تي به آيو.

مٺو پوندو تہ واسديو نرمل ڪوي، هدايتڪار، ناٽڪڪار سان گڏ اَداڪار بہ رهي چڪو آهي. ان سان واسديو نرمل جي گوناگون شخصيت جا اَنيڪ پهلو اُجاگر ٿين ٿا.

سنڌي اِسٽيج تي واسديو نرمل جي اُلٿو ڪيل ناٽڪن جي ڏوم اَڄ تائين بہ متل آهي. نرمل کي سنڌيءَ جي لڳ ڀڳ هر ڪنهن ٿيئٽر گروپ سان ڪم ڪرڻ جو موقعو مليو آهي. هو ٻين ٻولين تان ناٽڪ ترجمو ڪرڻ بدران، ان ۾ سنڌي ماحول جي تقاضائن پٽاندڙ، گهربل ڦيرڦار ڪندو ۽ ڪجهہ جوڙيندو بہ آهي. ۽ پنهنجي شخصيت جي ڇاپ هڻندو آهي، سنڌيءَ ۾ الٿا ڪيل سندس ناٽڪ وشيہ توڙي پيشڪش جي لحاظ کان اهم جڳهہ والارين ٿا. ڪن کي شايد اهو مبالغو لڳي پر اها حقيقت آهي تہ اَڄ جيترو بہ سنڌي اِسٽيج وڪاس ڪيو آهي، سو گهڻي ڀاڱي نرمل جي ڪري. جيڪڏهن سنڌي ٿيئٽر تي واسديو نرمل نہ هجي ها تہ سنڌي ٿيئٽر ڪٿي هجي ها؟

سنڌو ڪلا نڪيتن لاءِ هن فريڊرڪ نات جو ’ڊائل ايم فار مرڊر‘ ناٽڪ سنڌيءَ ۾ ’رات جو ١١ بجي‘ نالي سان الٿو ڪيو - ناٽڪ راز پريو آهي. اِن ۾ ايترو تہ سسپينس پريل آهي جو درشڪن جي بدن ۾ ناٽڪ ڏسندي سنسني ڦهلجيو وڃي. هن ناٽڪ جي هدايتڪاري آنند مٽائي ڪئي. آنند مٽائي جي هدايتڪاريءَ هيٺ ’نرمل‘ ٻيو ناٽڪ ڏنو ’پيار ڪري ڏس‘، جيڪو سماجڪ مذاقي ناٽڪ آهي. ان ۾ ڍهرو مذاق يا اگرا ڊائلاگ ڪونهن ۽ صحتمند ’ڪاميڊي‘ جو سهٺو روپ آهي. نڪيتن لاءِ ئي هن ٽيون ناٽڪ جڳ پرسڌ ليکڪا اَگاٿا ڪرسٽيءَ جي ناٽڪ ’مائوس ٽرئپ‘

کي اُنهن کي اِسٽيج ڪرڻ جي همت اَجا ڪانه ٿي آهي. اِها نهايت اَفسوسناڪ حقيقت آهي ته واسديو نرمل جنهن سنڌي اِسٽيج کي پنهنجيءَ زندگيءَ جا ٽيهه سال اَرپڻ ڪيا آهن، تنهنجو اَصلوڪو طويل ناٽڪ ’لاڏو لاڏي آٽيندو‘ اِسٽيج ڪرڻ لاءِ ڪوبه سنڌي هدايتڪار اَجا تائين تيار ڪونه ٿيو آهي، جو جو اُن ۾ سستي منورنجن بدران گنڀير گهرو جيوت کي صداقت سان پيش ڪيو ويو آهي.

واسديو نرمل ناٽڪ فقط اُلٿو نه ڪيا آهن، پر اصلوڪين ايڪانڪين جي کيتر ۾، هن جو يگانو يوگدان رهيو آهي. هن جي اصلوڪين ايڪانڪين جا ٽي مجموعا موجود آهن : ’ٻوڙا اَچي مِڙيا‘، ’بنا ڏيتيءَ ليتيءَ شادي‘ ۽ ’سس زِڙي سس‘. سندس اِهي ايڪانڪيون لوڪپريتا جون بلنديون هڪ طرف ڇُهن ٿيون ته ٻئي طرف نين نين گروپس کي ناٽڪ اِسٽيج ڪرڻ جو اُتساهه پڻ بخشين ٿيون. اِنهن ناٽڪن جا اَنيڪ شو اِسٽيج ٿي چڪا آهن ۽ اِنعام حاصل ڪري چڪا آهن.

’ٻوڙا اَچي مڙيا‘ - ايڪانڪين جي مجموعي جي پهرين ايڪانڪي آهي ’جهڳڙو‘، جنهن ۾ ٻال-منووگيان جو ليکڪ سنو اِستعمال ڪيو آهي، ته ڪيئن ٻن ٻارن جون مائرون، ٻارن جي جهڳڙي ۾ پاڻ ۾ اُلجهن ٿيون، پر ٻار ڪجهه دير بعد پاڻ ۾ پرچي ٿا وڃن. ٻن عورتن جي جهڳڙي ۾ عورتن جي ٻولي، پهاڪن ۽ محاورن سان سجايل آهي، جا ليکڪ، سنڌي ڪردارن کي ڏيان ۾ رکي لکي آهي. پر ڏک جي ڳالهه آهي ته اَڄ اَهڙي ٻول چال جي ڀاشا، سنڌي گهرن مان گُم ٿيندي پيئي وڃي.

’پيڪي هلي ويندي سانوَ‘ ايڪانڪيءَ ۾ نرمل پتي-پتنيءَ جي رُسڻ پرچڻ، لاڏ ڪوڏ کي پيش ڪيو آهي. ايڪانڪي جو مسئلو، ’سانوري ڇوڪريءَ کي نهن بڻائي گهر آڻڻ‘ رکيو ويو آهي. صورت کان سيرت سؤ ڀار بهتر آهي يا پيار چمڙيءَ جو رنگ نه ڏسندو آهي، جي نقطي تي ناٽڪ ٿري ٿو. پتني - جيڪا پهرين پٽ لاءِ سانوري ڪنوار نٿي آڻڻ چاهي، پوءِ پتيءَ سان بحث مباحثي بعد نيٺ متاثر ٿي، سانوري نهن گهر ۾ آڻڻ لاءِ تيار ٿئي ٿي، هوءِ پنهنجي هٺ تان هيٺ تڏهن ٿي لهي، جڏهن سندس پتي، پنهس جو خط پيش ٿو ڪري. لاڏلي پٽ جي کي

سنڌو آرٽ ٿيٽر پاران ’هاءِ منهنجي دل‘ آمريڪي ناٽڪ ’سينڊ مي نو فلاورس‘ جو الٿو پيش ڪيو ويو، جنهنجو هدايتڪار هئو رميش چاچاڻي. ناٽڪ ۾ ڊيڪاريل آهي تہ وهم جي دوا لقمان حڪيم وٽ بہ ڪانهي. هن ناٽڪ سنڌي رنگ منچ تي ٻن سالن اندر سلور جبلي ملهائي هڪ رڪارڊ قائم ڪيو. سنڌو آرٽ ٿيٽر پاران ئي مرهٽي، ليکڪ شيام ڦڙڪي جي ناٽڪ ’تين چوڪ تيره‘ جو الٿو ’منهنجا مور لاڏا‘ پيش ڪيو ويو جنهن جي هدايتڪاري بہ ڪئي رميش چاچاڻي. ناٽڪ ۾ ڏيتيءَ ليتيءَ جي مسئلي کي فارسيڪل نوع ۾ هئنڊل ڪيو ويو.

’سنڌو ڪلا مندر‘ پاران تازو مرهٽي ليکڪ وسنت سبنس جو مذاقي ناٽڪ ’گهرو گهر هيچ بومب‘ جو الٿو ’شادي تہ ڪر‘ نالي سان پيش ڪيو ويو جنهن ۾ عورت مرد جي رشتي کي مذاقي نموني ۾ پري-پاشت ڪيو ويو آهي. ناٽڪ، سنڌي اِسٽيج تي گهٽ ۾ گهٽ عرصي ۾ سلور جبلي ملهائڻ جو رڪارڊ قائم ڪيو آهي. مٿيان سڀ ناٽڪ اِسٽيج تي لوڪپريہ ٿي چڪا آهن، جن جا ڪيترائي شوز پيش ٿي چڪا آهن. واسديو نرمل جا پيا بہ ڪيترائي الٿو ڪيل ناٽڪ آهن جيڪي اَجا اِسٽيج تي ٿيٽا آهن پر جن جون Scripts تيار آهن، جيئن تہ ’هني مون هوٽل‘، ’پاڻ ماڻهو‘ وغيره وغيره.

نرمل فقط مذاقي ۽ وندر سان ڀرپور ناٽڪ ئي الٿو نہ ڪيا آهن، پر ڪي گنڀير ۽ معنيٰ خيز ناٽڪ بہ الٿو ڪيا آهن جن کي سنڌي اسٽيج جو منهن اَجا ڏسڻو آهي. اُنهن مان هڪ آهي آگسٽ اسٽرنڊبرآگ جو جڳ پرسڌ ناٽڪ 'Miss Julie' جنهنجو الٿو نرمل ’مس ريتا‘ جي نالي سان ڪيو آهي، جيڪو ڪتابي صورت ۾ بہ ڇپجي چڪو آهي. مهان روسي ساهتڪار مئڪسم گورڪيءَ جي ناٽڪ 'Lower depths' کي نرمل سنڌيءَ ۾ ’پاتال‘ نالي سان ترجمو ڪيو آهي، جنهن تي هن سوويت لئنڊ نهرو اِنعام پڻ حاصل ڪيو آهي. مهيش ايلڪنچوار جي هڪ مرهٽي لنبي ايڪانڪي، جنهن ۾ اَڄ جي نئين شاهوڪار شاهيءَ تي طنز ٿيل آهي، بہ سنڌيءَ ۾ آندي اَٿائين.

مٿيان ناٽڪ نرمل وٽ تيار آهن، پر سنڌيءَ جي ڪنهن بہ هدايتڪار

ڏس، تنهن کي جوءِ ڪيِ. پر ٻه انهن هزارن لاءِ ڇوڪريون آڻيون ڪٿان؟ ڇوڪرين جا وڻ ته ڪونه پوکي رکيا اَٿئون.'' جهڙو ڪردار تهڙي ٻولي. ڪردارن کي اَلڳ اَلڳ ٻولي ڏيڻ ۾ نرمل ماهريت حاصل ڪئي آهي.

واسديو نرمل جي ايڪانڪين جو ٻيو مجموعو آهي 'بنا ڏيتيءَ ليتيءَ شادي'. ان ايڪانڪين جي سنگرهه ۾ نرمل هڪ سماجڪ طنز نگار جي روپ ۾ اُڀريو آهي ۽ سماجڪ ڪُرسمن تي گهري چوٽ ڪئي اَٿائين. ڏيتيءَ ليتيءَ جي عيوض گهوٽيتا ڪنواريتن کان جتي اَڍنگا خرچ ڪرائين ٿا، اتي اَڍنگن خرچن کان بچڻ جو اُپاءُ به نرمل ڏسيو آهي، جڏهن نوجوان ڪردار پريم ۽ منشي ڄئنشيرام ناٽڪ ڪري ڪنجوس غريب داس کي اَهڙي اَڍنگي خرچ ڪرڻ کان روڪين ٿا. ان ناٽڪ ۾ نرمل سماج سڌارڪ جي ڀومڪا بخوبي اَدا ڪئي آهي.

'رک صندليءَ تي پير' ايڪانڪي ۾ نرمل پاءُ ۽ ڀيڻ جي شرارتن، ماءُ-پيءُ جي اولاد کي اُڪلائڻ جي چنتا کي چٽيو آهي. جڏهن پسنديءَ جو موقعو ٿو اَچي ته ڪنوار-پيءُ کي ڌيءُ لاءِ ڇوڪرا دنبا، ڪارا ڪلوٽا ٿا لڳن. پر پٽ جي واتان جڏهن ڌيءُ جي پسنديءَ جو ٻڌي ٿو ته رضامند ٿيڻو ٿو پويس. ليڪ ڏيتيءَ ليتيءَ جي خلاف آهي، انڪري سنڌوءَ واتان چوائي ٿو ''سچ جيڪڏهن اَڄڪلهه جا نوجوان پنهنجيءَ تي اَچن ته اَسان جي جاتيءَ مان ڏيتيءَ ليتيءَ جي مرض جي پاڙ پٽجي وڃي.'' هاڻ جڏهن منوءَ لاءِ ڇوڪري چونڊڻ جو سوال ٿو اُٿي ته پنجو پساري جي ڌيءَ پشپا پاڏي تي لڳي، راڻي ريواڻي ڪاٺي تي لڳي، ميران لعلواڻي اُٺ جيڏي لنبي پيئي لڳي. نينت ڪارِي رام جي پياري شيلا منوءَ جي لاءِ چونڊي وڃي ٿي. يعني صورت کان سيرت بهتر هئڻ جو نقطو اُجاگر ٿئي ٿو. هڪ پيرو وري ليڪ سانوري رنگ جي وڪالت ڪندو نظر اَچي ٿو.

'بچت' ايڪانڪيءَ ۾ نرمل سنڌي گهرو جيوت جو شاندار چتر چٽيو آهي. اَڪثر سنڌي گهرو عورت هٿ جي ڪيتري نه پڪي ۽ هر waste جو جوڳو اِستعمال ڳولهي ڪيندڙ آهي. راتوڪا ڦلڪا ٻيءَ صبح جو ٽماٽن ۽ مصالحن ۾ ناهي اِستعمال ڪرڻ، پٽاٽن ۽ تورين جي کلن ۾ لوڻ وجهي سڪائڻ ۽ ان جون ڪچريون ناهڻ، ڦلڪا پوري ڳڙ جي پٽ ۾ وجهي

خوشيءَ لاءِ، پنهنجيءَ اِڇا جي خلاف به هاڪار ٿي ڪري. اِتي نرمل، ماءُ جي پٽ لاءِ ممتا کي زوردار نموني چٽيو آهي ۽ پٽيءَ جي وهنوارڪ ڪردار کي پيش ڪيو آهي.

'همايون اَڪبر جو پٽ هئو' طنزي ناٽڪ آهي. ٻار جنهن ماحول ۾ رهن ٿا، جيڪا سکيا ۽ سنسڪار پرائين ٿا، جيئن پنهنجن وڏن کي وهنوار ڪندو ڏسن ٿا، تيئن وڏن جي غيرحاضريءَ ۾ هوُ وڏن جو نقل ڪن ٿا. ماضيءَ جو اِتهاس ۽ اَڄ جي وقت جي وهڪري ۾، ماضيءَ جون ڳالهيون ڪيتريون نه بي مطلب ٿي وييون آهن - زندگيءَ جي اِن 'اَئبسرڊٽيءَ' کي نرمل ناٽڪ ۾ ٻال-ڪردارن ذريعي بخوبي چٽيو آهي. هتي به نرمل پنهنجي ٻال-منووگيان طرف تيز نظر جو پريچيه ڏنو آهي، ته ٻار تعليم ڪانسواءِ پنهنجي آس پاس جي واتاورڻ کي پاڻ ۾ ڪيترو جذب ڪن ٿا. ڪمرن جي سکيا اَڄ عام ٻارن کي ڇا ٿي بڻائي؟ فقط رٽيندڙ طوطو. ليڪ اَڻ سڌي نموني، اَڄ جي تعليمي سرشتيءَ تي پڻ چوٽ ڪئي آهي. اَدب ۽ فضيلت جي نالي ۾ ٻاراڻي هلت وهنوار ڪيئن نه بدلبو ٿو وڃي جو ٻارن جو ٽئلينٽ اُبرڻ ۽ اُسرڻ بدران دٻجي ٿو وڃي.

'ٻوڙا اَڇي مڙيا' ناٽڪ ۾ نرمل اِنساني بدني وڏ مان ناٽڪي عناصر ڳولهي ڪڍيا آهن. اتي نرمل 'پلي وٽ ورڊس' کان ڪم ورتو آهي، لفظن مان ناٽڪي بنياد کڙو ڪيو آهي. چپن جي چرپر، هلچل مان موجود ڪردار اَرٽ جهڙين ٿا ۽ چون اهو ٿا جيڪو هنن جي من ۾ آهي يعني هر ڪردار هڪ ٻئي سان جڙيل هوندي به ڪٽيل آهي - ناٽڪ جي رمز وري اها آهي ته ڪردارن جي اَلڳاءَ مان ناٽڪ جي تخليق ٿئي ٿي - ناٽڪ جو مزاج فارسيڪل آهي - گفتگو ۾ گهريلو ٻولي، ناٽڪ کي حقيقي هئڻ جو ڀرم بخشي ٿو.

'جوءِ ڪپي' ايڪانڪي ۾ 'نرمل' مئريج انفرميشن بيورو ڪاريه - واپار تي مذاقي طنز ڪئي آهي. بيورو جي مئنيجر وٽ جدا جدا شخص اَچن ٿا. مئنيجر جي ڪردار جي گفتگو مان مذاقي ڊائلاگ اُڀري ٿو. هر ايندڙ پاڻ سان آرزو ۽ تمنائون کڻي اَچي ٿو ۽ مئنيجر پنهنجي وهنوارڪ نقط نظر ذريعي هر ڪنهن کي خوش ڪرڻ چاهي ٿو ۽ چوي ٿو ''جنهن

ٻانِ واه جو مذاق پيدا ڪيو آهي.

’دل جون ڳالهيون‘ ايڪانڪيءَ ۾ نرمل مهانگر ۾ وڌيل آدمشماريءَ سبب پيدا ٿيل جڳهه جي تنگيءَ طرف اِشارو ڪيو آهي - ايڪانڪيءَ جو ڪردار مڱيو آهي. سندس گهر اَڻ ياتي آهن. شاديءَ ڪانپوءِ خانگي جڳهه جو مسئلو آهي. لڪڙي جو پارٽيشن لڳائي سگهجي ٿو، پر اُهو ڪو حل ڪونهي. سو پنهنجي شادي شده دوست موهن کان صلاح وٺڻ اَچي ٿو. موهن پنهنجي انيو کان ڪيس واقف ٿو ڪري ۽ چويس ٿو، ’’ٻڌ! شاديءَ ڪانپوءِ پهريان ٻه ٽي مهنا تہ هر روز رات جو روٽي کائي ٻئي ڄڻا گهمڻ نڪري ويندا هئاسين - ڪڏهن ڪنهن هوٽل ۾ چانهه پيئڻ جي بهاني وڃي ويهندا هئاسين. اُتي دل کولي ڳالهيون ڪندا هئاسين. دل جون ڳالهيون ڪندي ڪندي ٻارهن وڃي ويندا هئا، تيستائين گهر جا ياتي سمهي رهندا هئا.‘‘ ايتري ۾ موهن جي پتنيءَ جي داخلا ٿئي ٿي، جيڪا ٻہ پتيءَ سان گهر واپس موٽندي آهي، جيئن بس ۾ دل جون ڳالهيون ڪري سگهن - ايتري ۾ سوسائٽيءَ جو ’بلڊر‘ سندرداس اَچي ٿو، جيڪو ڪين گهر تائين پهچائڻ لاءِ ڪار ۾ لفٽ جي آڇ ڪري ٿو. شهري جيوت ۾ پرائيوسي جا ڪن ڪيترا نہ درلڀ بڻجي ويا آهن! هڪ طرف زندگيءَ جون تقاضائون آهن، ٻئي طرف شهري زندگيءَ جون علامتون، جن کي ٻہ واسديو نرمل مذاقي نوع ۾ چٽيو آهي.

’ٻہ ٽي ٻار ٻيڙا ئي پار‘ ايڪانڪيءَ ۾ نرمل فئملي پلئننگ جو مسئلو کنيو آهي. ان ۾ ونش پرمپرا جي ڌارڻا تي ڪڙي چوٽ ڪئي اَٿائين. هن ايڪانڪيءَ جو فلم ڊويزن جي ڊاڪيومينٽريءَ لاءِ سٺو اُپيوگ ٿي سگهي ٿو. ايڪانڪيءَ جو سرو ’ٻہ ٽي ٻار ٻيڙا ئي پار‘، نعرو ’پاپيولر‘ بڻجي سگهي ٿو. نسبنديءَ جي حمايت ايڪانڪيءَ ۾ ٿيل آهي. ان سان سرٻواسي سنجيہ جي آتما سرڳ ۾ ٻہ خوش ٿيندي. نانڪ ۾ وڌندڙ آدمشماريءَ تي چنتا چٽي نموني ظاهر ٿيل آهي. نرمل هن ايڪانڪيءَ ۾ سرڪار جو ’مائوٽ پيس‘ ٿي اُڀريو آهي.

نرمل جو ريڊيو مونولاگ ’هڪ شهيد جي موت تي‘ ديش پريم سان تمتار آهي. اُن جي شهيد پٽ پريم کي ’مهاوير چڪر‘ جو انعام مليو

ڪٽي ناهڻ، قتل ڪير مان مائو ناهڻ، قاتل پئنٽن مان ٽيلهيون ناهڻ، ڪپڙن جي ٽڪرن مان پٽ لاءِ بشرٽ سبڻ - ان بچت پنيان به شاندار سنڌي روايت آهي. جمنا چوي ٿي، ''منهنجي ڏاڏي چوندي هئي ته ڪابه چيز ڦٽي ڪرڻ نه کپي. وقت تي مٽل نانگ به ڪم ايندو آهي.' ليڪڪ ڪارائٽو نقطو ڏسيو آهي، ته زندگيءَ ۾ ڪابه شيءِ waste نٿي وڃي. ان جو ڪجهه نه ڪجهه استعمال ٿي سگهي ٿو. ان لاءِ جمنا جهڙي نظر کپي.

'نئون ٽيليفون' ايڪانڪي ۾ نرمل ٽيليفون جي اردگرد ناٽڪ جوڙيو آهي. ٻين ڪردارن سان گڏ ان ناٽڪ ۾ ٽيليفون به هڪ اَهم رول اَدا ٿو ڪري. ٽيليفون مرده چيز نٿو رهي. گهر ۾ ٽيليفون اَچڻ سان جتي تحرڪ اَچي ٿو وڃي - جو اُهي پاڙيسري جيڪي هونئن ورهين جا ورهيه ڪيڪاريندا به ڪونهن، ٽيليفون اَچڻ جي خوشيءَ ۾ واڌايون ڏيڻ ٿا اَچن پنهنجي سوارٿ جو پورائو ٿيندو ڏسي - اتي ليڪڪ پاڙيسرين، دوستن، مٽن مائٽن جي سوارٿي ذهنيت ڪي بي نقاب ڪيو آهي - پر ٽيليفون مان پيدا ٿيندڙ خفي ڪي شدت سان پيش ڪيو اَٿائين ۽ مذاق ۾ ٻڌايو اَٿائين ته ٽيليفون جتي هڪ وگيانڪ نعمت آهي، اُتي اها نعمت مٿي جو سور به ٻڻجي وڃي ٿي.

واسديو نرمل جي ايڪانڪين جو ٽيون مجموعو آهي 'سس ڙي سس'. پهرين ايڪانڪي 'سس ڙي سس' ۾ نرمل وري ٽيليفون ڪٽي آيو آهي. ساڳيو نئون ٽيليفون وارو 'گمڪ' دهرايو اَٿائين. پر هن ايڪانڪيءَ ۾ فون مان پيدا ٿيندڙ خفتگي پنهنجي چرم سيما تي آهي، جو ايڪانڪيءَ جي سٺ ورهين جي نائڪا سيتا، ٽيليفون ڪي پوندو ڏيڻ ڪان به باز نٿي اَچي ۽ چوي ٿي، ''هن سک ڦٽي ته اصل تنگ ڪري ماريو آهي! پنجين پنجين منٽين وٺيو ٻوڪ ڦاڙي!'' ايڪانڪيءَ ۾ سنڌ جون يادگيريون، مهانگائيءَ روزمره جي چنتائن ۽ پئسي پئسي جي بچت ذريعي سنڌي مِڊل ڪلاس جيوت اُڀري آئي آهي. پراڻي جنريشن يعني سسيون، نئين جنريشن سان اَيڊجسٽمينٽ ڪري انهن مٿان بار ٻڻجڻ بدران ڪارائتيون ثابت ٿيون آهن. گهرو ٻوليءَ ذريعي نرمل ايڪانڪيءَ

ناٽڪڪار شري واسديو نرمل

✍ جيٺو لالواڻي

سنڌ ۾ جيڪي مهان، مايناز شخصيتون پيدا ٿيون ۽ جن صحيح معنيٰ ۾ سنڌي ٻولي، ساهتيه، ڪلا، تعليم ۽ ناٽڪن جي ترقيءَ لاءِ نه صرف سوچيو پر عمل جي راهه اَپنائي، عملي طور سنڌيت جي خدمت ڪئي آهي، اُنهن سنڌيت جي شيدائين ۾ شري واسديو نرمل هڪ اَهم ترين جڳهه والارين ٿا. هو پنهنجي فڪر، اخلاق ۽ ڪردار ۾ پنهنجو مٽ پاڻ آهن. غور ٿو ڪجي ته معلوم ٿئي ٿو ته سنڌي اَدب ۾ ڪيترا انجنير آهن جن بلڊنگون، پليون، رستا، مڪان وغيره جوڙڻ جي ڪم سان گڏ سنڌيت جي پختي، سندر عمارت جوڙڻ ۾ پڻ اَهم ترين پارٽ اَدا ڪيو آهي. شري نرمل پڻ هڪ اِنجنيئر هوندي به سنڌي اَدب، ناٽڪ ۽ تعليم جي عمارت کي سجائڻ، سنوارڻ جي ڪم سان گڏ نسوارٿي ڀاونا ۽ صاف دل سان شيوا پڻ ڪندو رهيو آهي. هن وڏي علم ۽ فڪر واري اِنسان پنهنجي زندگيءَ جو وڏو عرصو سنڌي ساهتيه جي ڀلائيءَ ۽ بهبوديءَ لاءِ اَرپڻ ڪيو آهي ۽ ڪيترائي ڪوتا جي ڏس ۾ نوان نوان ڪوي پيدا ڪري سنڌي اَدب جو نالو روشن رکندو پئي آيو آهي.

شري واسديو نرمل سڀاءَ کان فضيلت وارو اِنسان ۽ اعليٰ علمي لياقت جو ڌڻي آهي. هن علم فقط ڊگري وٺڻ ۽ نوڪري ڪرڻ لاءِ حاصل نه ڪيو آهي پر پنهنجي ذهن کي سجاڳ ڪرڻ ۽ دل دماغ کي روشن ڪرڻ خاطر علم جو ڳولائو پڻ ٿيو آهي. شري نرمل کي سنڌ، سنڌيت ۽ سنڌين جي شرافت ۽ فضيلت سان بي پناه محبت آهي. زندگيءَ جو وڏو عرصو سنڌي ڪوتا ۽ ناٽڪ جي خدمت ڪئي اَٿائين. اَنگريزيءَ ۾ اَڀياس هوندي، مرهٽي ماحول ۾ رهندي به پنهنجي سپڪ، سلوڻي، مايدار سنڌي ٻوليءَ کي صحيح معنيٰ ۾ مادري زبان طور نه صرف ڳالهائيندو آهي پر هُن نج سنڌي ٻوليءَ کي نهايت ئي مٺي لهجي ۾ ٻولي، اُن کي پنهنجين رچنائن، ناٽڪن ۾ قلمبند ڪيو آهي.

بقول شري هري دلگير : ”نرمل، اَول، آخر ۽ وچ ۾ تاجيءَ پيٽي سنڌي آهي. سنڌ، سنڌو، سنڌين ۽ سنڌ جي ٻوليءَ سان سندس لڳاءُ آهي.

آهي. پريم پيءُ جو پنهنجي شهيد پٽ جي ياد ۾ روڄڻ، جذبات ڀريو ۽ دل کي ڇُهندڙ آهي. اسڪولي ٻارن ۾ ويرتا جون ڀاونائون ڀرڻ لاءِ اهو مونولاگ ڪارگر ثابت ٿي سگهي ٿو.

’جگر جو ٽڪر‘ اِن مجموعي جو آخرين ناٽڪ آهي سئموئيل بڪيٽ جو شاهڪار ناٽڪ ويٽنگ فار گوڊوٽ، جنهن ۾ نه ختم ٿيندڙ اِنتظار آهي، جنهن
گوڊوٽ ڪڏهن اَچڻو نه آهي. اُن جون گهٽيون ئي پريشانيون ۽ ويدنائون ڏيکاريون ويون آهن. ساڳي ويدنا نرمل جي ناٽڪ ’جگر جو ٽڪر‘ ۾ اُڀري بيني آهي، جو سندس وڏي ناٽڪ ’لاڏو لاڏي آٿيندو‘ جو هڪ حصو آهي. ناٽڪ ۾ رتنا ۽ شيام آمريڪا مان ايندڙ پٽ جي آمد جو اِنتظار ڪندا رهيا آهن. اِهو اِنتظار اَڃا به لنبو دل جهوريندڙ بڻجي ٿو، جڏهن پٽ جي تار ٿي اَچي ته هو ڪونه ايندو. نه ته به اُهي آمريڪا وڃڻ جي آس جو تياڳ نٿا ڪن. هڪ جذباتي ۽ دل کي ڇُهندڙ، ناٽڪ واسديو نرمل لکيو آهي.

پدم شري رام پنجواڻيءَ جي اَکرن ۾ ڪٿي چئجي ته نرمل جون ايڪانڪيون سڪيا جي سڪيا ۽ وندر جي وندر ميسر ڪن ٿيون.

نرمل سنڌي ٿئيٽر سان لڳ ڀڳ ۳۵ سال وابسته رهيو آهي. سندس هي مذاقي ۽ طنزي ايڪانڪيون سنڌي ٿئيٽر جي کوٽ جو پورائو ڪن ٿيون. پر مونکي اُن ڏينهن جو اِنتظار آهي، جڏهن سندس ۳۵ سالن جي آزمودي ۽ ٻي جوڙ قلم مان هڪ ’ماسٽر پيس‘ ٽه-فصلي ناٽڪ جي تخليق ٿيندي جيڪو سنڌيءَ مان ٻين ٻولين ۾ ترجمو ٿيندو. ’نرمل‘ جي قوتن ۾ منهنجو پورن وشواس آهي. اُهو ڏينهن ضرور ايندو.

○○○

غزل جي خوبين جو ذڪر وقت به وقت پئي ڪيو آهي. پر شري نرمل شاعر سان گڏ هڪ بهترين ناٽڪ نويس پڻ آهي. جنهن ڪافي جهجهي انداز ۾ موڳ ناٽڪن جي رچنا ۽ بين ٻولين جي ناٽڪن جو اُلٿو ڪيو آهي. شري نرمل پارت ۾ پهريون ئي شخص آهي جنهن وڏ ۾ وڌ جدا جدا پارتي ٻولين خاص ڪري مرهٽيءَ جا بهترين ناٽڪ سنڌيءَ ۾ اُلٿو ڪري، اُنهن کي سنڌي ويس وڳو پهرائي سنڌي رنگ منچ تي ڪاميابيءَ سان پيش ڪرايا آهن. ممبئيءَ جو اَهڙو ڪوبه سيپتڪ، ناٽڪي گروپ باقي نه آهي جنهن واسديو نرمل جو ناٽڪ منچ تي نه آندو هجي، نوان ۽ اسڪولي گروپ شري نرمل جي ئي ايڪانڪي ناٽڪن کي منچ تي پيش ڪرڻ کي اَگرائي ڏيندا آهن.

واسديو نرمل جي اصلوڪن ايڪانڪي ناٽڪن جا مجموعا هن ريت آهن : (١) ٻوڙا اَچي مڙيا (١٩٧٢)، (٢) بنا ڏيتي ليتيءَ شادي (١٩٧٨) ۽ (٣) سس ڙي سس (١٩٨٠). اُن ڪانسواءِ 'اَمان توکي خبر آهي' مونولاگ (١٩٨٠).

هن جا انواد ٿيل ۽ شايع ٿيل ڪتاب آهن : (١) عورت ۽ بوتل (١٩٧٤). (٢) هيءَ پياسو من منهنجو (مرهٽيءَ تان)، جنهن جو موڳ ليکڪ آهي پي. ايل. ديشپانڊي. (٣) هڪ-ٻه-ٽي (موڳ ليکڪ آگاٿا ڪرسٽي). (٤) پلئه پلي (موڳ ليکڪ وان دي هارتوگ). (٥) مس ريٽا (ليکڪ ڏمول اسٽرنڊبرگ ۽ (٦) پاتال (ليکڪ مئڪسم گورڪي. پهريان ٻه ناٽڪ مرائيءَ تان اُلٿو ڪيل آهن. ٻيا ناٽڪ اَنگريزيءَ مان سنڌيءَ ۾ اُلٿو ڪيل آهن. سواءِ 'پاتال' جي، جو روسي ناٽڪ جي اَنگريزي اَنواد جو ترجمو آهي.

'ٻوڙا اَچي مڙيا' ايڪانڪي مجموعي ۾ جهڳڙو، پيڪي هلي وينديسانءِ، همايو اَڪبر جو پٽ هو، ٻوڙا اَچي مِڙيا ۽ جوءِ ڪپي ناٽڪ شامل آهن.

'بنا ڏيتي ليتيءَ شادي' مجموعي ۾ رک صندليءَ تي پير، بچت، ٽون ٽيليفون ۽ ٽائيٽل ناٽڪ بنا ڏيتي ليتيءَ شادي شامل آهن.

'سس ڙي سس' مجموعي ۾ دل جون ڳالهيون، ڪوئي لڏي هٽڊ ڳڙي، ٻه ٽي ٻار ٻيڙا ئي پار، هڪ شهيد جي موت تي، جگر جو ٽڪر ۽ سس ڙي سس ناٽڪ شامل آهن.

نرمل بنيادي طور پريم جو ڪوي آهي سو به غزل جي هئيت ۾ پاڻ پورو پورو اُپاري سگهي ٿو ... سندس غزلن جا ڪيترا بند ٻوليءَ ۽ خيال جي لحاظ کان نهايت ئي پيارا ۽ وڻندڙ آهن.“

نرمل شرنگاري ڪوي آهي. هن پنهنجين ڪويتائن ۾ ٻولي ۽ محاورن جو قابليت سان اِستعمال ڪيو آهي.

ديش جي ورهاڱي شري نرمل کي سنڌ ڇڏڻ لاءِ مجبور ضرور ڪيو پر هند ۾ هو سنڌ جي ساروڻيءَ کي ياد رکندي اُنهن جي سونهن جا داستان پنهنجي شاعريءَ ۽ رچنائن ۾ لکندو رهيو آهي. ڀارت ۾ مايوس ڪندڙ ماحول جي باوجود، هو صاحب، مايوس نه ٿيو آهي، پر هو پختي ارادي ۽ دورانديشيءَ سان، وڏي سوچ ۽ اَٽل فيصلي مان قلم هلائيندو پئي رهيو آهي ۽ رچنائون رچيندو پئي آيو آهي.

اَڄ جي هن جديد وشال دنيا ۾ اَسان کي اَهڙا گهڻائي ماڻهون نظر اَچن ٿا جن جي زندگيءَ جو مقصد عيش عشرت سان گڏ ناٽو ڪنو ڪرڻ ۽ پنهنجو ڊاڪو ڄمائڻ آهي. اَسانجي سنڌي اَدب ۾ به اَجايو آهي اَڊمبر، ڊاڪو ڄمائڻ ۽ پنهنجا هوڪا پاڻ ڏيڻ وارن جي کوٽ ڪانهي. تمام ٿي ٿورلي شخص آهن جيڪي اِنهن ڳالهين کان دور صرف سکڻ ۽ سيکارڻ وارا آهن. شري واسديو نرمل اُنهن چند شخصن مان آهي، جيڪو ساهتيڪ گُٽبندي، سازشن، چالبازين ۽ گروهه بنديءَ کان دور رهي، سدائين رچڻ ۽ سيکارڻ لاءِ تيار هوندو آهي. جتي به سڏ ملندو اَٽس هو اُتي سيکارڻ لاءِ پهچي ويندو آهي. ڀل پوءِ اُن لاءِ کيس ڪيترا به ڪشٽ ۽ ڪشالا ڪڍڻا پون يا سهڻا پون. شري واسديو نرمل پنهنجي سادي زندگي گذران ذريعي پنهنجي خيالن جي خوشبوءِ سان نئين ٽهيءَ کي معطر ڪيو آهي. هو شخص جي روپ ۾ سادگيءَ ڀريو، ڏيکاوَ کان پري، ’مان‘ جي اَهم کان دور، دوستن جو دوست ته آهي ئي پر دشمنن جو به دوست آهي. هن جي هر رچنا، ايمانداريءَ جو اِظهار آهي. نرمل هڪ اَهڙو پارس آهي، جيڪو ڪٽيل لوهه کي به سون بڻائي ٿو ڇڏي. هو صاحب خود ئي فرمائين ٿا ته،

”ڇهي شاعر جي پارس دل، سون ٿيو لفظن جو لوهه.“

شري واسديو نرمل جي شاعري فن تي پروفيسر پوپٽي هيراننداڻي، لڇمڻ ڪومل، گوبند مالهي، هري موٽواڻي، وشنو ڀاٽيا، هري دلگير، موتيرام راماڻي، ڊاڪٽر ڪملا گوڪلاڻي ۽ جيوت چاولا بين خاص ڪري

وارو ڄمايو آهي. جنهن جون وڏي ناٽڪ ڪيتر ۾ ڪيل سيوائون گهڻي ساراهه لائق آهن.[9]

شري واسديو نرمل جي ڪيترن ناٽڪن کي پيڻ پوپٽي هيراننداڻيءَ به ساراهيو آهي ۽ خوبين جو ذڪر پڻ ڪيو آهي.

جيئن داس طالب 'ضامن' ايڪانڪيءَ ۾ سورداس ۽ ٻوڙي ماءُ جو ڪردار پيش ڪيو آهي، تئن واسديو نرمل 'ٻوڙا اَچي مِڙيا' ناٽڪ ۾ چار ٻوڙا ڪٺي اُنهن کي ڪاميابيءَ سان پيش ڪيو آهي. هن ناٽڪ جدا جدا چٽاڀيٽين ۾ گهڻا انعام پڻ حاصل ڪيا آهن. جيستائين واسديو نرمل جي 'نئين ٽيليفون' ناٽڪ جو سوال آهي، اِهو ريڊيو ناٽڪ آهي، اُن ۾ ٿوري بدل سدل ڪري ايم. ڊي. هاءِ اِسڪول جي شاگردن سٽي تعلقا ايڪانڪي چٽاڀيٽيءَ ۾ منهنجي (جيني لالواڻيءَ جي) هدايتڪاريءَ ۾ جڏهن پيش ڪيو تڏهن گهڻي ۾ گهڻا انعام بهترين هدايتڪاري، اداڪاري، پيشڪش جا هن ناٽڪ حاصل ڪيا. نه صرف سٽي تعلقا سطح تي پر راڄيه سطح تي پڻ انعام حاصل ڪيا. اِهو ئي ناٽڪ هنديءَ ۾ (اُلٽو ڪندڙ جيني لالواڻيءَ) سِوِل ڊفينس جي اکل ڀارت سيمينار ۾ احمدآباد ۾ پيش ڪيو ويو تڏهن پڻ هن ناٽڪ ڪافي ڪاميابي ۽ انعام حاصل ڪيا.

رنگ ڪرم ٿئيٽر احمدآباد طرفان شري جگديش شهدادپوريءَ جي هدايتڪاري ۽ جيني لالواڻيءَ جي پراڊڪشن ۾ ناگپور ۾ اکل ڀارت سنڌي ٻولي ساهت سڀا طرفان رکيل ايڪانڪي چٽاڀيٽيءَ ۾ هن ناٽڪ اکل ڀارت سطح تي وڏ ۾ وڏ انعام حاصل ڪيا. رنگ ڪرم ٿئيٽر هن ناٽڪ جا سؤ کان به مٿي شوز ڀارت جي جدا جدا شهرن ۾ پيش ڪري واهه واهه حاصل ڪئي آهي.

شري ايس. پي. مينگهاڻيءَ جي هدايتڪاريءَ ۾ پڻ هيءُ ناٽڪ اَنيڪ ڀيرا منچ تي پيش ٿي چڪو آهي ته گڏوگڏ دوردرشن، آڪاشواڻيءَ تان به پرسارت ٿيو آهي ۽ هن ناٽڪ جي ويڊيو فلم پڻ تيار ٿي چڪي آهي.

شري واسديو نرمل جو 'هڪ شهيد جي موٽ تي' شهيد پريم رامچنداڻيءَ جي جيون تي لکيل ريڊيو مونولاگ آهي، پر تنهن هوندي به اِسٽيج تي ڪيترائي دفعا فنائتي ڍنگ سان پيش ٿيل آهي. شري ڪيرت مهرچنداڻيءَ کي هن ناٽڪ لاءِ بهترين اَداڪاريءَ ۽ پيشڪش لاءِ انعام پڻ مليل آهن. اِهو ناٽڪ ١٩٦٦ ۾ بئنگلور ۾ ٿيل سنڌي سميلن وقت شري مدن جماڻيءَ ۽ شيلا ساجناڻيءَ پيش ڪري حاضرينن کي مگهد ڪري ڇڏيو هئو. 'همايون اَڪبر جو پٽ هو' ناٽڪ ۾ تعليمي سرشتيءَ تي زوردار طنز ڪيل آهي. سس ڙي سس ناٽڪ ۾ ٽن سنڌي پوڙهين جو

نرمل جا گهڻا تڻا ناٽڪ مذاق سان ڀرپور آهن ۽ جدا جدا وشين تي لکيل آهن. هنن ايڪانڪي ناٽڪن ۾ ڪي ناٽڪ ريڊيو ناٽڪ آهن ته ڪي وري اِسٽيج لاءِ لکيل آهن، جيڪي ريڊيو ناٽڪ آهن، اُنهن ۾ بدل سدل ڪري اُهي، اِسٽيج ۽ دوردرشن تي پڻ وقت به وقت پيش ٿيل آهن.

ڊاڪٽر پريم پرڪاش پنهنجي مقالي ۾ لکي ٿو ته ’جهڳڙو ناٽڪ ۾ به پاڙيواريون ڳالهه جو ٺهه پهه جواب تز لفظن ۾ ڏيندي سنڌي زناني ٻوليءَ جو شاهڪار ذخيرو ڏيکارين ٿيون پر ساڻ ساڻ حاضر جوابيءَ جو هڪ عمدو مثال پڻ پيش ڪن ٿيون.

شري منگهارام ملڪاڻيءَ جو رايو آهي ته، ”هندستان ۾ سنڌي ناٽڪ جي سڄاڳيءَ ۾ واسديو نرمل مکيه ڀرو ورتو آهي، ڇو ته هن گهڻي ۾ گهڻا طويل ناٽڪ هڪ ٻئي پنيان تيار ڪري ورتا آهن. هن جو بهترين ناٽڪ آهي پدم شري پي. ايل. ديشپانڊي جو مراٺي ناٽڪ، جنهن کي نرمل سنڌي زندگيءَ ۾ ٺيڪ ٺهڪايو آهي. هيءُ گنڀير ناٽڪ سماجڪ مسئلي تي ٻڌل آهي. ڌرمي پابندين ۽ آزاد صحتمند زندگيءَ جو ٽڪر هن ناٽڪ ۾ ڏيکاريل آهي. مکيه خوبي آهي ٽن نوڪرن جا مذاقي ڪردار جي اَلڳ اَلڳ لهجن ۾ ڳالهائين ٿا.

اِها هڪ حقيقت آهي ته شري واسديو نرمل کي سنڌي ٻوليءَ تي دست رس آهي، سندس عبارت موزون ۽ محاوريدار هوندي به عام فهم آهي ۽ شري نرمل ئي آهي جنهن سنڌيءَ جي جدا جدا لهجن کي ڪاميابيءَ سان ناٽڪن ۾ اِستعمال ڪري نه صرف اُنهن کي محفوظ رکڻ جي ڪوشش ڪئي آهي پر گڏوگڏ عام ۾ اُنهن کي لوڪپريه پڻ بڻايو آهي. شايد ئي ٻيو ڪو سنڌي ناٽڪڪار ناٽڪ نويس هجي جنهن هن نموني سنڌيءَ جي جدا جدا لهجن کي ناٽڪن ۾ اَپنايو هجي.

ايم. ڪمل جي نظرن ۾ واسديو جو ’پيڪي هلي ويندي سانءَ‘ بهترين ناٽڪ آهي ته وري شري ليلارام رچنداڻيءَ جو پڻ صاف ۽ چٽو رايو آهي ته، ’ناٽڪ نويسيءَ ۾ نرمل ڪامياب ويو آهي. جدا جدا موضوعن کي ڪٺي هو اَڳيان آيو آهي. هن کي سنڌي ٻوليءَ جي اُپ ڀاشائن جو به چڱو گيان ٿو ڏسجي. زناني ٻوليءَ جو به ماهر آهي. اصطلاحن ۽ پهاڪن جو به چڱو ذخيرو هن وٽ آهي.

’سنڌي ايڪانڪي‘ ڪتاب جيڪو ساهتيه اَڪادمي دهليءَ طرفان ۱۹۸۴ ۾ شري جيون گرسهاڻي، هيمراج ناگواڻي ۽ ڊاڪٽر پريم پرڪاش جي سمپادن ۾ شايع ڪيل آهي. اُن جي مهاڳ ۾ لکيل آهي ته ’انهيءَ ڪيتر ۾ واسديو نرمل به واهه جو

”اَمان جو پينگهو“ هڪ لاجواب پيشڪش

✍ ڪيرت ٻاٻاڻي

”اَسين سنڌي“ مخزن جو روح-رَوان، جيرام رُوپاڻي ٻه سنڌي جاتيءَ جي اُنهن شخصن ماں آهي، جن ’سنڌيت‘ سان وهانءُ ڪري ڇڏيو آهي. جن جو اُٿڻ وِهڻ، سوچڻ، سمجهڻ، کائڻ ۽ ساهه کڻڻ ۾ سنڌيت پيئي وسندي آهي. ٻن ٻالهين کان تہ هو سنڌي جڳت ۾ مشهور ٿي ويو آهي. هڪڙو آهي تہ هر سال سنڌيت جي سنيهه سان ڀرپور ننڍن ڪلاڪن جو (هو سال نئون) سيٽڪ رندر جو پروگرام ڏيندو رهندو آهي (سال ١٩٩٦ کان وٺي)، ٻيو تہ هن ٻاڻ کي ’نہ هڪڙو منٽ اڳ، نہ هڪڙو منٽ پوءِ‘ جي نالي سان (nickname) پيارو ڪري ڇڏيو آهي. شام جو ستين جو گهنډ وڄڻ سان پردو مٿي کڄندو آهي ۽ ڏهين جو ٽڪاءُ ٿيڻ سان پردو هيٺ ڪرندو آهي. اَهڙي ٻڪي ۽ چست انتظام لاءِ جيرام روپاڻي، خاص طور سنڌي جاتيءَ وٽان ’گل ۽ پٽر‘ ٻئي جهول ۾ پاتا آهن. هو خوش آهي ’ڏنو جيڪي ڏاتار سو سوکهو جهليم جهول ۾‘.

جيرام جا پروگرام اَڪثر سنگيت، ناٽڪ ۽ نرتيہ جا سهڻا سنگم هوندا آهن. هن سال پڻ جيڪو پروگرام هئو، سو اُنهن ٽنهين ڪلائن جو سندر سنگم هئو، پر ان کي هڪ نفيس پر مضبوط جذبي جي ڏور سان پوئي، هڪ ٻن فصلن جو وڏو ناٽڪ ڪري ٢٢ مارچ تي بمبئيءَ جي نهرو آڊيٽوريم ۾ ٽمتار هال اَندر پيش ڪيو ويو. ناٽڪ جو نالو هئو ’اَمان جو پينگهو‘، جنهن جي ڪهاڻي، هر سنڌيءَ وانگر، سنڌ مان شروع ٿيندي آهي ۽ هند ۾ ختم ٿيندي آهي، پر هن پينگهي جي ڪهاڻي ختم ڪانہ ٿي ٿئي. اَهڙا ڪهاڻيءَ صديون زنده رهندي.

ڪهاڻيءَ جو ڪئنواس ڪشادو آهي، جنهن ۾ هڪ ڪٽنب جي ٽن پيڙهين جو داستان اَچي ٿو وڃي. مراد اِها آهي تہ انسان جي پوري زندگيءَ جو قصو (ڄمڻ کان مرڻ تائين) ڇنيو وڃي ۽ ان جيون جي سفر ۾ جيڪي رسمون رواج، خوشيون، غم، ڏڻ وار، لاهيون چاڙهيون اَچن ٿيون، تن جو چٽرڻ ٿئي ۽ سنڌي جيون جو سمپورڻ درشن ملي.

’اَمان‘ (آرتي جادواڻي) جنهن کي ماءُ وٽان جيڪو پينگهو ڏاجي ۾ مليو هئو، تنهن کي ڪنهن بہ قيمت تي ورهاڱي وقت وڪڻڻ يا ڇڏي اَچڻ جي وات ئي نٿي نهاري، مڙس جي ڌمڪائڻ تي بہ چوي ٿي : مان ان کي پنهنجي ڪلهي تي کڻي هلندس ... ڀارت ۾ اَچڻ کانپوءِ تہ جڳهه جي تنگيءَ ڪري هرڪو پيو ٽوڪيس ۽ وڏي رقم وٺي ڏيڻ جي لالچ ڏئيس، پر اَمان پنهنجي اَباڻي ورثي کي ڪنهن بہ قيمت تي ڇڏڻ لاءِ تيار ڪانهي ۽ آخرين دم بہ اُنهيءَ

چتر چٽيل آهي ته وري ڪوئي لڏي هڻڊ ڳڙي ناٽڪ ۾ چارئي پرش ڪردار سنڌي سماج جي جدا جدا طبقن جي نمائندگي ڪندڙ پيش ڪيل آهن. شري نرمل جا ڪي پرچاري ۽ سنديش ڏيندڙ ناٽڪ پڻ آهن. ڪجهه به هجي شري نرمل هڪ ڪامياب ناٽڪ نويس آهي. هو سڌو سنواٽو ترجمو ڪرڻ بدران سنڌي ماحول جي تقاضا مطابق ڦيرڦار ڪري ٿو پر پنهنجي طرفان پڻ ڪاميابيءَ سان اُن ۾ ڪجهه جوڙي به ٿو. اِن ڳالهه جو ثبوت نرمل جي اُلٽو ڪيل ناٽڪ 'رات جو يارهين بجي' جي جولي ڪردار جنهن کي سنڌي لباس ۽ ماحول ۾ پيش ڪيو ويو آهي، ملي ٿو.

اَسان جئن اَڳيِ چئي آيا آهيون ته شري واسديو نرمل جي ٻولي سليس، چست، سنڌيت جو هڳاءُ ڏيندڙ، محاوريدار ۽ عام فهم آهي. اِهائي تقاضا سدائين ناٽڪي ٻوليءَ جي رهندي آهي. نرمل جي ناٽڪن جي گفتگو ۾ ڪافي گوناگونيت هوندي آهي. ڪردارنگاريءَ کي به هو پوريءَ طرح سنڌيءَ جي رنگ سان رڱي ڇڏيندو آهي. اَهڙيون خوبيون تمام ٿورن ناٽڪ نويسن ۾ هونديون آهن، واسديو نرمل ته خوبين جي کاڻ آهي.

شري نرمل جي دلي تمنا آهي ته،

'وري نه ترم ۽ مذهب جي نالي خون وهي،
وري نه پاڻ ۾ ويڙهائي ڪوني رام رحيم.'

اَسين دنيا ڀر جا سنڌي هڪ ٿيون، پاڻ ۾ سنگهٽن ۽ ٻڌي قائم ڪري سنڌيت جو هڳاءُ ڦهلائيندا رهيون، اَهڙي ئي ڪامنا ٿا ڪريون.

(سپون - ۴۹)

OOO

رباعي

واسديو نرمل

ڪو جاٽي نٿو طوُر-رفاقت، اَفسوس،
ڪو وقت جي جاٽي نه نزاڪت، اَفسوس،
آتت جا به ٿي لفظ ڪپن ٿا جڏهن،
تڏهن ٿا ڏين يار نصيحت، اَفسوس.

واسديو نرمل جو ٻال ساهتيہ

✍ هوندراج بلوائي

هيءَ ڳالهہ صرف سنڌيءَ سان واسطو رکندڙ نہ آهي، پر ڀارت جي ڪيترين ڀاشائن سان واسطو رکندڙ چئي سگهجي ٿي. ٻال ساهتيہ ليکن لاءِ جيتري عزت ليکڪن ۽ نقادن کي هئڻ گهرجي، سا ڏسڻ ۾ نہ ايندي آهي. اَلبت ڪن کي انهيءَ ڳالهہ جو اَحساس ضرور هوندو آهي تہ ٻال ساهتيہ جو درجو وڏن جي ساهتيہ کان اونچو آهي، بنيادي آهي، عزت ڀريو آهي. ٻال ساهتيہ جي حمايت ۾ ڪافي دليل ڏيئي سگهجن ٿا پر هتي اهو موزون وقت نہ سمجهي ان کان ڪنارو ڪرڻ بهتر ٿيندو. شخصي طور مونکي انهن ليکڪن لاءِ عزت آهي جيڪي سٺو ٻال ساهتيہ لکن ٿا. سٺو ٻال ساهتيہ اهو آهي جنهن کي ٻار قبول ڪن، شوق سان پڙهن، پڙهندي پڙهندي انهن مان ٺلهين نصيحتن بجاءِ آنند بہ حاصل ڪن.

اَڄ جي ٻار جي پسندي بدلجي ويئي آهي. ٻارن جي ضرورتن ۽ ماحول ۾ گهڻو ڦيرو آيل آهي. اِليڪٽرانڪ يگ جي ڪيترن ساڌنن جي وچ ۾ جيئندڙ ٻار کي کهڙي چيز پاڻ ڏانهن ڇڪي سگهندي، ان جو خيال ٻال ساهتيڪار کي رکڻو آهي. جن ليکڪن اهي ڳالهيون خيال ۾ رکيون آهن، سي ٻال ساهتيہ ۾ اَڳتي وڌيا آهن.

واسديو نرمل بنيادي طرح شاعر ۽ ناٽڪ نويس آهي. انهن ٻن صنفن ۾ هن گهڻو ڪم ڪيو آهي. هن ٻال ساهتيہ بہ لکيو آهي، انڪري هوندراج بلوائي هن کي واڌايون ضرور ڏيندو. ڪيترو سٺو ٻال ساهتيہ بہ لکيو اَٿس، انڪري ٻيون بہ هن کي واڌايون ضرور ملنديون.

ياد ٿو اَچي 'ڪونج' جو اهو زمانو، جڏهن ڪو 'اڙٻنگ'، 'ڪونج' جهڙي اَدبي مخزن ۾ پنهنجو ديرو جمائي وينو هو. 'ٻاراٽيون ٻوليون' ڪالم تحت ١٩٦٥ کان هر مهني ٻارن لاءِ هڪ مونولاگ ڇپجندو هو. ان ۾ ٻار پنهنجي ماءُ کي مخاطب ٿي ڪنهن نہ ڪنهن وشيہ تي ڪا ڳالهہ ڪندو هو. اَدبي حلقن ۾ 'اڙٻنگ' جو اهو ڪالم ڌيان ڇڪائيندڙ رهيو ۽ اَڍائي سالن تائين ڇپجندو رهيو. ڪيترن ليکڪن / پاٺڪن 'ڪونج' جي

پيشڪش ۾ ڏٺي ٿي. انهيءَ وچ ۾ جيون جي سفر جا جيڪي به ڏاڪا آهن، تن کي ڪهاڻيءَ ۾ جوڙڻ جو يتن ڪيو ويو آهي ۽ انهن کي اثرائتي انداز ۾ ڪلاتمڪ نموني ۾ پيش ڪيو ويو آهي. جڻن ته ٻار جي ڄمڻ تي لوليءَ کي آندو ويو آهي ۽ سهڻي انداز ۾ پيش ڪيو ويو آهي. شاديءَ جي موقعي تي لاڏا به خوب نزاڪت سان آيا آهن. خاص طور گريوتي زال جي مهڻن جي واڌ تي جيڪو مذاقي ’جهينگو ...‘ وارو اِسم، پيڻ پرو-نيها ايسرانيءَ پيش ڪيو، سو واقعي بيمثال هئو ۽ پيڻ کي تمام گهڻي شاباس هجي. ٻهراڻو به آندو ويو آهي ته خوشيءَ جي موقعي تي ڳيت به وڄائي ويئي آهي.

ڳيت ڪمل ۽ سندس ساٿين واقعي خوب رنگ لڳايو. ڪمل نوجوان ڳيت ڏاڍو چتر-زبان، قنااڪو ۽ سنو ڳائڪ آهي. نوجوان طبقي جي نئين ماحول کي به ڪونه وساريو ويو هئو. انهن کي ڪشش ڪرڻ لاءِ ڊسڪو جو به هڪ اِسم شامل هئو. ننڍيءَ نهيءَ کي سنڌيت جي ڀاونا سان ويجهو آڻڻ لاءِ اهو تمام سٺ ۽ اثرائتو طريقو آهي.

هن سهڻي، ڪامياب پيشڪش جي پنيان جيڪي شخص ڪم ڪري رهيا هئا، سي سنڌيءَ جا ڀهوڳڻا ڪلاڪار، سنگيتڪار، ڪوي ۽ ناٽڪڪار آهن. ناٽڪ جي ڪهاڻي، گفتگو ۽ سڀ گيت سنڌيءَ جي مشهور ڪويءَ ۽ پرسڌ ناٽڪ نويس شري واسديو نرمل تيار ڪيا هئا ۽ سندس قلم ۽ ڪلام جو جادو پڌري پٽ ظاهر هئو. شري پريو وفا سنڌيءَ جي بزرگ ۽ نامور ڪوي ٽائيٽل گيت جي رچنا ڪئي هئي. ناٽڪ جي سنگيت جو رچيندڙ هئو اَڄ جو پرسڌ ڳائڪ گهنشيام واسواڻي، جنهن سنڌي جڳت ۾ پنهنجي ڇاپ لڳائي ڇڏي آهي. دراصل گهنشيام جو پورو پريوار سنگيت سان لائون لڌل آهي. سندس ڌرمپتني ميناڪشي، ڌيءَ شلپا ۽ پٽ گوُرو سنا ۽ سريلا ڳائڪ ۽ پنهنجي ليکي مڃيل ڪلاڪار آهن. جيڪو مرڪزي گيت ’اَمان جو پينگهو‘ لڳاتار هلندو رهيو، اُهو ڪافي خوبصورت ۽ دل ڇهائيندڙ هئو. طرز ۽ سُر به موهيندڙ هئو. اِهو گيت، واسديو نرمل لکيو آهي، اُن لاءِ کيس خوب داد ڏيڻ گهرجي. هن سڄي کيل ۾ جان پرڻ وارو ’ڳڀوان‘ هئو، سنڌي رنگ منچ جو سهڻو، برجستو ۽ ڀهومکي ڪلاڪار جڳديش شرما، جنهن ڪلاڪارن جي فوج (اَنڪل ٽيهارو ڪن) کي هڪ هنڌ گڏ ڪري مهنن ڪان قواعد ڪرائي آهي ۽ موٽ ۾ حاصل ڪيو آهي ’اَمان جو پينگهو‘ جيڪا هڪ انوکي حاصلات آهي ۽ جڳديش جي چٽ ۾ هڪڙو سندر گل آهي.

اَهڙا پروگرام ڏيڻ لاءِ جيرام روپاڻي ۽ سندس سپتر منيش روپاڻي، سندس ڌرمپتني ريکا ۽ ڀيڻ ساٿين ۽ سهيوگين گهڻيون کيرون لهڻيون جو پنهنجون ننڍون ۽ آرام حرام ڪري سنگت کي پندرايو اَٿن ۽ پنهنجي اوچ ورثي جو پيغام پهچايو اَٿن. شاباس! هڪ نه پر لکين شاباسون!

(هندواسي - ٣٠ مارچ ٢٠٠٣)

○○○

هنن ٽن مثالن مان اِئين ٿو لڳي تہ ٻار صرف معصوميت پريون ڳالهيون ڪرڻ ڄاڻي پر معصوميت سان گڏ هن جي باريڪ نظر ڪان ڪا ڳالهہ لڪل نٿي رهي سگهي. پنهنجي پيڻ جي عادت جي شڪايت بہ ڪري ڄاڻي :

”تنهن ڏينهن گهر ۾ مهمان آيا هئا. انهن بسڪيٽ ويٺي کاڌا تہ سندن پرسان وڃي ويٺي. پوءِ چوڻ لڳي : ڏس منهنجو هٿ خالي خالي آهي. آهي نہ؟ مهمان جلد ڳالهہ سمجهي ويو. سندس هٿ ۾ ڪٿي بسڪيٽ ڏنائين. بکي تہ آهي! اَجا بہ تون چوين تہ منهنجي ييبي مدوري آهي! هون!“

نرمل! انهن مونولاگس ۾ سنڌين جي ڪيترين ريتين رسمن، سنڌي لوڪ گيتن ۽ پرياورڻ کي سمائڻ جي سٺي ڪوشش ڪئي آهي. سڀ رچنائون ٻال منووگيان تي آڌار رکندڙ آهن.

واسديو نرمل جو اهو ڪتاب ١٩٨١ ۾ ڇپيو. ان بعد هن جو ٻيو ڪتاب ’مون کي چار پڇ، ڙي!‘ ٢٠١١ ۾ ڇپيو آهي - پورن ٽيهن سالن کانپوءِ. ان ۾ ٻارن لاءِ ڪهاڻيون آهن. ان وچ ۾ هن وٽان ڪيترا ٻال گيت ملندا رهيا آهن پر اهي ڪنهن مجموعي ۾ نہ آيا آهن.

ٻال گيتن ۾ هن جي بهترين رچنا آهي ’ڪوئومل جي چٽي پُراٽي‘.

ڪوتومل جي چٽي پُراٽي، گهڻي هند تي آهي ڪاٽي.
جڏهن مينهن ڪري وسڪارا، ڦُٽن چٽيءَ مان ٽا نيسارا.
ڪري پساني ٻاٽي ٻاٽي، ڪوتومل جي چٽي پُراٽي.

هن گيت ۾ ٻارن لاءِ وندر آهي، آنند آهي. اهو عناصر ٻال ساهتيہ لاءِ بيحد ضروري آهي.

سچ جي اُپيوگتا تي هن جي رچنا ’جي سنسار ۾ سچ نہ هجي ها‘ ۾ وندر ڪان وڌيڪ ڄاڻ آهي، معلومات آهي.

ڪير ايڏو پرڪاش ڏئي ها؟ ڏينهن بہ گويا رات لڳي ها.
ٻارهو ئي بس رات هجي ها، پوءِ ماٺهو ڪٿي، ڪڏهن سمهي ها.
جي سنسار ۾ سچ نہ هجي ها؟

اِئين واسديو نرمل ٻال گيتن ۾ بہ ڀاڱ ملهايو آهي. هن جا ڀيا بہ ٻال گيت هوندا پر اهي ٽڙيل پکڙيل هئڻ سبب انهن جو ذڪر ممڪن نہ آهي. سندس ٻال مونولاگ وڌيڪ سٺا آهن يا ٻال گيت؟ انهيءَ بحث ۾ پوڻ بجاءِ مان بنهي کي هڪ جيترو وزن ٿو ڏيان.

سمپادڪ شري هري موٽواڻيءَ کان پڇيا به ڪئي ته اهو 'اڙٻنگ' آخر آهي ڪير؟ گهڻي وقت کانپوءِ آخر راز کليو ته اهو 'اَڙٻنگ' ٻيو ڪوئي نه پر واسديو نرمل هو.

'ڪونج' جي هر اَنڪ ۾ ٻار پنهنجي ماءُ کان عجيب عجيب سوال پڇي سندس متيون منجهائي ڇڏيندو هو. وچ وچ ۾ معصوميت واريون ڳالهيون به ڪندو هو. فطرت جي خيال کان بلڪل سڌو ۽ شانت لڳندڙ واسديو نرمل جڻ پاڻ ئي ان ۾ سمائجي ويندو هو - پاڻ ئي ٻار بڻجي پوندو هو.

واسديو نرمل جا اهي مونولاگس بعد ۾ 'اَمان، توکي خبر آهي؟' سري سان ڪتابي روپ ۾ به ١٩٨١ ۾ ڇپيا. انهيءَ ڪتاب کي ١٩٨٥ ۾ اين.سي.اِي.آر.ٽِي. طرفان ٻال ساهتيه جو انعام مليو. اهو ڪتاب گجراتيءَ ۾ به ترجمو ٿيو.

واسديو نرمل پاڻ ٿو ٻڌائي، ''مونولاگ ناٽڪ جو هڪ فارم آهي، جنهن ۾ صرف هڪ ڪردار هوندو آهي. هن ڪتاب ۾ درج ڪيل مونولاگس ۾، هڪ ٻار جو ڪردار ڪنيل آهي. هرهڪ مونولاگ ۾ ساڳيو ئي ٻار ڪردار آهي، پر هر مونولاگ ۾ ڪنهن اَلڳ وشيه تي پنهنجي ماءُ اَڳيان، هوُ پنهنجا ويچار ظاهر ڪري ٿو.''

مونولاگس جو ٻار معصوم آهي، انڪري ڪيترا سوال ٿو پڇي ۽ انهن جا جواب به پنهنجي سمجهه موجب ٿو ڏئي. ڪانءَ لاءِ چوي ٿو :

''اَمان خبر اٿيئي، ڪانءُ ڪارو ڇو ٿيندو آهي؟ سڄو ڏينهن اُس ۾ رُلندو آهي نه، اِنڪري! اُس ۾ رُلي ڪي ته سڄا ڪارا ٿي ويا آهن. ڪن جي رڱو ڳچي وِچي اَڇي بچي آهي.''

چنڊ لاءِ چوي ٿو :

''چنڊ جي منهن تي مِي ڪارا ڪارا داغ ڇا جا آهن. خبر اَٿيئي؟ روز روز جبل ٻنيان مٿي چڙهي چڙهي، ويچاري کي اِلامي ذڪ لڳا آهن. مي ڪارا نشان انهن جا آهن.''

پولڙي لاءِ هيئن ٿو چوي :

''اَمان، ڀلا مٿرا جيان ممبئيءَ ۾ به پولڙا رستن تي ڇو نٿا گهمن؟ جهنگلن ۽ ڳوٺن ۾ ته ٻني ٻڌا ٿي پيا لپا ڏيندا آهن. شايد ڳوٺاڻن وانگر ممبئيءَ ۾ گم ٿي وڃڻ جو ڊپ اٿن. نه اَمان؟''

ٻال ساهتڪار - واسديو نرمل

✍ لڇمڻ ڀمڀاڻي

اَڄ جي بيحد تيز رفتار سان ڀڄندڙ زندگيءَ ۾ ٻارن کان وٺي نوجوانن ۽ بزرگن جي سوچ جا پئمانا بدلجي ويا آهن. اَڄ ٻار پنهنجي عمر کان گهڻو اڳتي نڪري آيو آهي. اَڄ هن لاءِ ڪجهہ بہ لڪل يا ڳجهو ڪين آهي. هن کي هر ڳالهہ جي ڄاڻ آهي. هر ڳالهہ هن جي ذهن جي تختخانن ۾ سمايل آهي. اَڄ سائنس جي مختلف وسيلن دنيا کي بلڪل ننڍو ڪري ڇڏيو آهي، ايتري قدر جو اِن تي هڪ ڀاڪو بہ ٿي ويو آهي - دنيا ميري مُٺي ۾. يعني موبائيل، اِنٽرنيٽ، اِي-ميل، فيس بوڪ، ٿري-جي وغيره وغيره اَڄ جي انسان جي پهچ کي وڌائي ڇڏيو آهي. ڪهڙي بہ گهٽنا دنيا جي ڪنهن بہ ڪنڊ ۾ ٿئي، پنجن منٽن ۾ اها سڄي دنيا جي ٻار-ٻار تائين پهچي ٿي وڃي. توهان کي اَدب، ڪلا، تهذيب، سنگيت، چترڪلا، سياست، پنگتي مطلب تہ ڪنهن بہ صنف جي سموري ڄاڻ اِنٽرنيٽ جي ويب سائيٽ تي موجود ملندي. ڪنهن کان بہ اها ڄاڻ حاصل ڪرڻ لاءِ عرض يا التجا نہ ڪرڻي پوندي، بس صرف هڪ بٽڻ ڪِلڪ ڪيو ۽ سڀ ڪجهہ، سمورن اَنگن اکرن سان توهان جي سامهون صاف صاف ۽ چٽو اچي ويندو.

اَڄ جا ٻار جڏهن سڄو وقت ٽي.ويءَ کي چنبڙي ڪارٽون نيٽ ورڪ، ريئلٽي شوز، ٻال ڪهاڻين جا سوين سيريل، اينيميشن فلمون ڏسي رهيا آهن، اِسڪولن ۽ گهرن ۾ ڪمپيوٽر جو استعمال ڪري ويڊيو گيمس ۽ دلچسپ کيل تماشا ڏسي رهيا آهن، اَڄ جڏهن ٻارن کي هوم ورڪ ڪرڻ لاءِ فرصت ڪانهي، اَڄ جڏهن ڏاڏي يا ناني آکاڻيون ٻڌائڻ وساري ويٺيون آهن، اُن دؤر ۾ بنيادي طور اُستاد شاعر واسديو نرمل پنهنجي سرل ۽ سپڪ منڙي ٻوليءَ ۾ ننڍڙن - ننڍڙن سنڌي ٻالڪن لاءِ وندر ۽ سکيا سان ڀرپور ڇهہ ڪهاڻيون کڻي اَسان جي سامهون آيو آهي. اٽڪل ۴۵ سال اَڳ سنہ ۱۹۶۵ع ۾ نرمل ٻاراڻيون ٻوليون نالي ڪالم ۾ معصوم ٻارن جون معصوم ڳالهيون لکڻ شروع ڪيون، جيڪي پوءِ 'اَمان، توکي خبر آهي؟' نالي ڪتاب ۾ شايع ٿيون. ڪتاب 'اَمان توکي خبر آهي؟' تي ڀارت

هينئر ڪهاڻين جي ڳالھ. هن جي تازو شايع ٿيل ڪتاب ’مون کي چار پيچ، ڙي!‘ ۾ ڪل ڇھ ٻال ڪهاڻيون آهن. سيني ڪهاڻين کي دلچسپ بڻائڻ جي هن جي ڪوشش جو سواگت ڪري سگهجي ٿو. ٻولي سني، اصطلاحي ۽ پهاڪن واري ڪم آندي اٿس. ٻار اهي ڪهاڻيون پڙهڻ يا ٻڌڻ ۾ پسند ڪندا. تنهن هوندي به انهن کي سنيون ٻال ڪهاڻيون نہ چئي سگهبو. ڪارڻ؟ هڪ تہ آهي اڄ جي ٻار جون ڪهاڻيون نہ آهن. زمانو گهڻو اڳتي وڌي چڪو آهي. ٻارن جي ضرورتن ۽ پسندگين ۾ گهڻو ڦيرو اچي چڪو آهي. انڪري انهن کي اڄ جي ماحول جون ڪهاڻيون نہ چئي سگهبو. ٻيو تہ انهن ڪهاڻين ۾ ڪي اهڙيون ڳالهيون بہ آهن جيڪي ٻارن جي ڪهاڻين ۾ نہ اچڻ گهرجن. اهي ٻارن جو ذائقو بگاڙين ٿيون.

ڪتاب جي عنوان واري ڪهاڻيءَ ۾ پونگڙو مزي سان ڪوئي جي پيچ کي کائي ٿو ۽ ماءُ کي چوي ٿو: ”واھ! هيءُ پُيچ ڪهڙو نہ سوادي آهي! تون بہ کاءُ نہ، امي!“

’ڪڪڙ جي ڪرامت‘ ڪهاڻيءَ ۾ ٻارن جو پيڙيءَ کي باھ تي رکيل ديگ ۾ ڏڪو ڏيئي، ان مٿان ڍَڪُ رکي پچي وڃڻ واري ڳالھ بہ ٻارن تي سنو اثر نٿي وجهي. انهيءَ ڪهاڻيءَ ۾ ئي راجا جي ڪڪڙ کي پڪڙي ڪچو ئي ڳرڪائي ڇڏڻ واري ڳالھ بہ ڇرڪائيندڙ آهي.

اهڙيون ڳالهيون ٻارن جي آکاڻين ۾ تہ اصل نہ اچڻ گهرجن. مان واسديو نرمل جي ٻال ڪهاڻين کي مونولاگس ۽ ٻال گيتن کانپوءِ ٽئين نمبر تي ٿو رکان. گڏوگڏ اها بہ اُميد ٿو رکان تہ نرمل نون نون وشين تي، ٻارن جي اڄ جي ماحول انوسار نيون ٻال ڪهاڻيون ضرور ڏيندو ڇو تہ هن ۾ اهڙيون قوتون ضرور آهن ۽ کيس ٻال ساهتيہ لکڻ جو سنو ڏانءُ بہ آهي.

OOO

هجي. هن ڪهاڻيءَ ۾ به لوڀيرام جي ڪڌن ڪرتوتن جو بيان آهي ته لالچ ڪري ماڻهو ڪيتريءَ حد تائين ڪِري سگهي ٿو. ٻارن لاءِ سکيا آهي ته لوڀ جو اَنت هر حالت ۾ ڏيٺو آهي.

بهرحال، هيءُ ٻال-ڪهاڻيون نرمل جهڙي آزمودگار اَديب جي قلم جو ڪمال آهن. ٻوليءَ جي بهترين روانگي، ڪهاڻي چوڻ جو عمدو ڍنگ، سهڻي ڪردارنگاري، گفتگوءَ جو ڏانءُ ۽ سنڌي پهاڪن جو جوڳو استعمال هر ڪهاڻيءَ کي ڪٽي بيٺو آهي.

هن ڪهاڻي-سنگره ۾ درج ڪيل ڪي ڪهاڻيون آڪاشواڻيءَ جي ممبئي، جئپور، اَحمدآباد جي ڪيندرن تان نشر ٿيل آهن.

اَڄ جڏهن سنڌي اَدب ۾ ٻال ساهت جي اَڻاٺ آهي، نه صرف ايترو، پر سنڌي اَدب ۾ مانائي پڻ آهي، اُن وقت نرمل جي ٻال ڪهاڻين جي هن مجموعي جي آمد جي آجيان ٿيندي، اَهڙو منهنجو وشواس آهي. اَڄ جديد تڪنيڪي ساڌنن جو پل ڪٽي ڪيترو به دٻدٻو هجي، پر ڇپيل ڪتاب جي پنهنجي اَهميت آهي، اِهو اَسانکي وسارڻ نه گهرجي.

('مون کي چار پُڇ، ڙي!')

OOO

اَڪثر هن دنيا ۾ ڪنهنکي، ياد نه ڪنهنجي ايندي آ،
پر جڏهن ڪو ياد ڪندو آ، هيءَ دل پرجي ايندي آ.
آهن سڀ اِتهاس اَسانجا، ڪن يادين جا ٽڪسالَ،
باغ بهار رهِين تون 'نرمل'، شل جيئين هزارين سالَ.
- موتيرام هيرانندا ڻي 'موتي'

سرڪار جي اين.سي.اِي.آر.ائنڊ ٽي. طرفان ٻال-ساهت جو انعام ١٩٨٥ ۾ مليو آهي. ان ڪتاب جا ٣ ڇاپا شايع ٿيا آهن. اُن کان اَڳ، نرمل ٻال-ناٽڪ بہ لکيا آهن جي ڪن ايڪانڪي-سنگرهن ۾ درج ڪيل آهن، جيڪي رنگ منچ ۽ آڪاشواڻيءَ تي پيش ڪيا ويا آهن. ان بعد سندس ايڪڙ-ٻيڪڙ ٻال ڪهاڻيون ۽ ٻال ڪوتائون مختلف مخزنن ۾ ڇپجنديون رهيون، پر صرف ٻال ساهت سندس ڪيتر نہ آهي.

''مونکي چار پڇ ڙي'' عنوان واري هن تازي ڪتاب ۾ اَجوڪي زماني جي حوالي ۾ لکيل نرمل جون نوَن-نوَن وشين تي سهڻيون ۽ مزيدار ڪهاڻيون آهن. اِنهن ۾ مادرن ٽچ بہ آهي - جئن پهرين ڪهاڻي 'مونکي چار پڇ ڙي' ۾ ڀلي چوي ٿي - اَجڪلهہ ڪير ۾ تہ ملاوت آهي پر لڳي ٿو، هاڻ پُڇن ۾ بہ ملاوت ٿيڻ شروع ٿي ويئي آهي. هن ڪهاڻيءَ ۾ ڊاڪٽر جو ذڪر آهي تہ ڪوئي جي آپريشن جي بہ ڳالهہ ڪيل آهي.

ڪڙ جو ڪمال ۽ چالاڪ موچي لوڪ ڪهاڻين وانگر آهن پر انهن جي اُٽت تمام خوبصورتيءَ سان ڪئي ويئي آهي. انهن ڪهاڻين ۾ آڳاٽي زماني جي راجائن ۽ انهن جي رعيت جي رشتن کي بخوبي چٽيو ويو آهي. ساڳئي نموني پسيني جي ڪمائيءَ واري ڪهاڻيءَ ۾ اِهو ثابت ڪري ڏياريو ويو آهي تہ جڏهن پنهنجي ڳنر تي لت ٿي اَچي، تڏهن ڪنهن شيءِ جو قدر پوي ٿو. بنا محنت ۽ بنا ملهہ مليل شين لاءِ ڪنهن کي بہ کهڪاءُ ڪونہ ٿو پوي، پر جڏهن پنهنجي خون-پسيني سان ڪمايل شيءِ داوَ تي لڳي ٿي تڏهن رڙ نڪري ٿي. ٻارن لاءِ هيءَ سکيادائڪ ڪهاڻي آهي.

اِهو تہ عالم آشڪار آهي تہ لالچ بُري بلا آهي. اِن موضوع کي ڪٽي نرمل هڪ نئين لوڪ ڪٿا لکي آهي، جنهن ۾ سرل سڀاوَ وارو رحم دل پکي نہ صرف انساني ٻولي ڳالهائي سگهي ٿو، پر غريب انسان جي مدد بہ ڪري ٿو. پر موٽ ۾ انسان ڇا ٿو ڪري؟ پکيءَ سان دوکو ۽ دولاب. پنهنجي فائدي لاءِ پنهنجي مددگار کي نابود ڪرڻ جي ڪوشش انساني فطرت آهي، جيڪا هن ڪهاڻيءَ ۾ ڏيکاري ويئي آهي.

انسان جي لالچ ئي انسان کي هيٺ ڪيرائي ٿي ۽ اِن لوڀ واري اوڳڻ جي ڪهاڻيءَ جو نالو ئي آهي لالچ بُري بلا. غريب ۽ مظلوم مٿان هر زماني ۾ ظلم ٿيندا رهيا آهن پلي پوءِ اُهو ڪنهن جو سالو ئي ڇو نہ

منهنجي اِنٽرويو واسديو نرمل سان

✍ گوپال ٺڪر

گوپال : شاعر نوَن فڪرن ۾ مشغول هوندو آهي. اَوهان به ضرور اَهڙي طرح مشغول رهيا هوندا.

واسديو نرمل : سال ٢٠٠٧ ۾ اَميريڪا ۾ رهندي Brain stroke ٿيڻ ڪري ڪجهه مُدت ساهتيه سرجڻ تي نه سگهيو. بهتر ٿيڻ کانپوءِ واپسيءَ ۾ 'تنها' ۽ 'ڏيڊڪ' جي تخليق ڪيم. وڏيون صنفون غزل ۽ نظمن کان پاسو ڪيم.

گوپال : اَوهانجي ناچاڪيءَ جو ٻڌي اَسان به ڊسٽربڊ رهياسين. اُهو ڏؤر شيئر ڪرڻ چاهيندا؟

واسديو نرمل : آميريڪا ۾ هڪ ڏينهن اوچتو ڊائبٽيز جي اٽئڪ ڪري مان پنهنجي ياداشت وڃائي ويٺس. پر جلد صحيح علاج ڪري اُن تڪليف مان ٻاهر آيس. ڀارت واپس آيس پر ٻه ڀيرا وري علاج لاءِ اُتي وڃڻ ٿيو. هاڻ وري (٩-١٢-٢٠١١) تي يو.ايس. ۾ وڃڻو اَٿم Thorex gland cancer جي آپريشن لاءِ.

گوپال : مان اَوهان کان ڄاڻڻ چاهيندس ته سنڌي شاعري مڪاني ۽ عالمي سطح لحاظا ڪجهه پيٽ ڪري سگهجي ٿي؟

واسديو نرمل : جيستائين نئين نسل جو سوال آهي ته نوان شاعر لڳ ڀڳ نه جيترا آهن. باقي بيٺل سنڌي شاعرن جي شاعريءَ جي ڪيترين رچنائن جي فڪر ۽ قد جو ملهه مڪاني ۽ ڪنهن حد تائين عالمي سطح تي پرکي سگهجي ٿو.

گوپال : ڪجهه عرصو اَڳ سنڌي مشهور گائڪ اُستاد آچاريه آسڪرڻ شرما رايو ڏنو هئو ته سنڌي غزل گوُ ڳائڻ واسديو نرمل ۽ اَرجن حاسد جا خوب غزل ڳاتا آهن. اِنڪري سنڌي شاعرن کي غزل ۽ گيت لکندي / رچيندي ان وصف جو ڌيان رکڻ گهرجي. اَوهين هن سان شامل راءِ آهيو.

Best Wishes

To

KOONJ

The best school is life.
The best teacher is experience.
The best book is nature.
The best temple is the heart.
The best friend is God.

And the best person is even he who loves the Lord with every breath of his being, who rejoices in all that happens, and gives a helping hand to the weary and heavy-laden.

- Dada J. P. Vaswani

CHETI CHAND JOON
SABHINI KHE VADHAYOON

RAM & VEENA BUXANI FOUNDATION
DUBAI

واسديو نرمل جي بهتري ڪويتا 'نيتردان'

✍ نامديو تاراچنداڻي

هيءُ يگ، وگيان-يگ چيو وڃي ٿو - پر جتي وگيان جي نظر پوري ٿئي ٿي، اُتان ڪلاڪار جي شروع ٿئي ٿي - جيڪا اَحساس ٻڌجي دلين تائين پهچي ٿي. شايد انڪري ڪلاڪار جي ٽئين نيتر جي ڪلپنا ڪئي ويئي آهي.

واسديو نرمل جو ڪلاڪار ڪويتا ۾ خاص ۽ عام جو ڪوي رهيو آهي. ان جو بهتر مثال آهي - هن جي بهترين ڪويتا - نيتردان. هيءَ ڪويتا سنڌي نئين ڪويتا جي پهرين دؤر ۾ لکي ويئي آهي ۽ ان ۾ ظاهر ڪيل خيال تہ بي-جوڙ ۽ اَديوت آهي ئي - پر هيءَ رچنا ڪويتا جي روپ ۾ بہ، پنهنجي وقت ۾ خاص رچنا طور مقبول رهي هئي - موزون شاعريءَ جو قابل ڪوي هِتِ چندن ڪان آجو ٿي هڪ نئين پيشڪش ڪري رهيو هو.

واسديو نرمل مشاعرن جو شائق ۽ مقبول ڪوي رهيو آهي. هن کي ڪويتا جي پرفارم ڪرڻ جو بہ ڏانوُ آهي. جئن موزون ڪويتا کي منچ تي پيش ڪندي قافيہ ۽ رديف جي چمتڪاري آواز ساڻ اَگر ڪو نئون خاص ۽ دلڪش خيال پنهنجي علحدگي ۽ عمدي طرز بيان سان ڏماڪو سگهندو آهي - تئن نئين ڪويتا جهڙي رچنا ۾ عام طور ممڪن نہ هوندو آهي، پر واسديو نرمل جي هيءَ رچنا هڪ طرح اَهڙو ڏماڪو ڪري سگهي هئي - جڏهن هو صاحب ان کي منچ يا ريڊيو تي هڪ خاص اَنداز ۾ پيش ڪري رهيو هو. برابر اُن جو هڪ سبب هن جي پيشڪش جو ڏانوُ تہ رهيو هو، پر ٻيو خاص سبب ڪويتا ۾ چمتڪاري آوازي اَثر بجاءِ ان جو بيحد اعليٰ عمدو ۽ مانوتا وادي خيال يا ويچار بہ رهيو هو. اَهڙو عمدو ويچار دراَصل هڪ ڪويءَ جي ڪلپنا جو ڪرشمو ئي ٿي سگهي ٿو. اُتي وگيانڪ نظر پهچڻ مشڪل آهي - چاهي ان جو مؤل آڌار خود وگيانڪ ڪاميابيءَ تي رهيو آهي.

اِها ڳالهہ اَڄ تہ بلڪل عام آهي تہ هڪ اِنسان جي اکين جو دان ڪرڻ سان، ڪو نابين هن دنيا کي ڏسي سگهي ٿو يا 'وري' ڏسي سگهي ٿو.

واسديو نرمل : آچاريہ جو مشعورو لاشڪ صحيح آهي. منهنجي خيال ۾ تہ ڪن اُردو شاعرن سنڌي غزل جي ساراهہ ڪئي آهي. تازو گهنشام واسواڻيءَ ٻڌايو تہ واسديو نرمل جو غزل ’دک درد تمنائون ۽ ارمان هزارين‘ گائڪا چترا سنگهہ ڳاتو آهي.

گوپال : سنڌ جي ڪا اڄ وسرندڙ يادگيري؟

واسديو نرمل : جيئن تہ سنڌ ڇڏڻ وقت مان ساڍي يارهين ورهين جو هئس. گهڻو وقت اَسين ڪراچيءَ ۾ مقيم هئاسين. هڪ شاديءَ دؤران آراضي وچڙو ٿيو ۽ هڪ دفعو حيدرآباد ۾ ڪنهن جي انتقال ۾ منهن پائڻ لاءِ ويا هئاسين. گهاڙي ۾ منهنجا ناناڻا رهندا هئا. وچڙو ٿيندو هئو. اَڄ بہ ذهن جي اَندر منوهرو، ڪياماڙي ۽ نيٽي جيٽي اُڪريا پيا آهن. ڪراچيءَ ۾ اولڊ ٽائون ايتري قدر ياد آهي جو اَڄ بہ ڪير اَڪين تي پٽي ٻڌي گهتيءَ ۾ بيهاري تہ مان پنهنجو گهر ڳولهي وٺان.

گوپال : مهرباني.

○○○

غزل ✍ واسديو نرمل

شمع آئيني جي سامهون نہ رکي وار سنوار،
چنڊ کي شمع جي پوندي نہ ضرورت آهي.

زرد چهرو، هي اُيا ساهہ، هي گم سُم تي رهڻ،
سل نہ نرمل، تنهنجي ڪنهن سان تہ محبت آهي.

واسديو نرمل ـ هڪ مضموننگار

✍ بنسي خوبچنداڻي

توهان مان، گهڻن کي عجب ضرور لڳندو ته ڪٿي غلط مضمون ته نه پڙهي رهيا آهيون! سڀني کي خبر آهي ته واسديو نرمل سنڌي اَدب جو هڪ اُستاد شاعر آهي. هو ڪيترن نوَن شاعرن جو ته سونهون پڻ آهي. واسديو نرمل جي ٻي سُڃاڻپ هڪ ناٽڪ نويس طور پڻ آهي. هن اصلوڪا ناٽڪ ٻه لکيا آهن ته ايڪانڪيون ۽ ريڊيو ناٽڪ ٻه لکيا آهن. ٻين ٻولين مان سنا ناٽڪ اُلٿو ڪري سنڌي اِسٽيج کي مالامال پڻ ڪيو آهي. هن سنڌي پاڪن کي مرائي ڪهاڻين جو هڪڙو ٻه وتايو آهي ته ٻال ساهت تي پڻ لکيو آهي.

پر تمام ٿورن کي خبر آهي ته واسديو نرمل هڪ سٺو مضموننگار پڻ آهي ۽ سندس مضمونن جا ٻه ڪتاب ڇپجي آيا آهن، جي آهن 'نقش پا' ۽ 'نقش پا - ٢' جيڪي هن پنهنجي اُستادن ڪيرت ٻاٻاڻي ۽ ليکراج عزيز کي اَرپيا آهن.

مان پنهنجا تاثرات ٻنهي مضمونن جي ڪتابن تي مجموعي طور پيش ڪندس. پهرئين ڪتاب ۾ ڪل ١٠ مضمون آهن ۽ ٻئي ڪتاب ۾ ١١ مضمون آهن يعني ڪل ٢١ مضمون ڪتابي صورت ۾ اَسانجي سامهون آهن. اُنهن مان ٧ مضمون ته شاعريءَ تي آهن جو نرمل بنيادي طور ته شاعر ئي آهي. جڏهن ته سندس ٻي سُڃاڻپ ناٽڪ نويس جي آهي، ناٽڪ تي ٦ مضمون آهن. باقي اَٺن مضمونن مان ٣ مضمون ڪهاڻي ڪلا ۽ ڪهاڻيڪارن تي آهن، هڪ ناول تي آهي ۽ ۴ مضمون جدا جدا شخصيتن تي آهن.

واسديو نرمل جي مضمونن تي ڳالهائڻ کان اَڳ ڏسون ته سنڌي اَدب جا مايه ناز مضموننگار تيرٿ بسنت مضمون ڪلا لاءِ ڇا ٿا چون :

''مضمون آهي ئي ويجهڙائيءَ ۾ پنهنجائپ پري لات. چئجي ڪٿي ته اُها يارن، دوستن وچ ۾ رسيلي رهاڻ يا موهني بات آهي. دنيا ۾ اهڙي ڪا به وشيه نه آهي جا مضمون جي دائري ۾ نه اَچي. ڪا جهل پل ناهي، بشرطيڪ لکيت مان شخصيت جي جهلڪ، مواد جي اَهميت ۽ من جي مهارت بکي. مضمون نويسي شخصيت جي اِظهار جو موزون طريقو آهي چاڪاڻ ته اُن ۾

پر اَسان جو پيارو ڪوي واسديو نرمل پنهنجي ڪلپنا اُتان اَڳتي شروع ڪري ٿو. هو چوي ٿو تہ منهنجي مرڻ ڪانپوءِ منهنجون اکيون دان ڪري - ڪنهن ٻئي اِنسان ذريعي هن دنيا جا نظارا ڏسنديون ۽ وري پوءِ اهو شخص بہ پنهنجي مرڻ پڄاڻان اُهي اکيون دان ڪري ۽ اِئين ... منهنجون اکيون ڀڳن تائين هن دنيا جا نظارا ڏسنديون رهنديون ۽ سدا لاءِ اَمر ٿي وينديون.

مون نرمل صاحب کان هڪ دفعو پڇڻ جي ڪوشش ڪئي تہ ڇا اهو ممڪن بہ آهي؟ مون کي ياد آهي - هن چيو هو - هن جو پاءُ آمريڪا ۾ سرجن آهي، پر هيءُ هڪ اَحساس جو سفر آهي! ڪويتا ۾ ڪلپنا حقيقت جي محتاج نہ آهي، اَسان کي اُن اَحساس جو قدر آهي - فخر آهي.

واسديو نرمل صاحب پنهنجي پيڻ دادي ڀڳوتيءَ سان ملڻ گهڻا دفعا پاونگر ايندو رهيو آهي ۽ مون کي هن سان ملڻ جا گهڻا موقعا پئي مليا آهن - هڪ دفعي مان هن کي پاونگر جي هفتيوار مشاعري ’بُڌ سڀا‘ ۾ وٺي ويو هوس. اُها سڀا پاونگر جي هڪ تمام سٺي سماجڪ سنسٿا - ’’شِشوُ-وِهار‘‘ ۾ هلندي آهي - اتي بين اَنيڪ مشغولين سان ’نيتردان‘ جي پرورتي بہ وڏي پئماني تي هلندي آهي. هنن واسديو نرمل جي ڪويتا جو گجراتي ترجمو هڪ پوسٽر جي روپ ۾ پنهنجي آفيس ۾ لڳايو هو - ۽ پنهنجي پتريڪا ۾ بہ شايع ڪيو هو.

هيءَ ڪويتا هن طرح اِنسانيت جي پريرڻا بہ بڻي آهي! پر ڪنهن بہ عمدي خيال جي اَهميت باوجود - سچي اَهميت تہ ’ڪويتا‘ جي رهي ٿي ۽ هت بہ اها قائم آهي.

واسديو نرمل جي بهترين ڪويتا ’نيتردان‘ سنڌي ڪويتا جو شان آهي.

○○○

غزل ✍ واسديو نرمل

هر ڳالهہ تي مون سان هوءَ تڪرار ڪري ٿي،
يعني هوءَ مونکي حد کان گهڻو پيار ڪري ٿي.

سڀ مون کان پڇن ٿا، ڇو مان هن کي تو ڪريان پيار،
هن کان تہ پڇو هوءَ ڇو مونکي پيار ڪري ٿي.

ڪرايو آهي. مان واسديو نرمل جي اِن راءِ سان شامل راءِ آهيان تہ پريمچند جا ناٽڪ جيتوڻيڪ ڪامياب نہ ويا آهن، پر سندس ناٽڪ جي انداز سان پُر ڪيترين ڪهاڻيون ۽ ناول رنگ منچ تي ناٽڪ-روپ ۾ ڪاميابيءَ سان پيش تي چڪا آهن. مون خود پريمچند جي ڪيترين ڪهاڻين کي ايڪانڪي روپ ۾ منچ تي ڏٺو آهي ۽ پريمچند جي ناٽڪي انداز جو مزو ماڻيو آهي. سنڌي اِسٽيج تي پريمچند جي ڪهاڻي 'ڪفن' جو روپانتر گوبند مالهيءَ پيش ڪيو آهي، جنهن ۾ سنڌي ناٽڪ جي مشهور ناٽڪڪار، هدايتڪار ۽ اداڪار مدن جماڻيءَ هڪ اَڻ وسرندڙ رول اَدا ڪيو آهي!

باقي سنڌي ناٽڪ جي باري ۾ ڪوبہ مضمون ڪونهي. ها منگهارام ملڪاڻي ۽ گوبند مالهيءَ تي لکيل مضمونن ۾ سنڌن ناٽڪ جي يوگدان کي اِظهاريو ويو آهي. تہ بہ سنڌي ناٽڪ تي لکيل مضمون جي کوٽ تہ من کي کٽڪي ٿي!

ڪهاڻي ۽ ناول :

بنهي مجموعن ۾ ٽن ڪهاڻيڪارن تي مضمون آهن. اُهي آهن، 'پوپٽي ۽ ڪهاڻي'، 'ڪهاڻيڪار اُتم' ۽ 'ناڪر چاولا جون ڪهاڻيون' ۽ هڪ مضمون آهي چندولعل جئسنگهاڻيءَ جي ناول 'بادل پوميءَ تي سرسري نظر'.

جيتوڻيڪ واسديو نرمل پاڻ نہ ڪهاڻي نويس آهي ۽ نہ ناول نويس پر بنهي وشين تي سندس نظر هڪ ڄاڻو نثرنويس جي آهي. اِنهن ٽنهي مضمونن ۾ مونکي 'پوپٽي ۽ ڪهاڻي' هڪ دل سان لکيل پورو مضمون لڳو، جنهن ۾ پوپٽيءَ جي ڪهاڻين ۽ سندس ڪهاڻي ڪلا تي تہ ڳالهايو ويو آهي، پر ڪهاڻي ڪلا جي باري ۾ بہ ڄاڻ ڏني ويئي آهي. ڪهاڻيڪار اُتم جي باري ۾ ڳالهائيندي بہ سندس ڪهاڻين جو موضوع، عبارت، تشبيهون، حوالا ۽ ڪردارنگاريءَ تي ڳالهايو ويو آهي. ناڪر چاولا جي ڪهاڻين تي جيتوڻيڪ نهٽي ۾ گهڻو لکيو ويو آهي تہ بہ واسديو نرمل ناڪر چاولا جي ڪهاڻي ڪلا جي ڪن اَڻ ڇهيل پهلن کي ڇهيو آهي جا مضمون نگار جي ڪاميابي آهي. باقي چندولعل جئسنگهاڻيءَ جي بادل پوميءَ تي سرسري نظر مونکي سرسري ئي لڳي.

شخصيت :

باقي رهيل چار مضمون شخصيتن تي لکيل آهن ؛ 'ڀوڳٽي شخصيت

نثر خواهه نظم جون خوبيون آسانيءَ سان سمائي سگهجن ٿيون.“

سائين تيرٿ بسنت کي ياد ڪرڻ کان پوءِ اَسانکي واسديو نرمل - هڪ مضموننگار تي ڳالهائڻ سولو ٿيندو. سندس ٢١ مضمونن کي اَلڳ اَلڳ وشين ۾ ورهائي ڳالهائڻ سان به اَسانکي مضموننگار کي سمجهڻ ۾ سهوليت ٿيندي.

شاعري :

شاعرن ۽ شاعريءَ تي ست مضمون آهن، ’ليکراج عزيز جي شاعريءَ تي سرسري نظر‘، ’عزيز ۽ فطرت نگاري‘، ’بيوس جي ڪويتا ۾ ناري‘، ’بيوس جي شعر ۾ حقيقت نگاري‘، ’محبوب ۽ محبوب شاعر پريو وفا‘، ’سورداس جو ٻالڪ ڪرشن‘ ۽ ’غزل ۽ اُن جون خوبيون‘.

اِئين ته هنن مضمونن ۾ ڄاڻ جو خزانو، سنڌي ٻوليءَ جو هڳاءُ ۽ پيشڪش جي رواني آهي، پر مونکي ’غزل ۽ اُن جون خوبيون‘ مضمون ڏاڍو پسند آيو ۽ اِئين لڳو ته غزل گو شاعر واسديو نرمل پنهنجي پسنديده شاخ تي لکندي پنهنجو اَندر اوتيو آهي. ’سورداس جو ٻالڪ ڪرشن‘ نالي وارو مضمون مونکي بلڪل مختصر لڳو جو سورداس جهڙي مهان شاعر سان مضمون اِنصافي نه ڪئي آهي.

ناٽڪ :

ناٽڪ جي وشيه تي ڪل ڇهه مضمون آهن، پر اُنهن مان پنج مضمون ته مراٺي ناٽڪ ۽ ناٽڪڪارن تي آهن، اُهي آهن، ’ناٽڪ نويس رام گڻيش گڏڪري‘، ’ناٽڪ نويس شرواڊڪر‘، ’اِستري پارٽ اَدا ڪندڙ پُرش ڪلاڪار - باپو راوَ ماني‘، ’ناٽڪ نويس ماما وريرڪر‘ ۽ ’ٻال گنڌروَ جو مراٺي منچ لاءِ يوگدان‘. هنن پنجن ئي مضمونن ۾ واسديو نرمل جي مراٺي ناٽڪ تي ڪيل اونهي اَڀياس جو آڀاس ٿو ٿئي. تنهنڪري ئي ناٽڪڪار واسديو نرمل سنڌي اِسٽيج کي مراٺيءَ مان اُلٿو ڪيل گهٽي ۾ گهٽ ٽا ڪامياب ناٽڪ ڏنا آهن!

اَسان سڀني کي پريمچند ڪهاڻيڪار ۽ ناول نويس جي شُهرت ته آهي، پر تمام ٿورن کي خبر آهي ته هو هڪ ناٽڪڪار به هوا واسديو نرمل هڪ مضمون ’ناٽڪ نويس پريمچند‘ لکي اَسانجي ڄاڻ جي پورائي ڪئي آهي. پريمچند جي ٽنهي لکيل ناٽڪن، ’سنگرام‘، ’ڪربلا‘ ۽ ’پريم کي ويديءَ‘ جي باري ۾ ڄاڻ ڏيئي ناٽڪ جو ناٽڪڪار پريمچند سان مڪاميلو

ڪجھ پنھنجي باري ۾ ...
منھنجا سُر ۽ تنھنجا گيت

- اَنجام جا پڪا مون ڏٺا ہيا ٻہ دوست، پر،
'نرمل' جيان نہ آھہ ڪو پختو زبان جو.

(ص.١٥)

- جو تو 'نرمل' سان ملي سو تو چوي،
آھہ دل جو صاف پر نادان آ.

(ص.٢٥)

- منھنجي ناداني ۽ تي دل کولي کِلي وٺ 'نرمل'،
تون بہ چا ياد ڪندين، ڪھڙو گڏيو ھو پاڳل!

لھرائي تي ڪا چڳ تہ غزل گو تو تيان،
سانوڻ تو ستائيم تہ تو گيت لکان،
سِپ پيڙجي موتيءَ جو ڪري جئن نرماڻ،
ان ريت دکي بڻجي رباعي تو چوان.

(ص.٨٢)

ooo

ايم. يو. ملڪاڻي‘ ۽ ’گوبند مالهيءَ جو سنڌي رنگ منچ ۽ آوازي ڪلچر کي زور وٺائڻ ۾ يوگدان‘ وارا مضمون سنڌي سنسار جي ٻن اَهم شخصيتن تي لکيل آهن، جيڪي ڄاتل سُڃاتل ڳالهيون کڻي آيا آهن. ’اَنوکو سنت ٽڪرُوجي مهاراج‘ هڪ مرائي سنت تي پوري عقيدت سان لکيل مضمون آهي. ’هنسراج - وائرليس‘، آزاديءَ جي اُپاسڪ هنسراج تي لکيل هڪ شرڌانجلي مضمون آهي.

پر مضمون جي آتما تہ داخليت آهي ۽ مونکي هنن مضمونن ۾ وڌيڪ داخليت جي اُميد هئي.

شاعر ۽ ناٽڪڪار واسديو نرمل هي ايڪويهہ مضمون ڪتابي صورت ۾ ڏيئي اَسانکي راهہ ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. نقش پا جو مطلب ئي آهي نقش پدن تي هلڻ؛ نقش قدمن تي هلڻ!

اَسانکي واسديو نرمل - مضموننگار مان گهڻيون اُميدون آهن تہ هو اَهڙا سهڻا مضمون ڏيئي سنڌي اَدب کي مالامال ڪندو رهندو.

OOO

غزل ✍ واسديو نرمل

خواهش اِها ئي آهي، پل دل هجيس سهڻي،
ڪنهن کي تي حوُر گهرجي، ڪنهن کي پري کپي تي.

ڪرشن کي ئي مبارڪ، سهسين سکيون هجن پل،
مونکي تہ هم-خيالڻ هڪ ئي سکي کپي تي.

.....

اِنسان آد ڪان ئي خطائون ڪندو اَچي،
مون عشق جي خطا ڪئي اِنسان تي ڪري.

آئي جي آهين دل جي مڪان ۾ گهڙي ڪري،
مالڪ تي رهج تون ۽ نہ مهمان تي ڪري.

سنڌ مان آيل پبلشر دوست موهن مڪوانا جي پوني ۾ آجيان

رينا شهاڻي

حيدرآباد سنڌ پاڪستان جو ڇهيتو پبلشر، شري موهن مڪوانا، جيڪو پاڻ هڪ شاعر پڻ آهي، ۽ جنهن جو تخلص ’مدهوش‘ آهي - اڳئين مهيني ڀارت آيو هو - هن ڏهه ڏينهن پوني ۾ ۽ ويهه ڏينهن احمدآباد ۾ قيام ڪيو. هو پنهنجي ڪمپني - اِنتيل ڪميونيڪيشن پاران ٧٥٠ ڪتاب ڇپائي چڪو آهي ۽ ڪويتا پبليڪيشن ذريعي - جيڪا ٢٠٠٤ع ۾ برپا ٿي هئي، ٧٥ پستڪ شايع ڪري چڪو آهي. سندس ڇپايل پُستڪن جو گيٽ-اَپ ۽ لي-آئوٽ بيحد سهڻو ۽ معياري هوندو آهي ڇاڪاڻ تہ هو پاڻ هڪ ڪلاڪار، محنتي ۽ پرفيڪشنسٽ آهي - چند سالن کان نيندون اَچڻ جي باوجود، ويزائون نہ ملڻ سبب، هو ڀارت اَچي نہ سگهيو هو - هن دفعي، خوشقسمتيءَ سان، رينا شهاڻيءَ جي پوٽيءَ جي شاديءَ جي ڪارڊ جي آڌار تي ڪيس سولي ويزا ملي ويئي ۽ کيس ڀارت اَچڻ جو سهڻو موقعو مليو - هو ١٣ جنوريءَ، حيدرآباد مان نڪتو ۽ جوڌپور مان ٿيندو اَحمدآباد رهيو، جتي سندس مٽ مائٽ آهن - هڪ ڏينهن اُتي رهي هو ١٧ جنوري پوني پڌاريو. هڪ سباجهو جوان، نيڪ ۽ پريتوان انسان آهي، جنهن جي آجيان ۾ پوني جي ليکڪن ۽ ٻين گڏجاڻيون رکيون، سندس رهائش جو بندوبست بوٽ ڪلب ۾ رکيو ويو.

ٻڌر رات جو پوني اَدبي سڀا پاران، شري هرڪشن سامتاڻيءَ جي گهر اَدبي گڏجاڻي رکي ويئي، جتي ڊاڪٽر ڪنهيالعل ليکواڻي، اَرجن مونواڻي، ڪمليش مورجهاڻي، شريمتي ارڻا جيٺواڻي، سروج ڀارواڻي، گلو رامچنداڻي، گوورڌن گهايل ۽ رينا شهاڻي حاضر هئا. سڀئي هڪ ٻئي سان حالي احوالي ٿيا - وسپت ڏينهن بمبئيءَ مان شري نند جويري ۽ نند ڇڳاڻي خاص موهن سان گڏجڻ آيا. نند جويريءَ پاران بوٽ ڪلب ۾ سڀني اَديبن سان گڏ موهن جي لنچ رکي ويئي - لنچ بعد بوٽ ڪلب جي ڪمري ۾، نند جويريءَ انٽرنيٽ تي ’يُوٽيوب‘ لاءِ وڊيو رڪارڊنگ ڪئي.

ٻڌر رات، تارا ميرچنداڻيءَ وٽ ماني ۽ جمع رات گوورڌن گهايل وٽ ڊنر هئي - سڀ ڪجهه خوشگوار ماحول ۾ ٿيو.

حوالي طور ڪتب آڻي سگهجڻ جهڙا شعر

منهنجا سُرَ ۽ تنهنجا گيت

- اَڪين ڪي دل ڪا هجي يا هجن اکيون دل کي،
ڏسڻ جو شوق اُيارڻ جي لاءِ ڪجھ تہ هجي. (ص.١٣)

- رُلي ٿو جو ساحل تي، ڪوڏيون ٿو پائي،
گهڙي ٿو جو ساگر ۾، موتي لهي ٿو. (ص.١۴)

- زمان جي، مڪان جي، نہ ماڻهوءَ جي ساڃھ،
تون ئي سوچ ايڏو ڪو غصو نهي ٿو؟ (ص.١۴)

- ڪجھ غير مان اُلفت تي اُميد اَٿم نرمل،
پنهنجن ۾ رهيو باقي، اَڄ پيار ڪٿي آهي. (ص.١٩)

- دريا جيان اَوهان وٽ ڏن پيو وهي مڃان ٿو،
ليڪن سخي ٿيڻ لاءِ دريادلي کپي ٿي. (ص.٢٣)

- آدميءَ ۾ هر ترقي آ ڪئي،
پر نہ اَڄ تائين ٿيو اِنسان آ. (ص.٢۵)

- ڇڏ خدا چؤ، شراب ۽ لذت،
ٿورڙو مون بہ پي ڏٺو آهي. (ص.٢٨)

- هُت توکي منهنجا ٿورا فقط ياد ئي رهيا،
هِت تنهنجي محض ياد بہ اَحسان ٿي ڪري. (ص.٣٠)

- هيءَ سنڌي لپي آهي عربي ڪٿان ٿي،
هيءَ پنهنجي لپي آهي، ڏاري ڪٿان ٿي.
عربيءَ ۾ اَکر صرف اَٺاويھ آهن،
پوءِ ٻاون اَکري هيءَ عربي ڪٿان ٿي؟ (ص.٨٨)

واسديو نرمل

✍ گيتا بندرائي

واسديو 'نرمل' نالو ڳنهندي ئي اکين آڏو نرملتا ڇائنجي تي وڃي. سنهڙو سيپڪڙو شرير ۽ دنيا کي جاچيندڙ نرمل اکيون. واسديو نرمل جن اَسانجي گهر کان ڪجهه فاصلي تي جي.وي.پي.ڊي. اِسڪيم، اَنڌيري ۾ رهندا آهن. اَڄڪلهه هو اَميريڪا ۾ آهن. ڪيترائي دفعا سندن گهر تائين ست ڀاتي اَتم. شاعر ۽ ناٽڪ نويس طور ته واسديو نرمل کي سڀئي سُڃاڻن پر هڪ سنڌيڪار طور گهڻن کي شايد خبر به نه هوندي. نرمل صاحب جڳ پرسڌ ڪوي ڪاليداس جي ڪنڌ ڪاويه 'رت سنهار' جو انواد سنسڪرت مان سنڌي ۾ ۽ اُهو به ڪوتا ۾ ڪيو آهي - جن مان ڇهن رُتن جو ترجمو ڪونج جي پرچن ۾ شايع ٿي چڪو آهي. نرمل صاحبَ غالب جو مشهور غزل 'يهه نه ٿي هماري قسمت ي وصال يار هوتا' جو سنڌي غزل طور ۽ شيڪسپيئر جي سانيٽ جو سنڌي سانيٽ ۾ ترجمو ڪيو آهي جيڪي ٻئي ڪونج ۾ ڇپجي ويا آهن. انواد ڪرڻ لاءِ انوادڪ کي ٻنهي ٻولين تي دسترس هئڻ ضروري آهي. نرمل صاحب کي ست ٻوليون ايندڙيون آهن.

هاڻ ھتي سندن ڪتاب 'مون کي چار پُڇ ... ڙي!' جي باري ۾ لکڻ چاهيان ٿي. هيءَ هڪ ٻارن جي ڪهاڻين جو ڪتاب آهي. هن ۾ ڪل ٦ ڪهاڻيون ٻٻان ڪيل آهن. واسديو نرمل جي ڀهرين ڪهاڻيءَ 'مونکي چار پڇ ڙي!' ۾ جيڪو سندس ڪتاب جو عنوان به آهي، ڪوئو ڀهرين گهمندي آهي پنهنجن ڇئن پڇن جي ڪري، پر ڀوه جڏهن ٿي پڇ وڃائي تو وهي ته وڏن جي آگيا ۾ رهڻ تو سکي.

ٻين ڪهاڻي 'ڪُڪڙ جي ڪرامت' ۾ هڪڙي راڻا سک پاڻ ييل تان لولا ناهڻ جو جندُ ونڻ تو چاهي ته ڪُڪڙ پنهنجي ڪرامت ڏيکاري ياڻ

آرتوار ڏينهن صبوح واري ستسنگ ۾ دادا جشن، موهن مدهوش جو سواگت ڪندي چيو، ”سونهاري سنڌڙيءَ مان صوفين جو پيغام ڪٽي - ان سان گڏ مدهوشي بہ ڪٽي، موهن مدهوش پڌاريو آهي - ايشور پائڻ جي منزل لاءِ مدهوشي هڪ اَهم ڏاڪو آهي - مدهوشيءَ جي حالت ۾ ئي اَسين سڀ ڪجهه ڀلائي، مُڪتي پائي سگهون ٿا - موهن دادا کي سنڌي ٽوپي ۽ اجرڪ پهرائي ۽ دادا کيس ڪجهه ڪتاب سوکڙيءَ طور ڏنا - ان بعد ايشوري جوتواڻيءَ وٽ نيرڻ جو اِنتظام هو.

آرتوار ڏينهن شام جو سنڌ ۾ ڪويتا پبليڪيشن پاران ڇپايل ريتا شهاڻيءَ جي تازي ڪتاب ’روبرو‘ جو مهورت، ريتا شهاڻيءَ جي ڌيءَ ماڌوي ڪپور جي گهر رکيو ويو هو، جتي پڻ پوني جا معزز ليکڪ مهمان موجود هئا - ڊاڪٽر ليکواڻيءَ ڪتاب جي رونمائي ڪئي ۽ ڊاڪٽر لڇمڻ خوبچنداڻيءَ صدارتي تقرير ڪئي - موهن ڪتاب جي باري ۾ مهمانن کي معلومات ڏني ۽ ڊاڪٽر ليکواڻي، اَرجن موٽواڻي ۽ گوورڌن گهايل بہ ڳالهايو.

سومر صبوح، ميران مشن پاران، پوجنيہ دادا ٽي. ايل. واسواڻيءَ جي حياتيءَ تي تيار ڪيل پردرشني - ’درشن‘ ڏسڻ لاءِ نيند ڏني ويئي، جتي مشن جي پي.آر.او. نريش سنگهاڻيءَ مارگ درشن ڪيو. بيشڪ ’درشن‘ لاجواب آهي - سالن جي ديشي-وديشي ماهرن جي محنت سان تيار ڪيل اها Sound & light effect واري نمائش ڏسڻ لائق ۽ قابلِ تعاريف آهي. موهن جي ملاقات هنديءَ جي پبلشر ۽ ليکڪ ڪوي شري سنجيہ ڀاردواج ۽ اُردوءَ جي مشهور شاعر نذير فتحپوريءَ سان بہ ڪرائي ويئي، جيڪي ساڻس گڏجڻ ريتا جي رهائش گاهہ تي آيا هئا. ٻنهي ملڪن جي ڪتابي دنيا، پبلشنگ ۽ ليکڪ سنبنڌي ويچارن جي ڏي-وٺ ٿي، جيڪا ڪافي دلچسپ هئي.

ٻڌر رات ٢٥ جنوري، موهن سنڌي ليکڪ برادريءَ ۾ پنهنجو پيار ورهائي پاڻ سان گڏ سنڌن سڪ ۽ محبت جون جهوليون ڀري، احمدآباد روانو ٿي ويو.

OOO

واسديو نرمل - پيارو شخص - پيارو شاعر

✍ موتي پرڪاش

واسديو نرمل سان منهنجي واقفيت ٥٠ سال اَڳ تي جڏهن هو اَجا اِسڪولي شاگرد هو. نهايت سادو سوڌو معصوم، لڄارو، فهميدو. نہ ڪنهن جي هڻيَن ۾ نہ ڪنئيءَ ۾. اِنجنير بڻجڻ لاءِ ڪيس ممبئيءَ کان ٻاهر وڃڻو پيو. ڊگري وٺي هو ممبئي ميونسپل ڪارپوريشن ۾ اِنجنير تي گهڙيو جتان هن اَسسٽنٽ هيڊرالڪ اِنجنيئر جي عهدي تي پهچي رٽائر ڪيو.

هيڏو مانَ وارو مٿاهون عهدو ماڻيندي بہ هُن ڪوبہ ڏيک ويک نہ رکيو ۽ نڪي ٺانءِ ٺيڳر ۾ ڦاٿو. اَهڙن مٿانهن عهدن وارا مٿينءَ ڪمائيءَ مان ڪروڙين ڪلدار جوڙي محل ماڙيون اَڏائي سُکيا سهنجا ٿي الوليون پيا ماڻين پر هوُ پڇاڙيءَ تائين ايماندار ۽ اَڇُتو رهيو. هُن جي سامهون بلڊر لکن جون ڳوٿريون کڻي آيا هوندا پر هُنَ اُنهن مان پائي بہ نہ کنئي.

سرڪاري ۽ نيم سرڪاري ادارن ۾ اَڄڪلهہ اَهڙا شخص آهن ڪٿي؟

سادگي، سنجم، صاف دِلي، سندس گڻ آهن، جن ننڍپڻ کان وٺي پڪيءَ عمر تائين ڪيس ساٿ ڏنو آهي. ڪٽنبي وهنوار، يارن سان ياري، پنهنجي پرائي ۾ ڀيد ڀاو نہ رکڻ سندس املهہ خاصيتون آهن جيڪي اَڄڪلهہ ڪن ٿورن چونڊ ماڻهن جي نصيب ۾ آهن. نرمل اُنهن مان آهي.

هڪ اَديب ۽ شاعر جي روپ ۾ بہ نرمل جي سنڌي ساهت ۾ وڏي دين آهي. ساهتيہ اَڪادميءَ تہ ڪيس پُرسڪار ڏيئي سندس قدرشناسي ڪئي آهي پر ناٽڪ جي کيتر ۾ سندس بي جوڙ شيوا جو قدر اَجا نہ ٿيو آهي. هُنَ گهڻي ۾ گهڻا ناٽڪ - ايڪانڪي چاهي طويل، ٻين ٻولين مان اُلٿو ڪري سنڌي ساهت ۽ رنگ منچ سان ڀال ڀلايا آهن. هو ڪنهن بہ هڪ ناٽڪ سنسٿا سان پاڻ کي ٻَڌي نہ وينو آهي، جيئن مون ڪيو. هُن سڀني ناٽڪ سنسٿائن سان هڪ سريکو نينهن نباهيو. ساڳيو ئي رُخ هن ساهتڪ سنسٿائن ڏانهن بہ رکيو. اَکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا هجي يا سنڌي ٻولي پرچار سڀا هجي، يا سنڌي ساهت منڊل هجي يا ٺاڻي جي اَدبي سنسٿا هجي، هوُ هرڪنهن کي سڏ ۾ سڏ ڏيندو. شاعرن

سان آندل رڇ، بگهڙ ۽ تلاءَ جي پاڻيءَ سان راجا جي ترڪيب کي ناڪام ڪري ٿو ڇڏي.

ٽين ڪهاڻي ’چالاڪ موچي‘ ۾ موچي غريب ۽ چالاڪ آهي. هو راجا جي ڏنل تلوار وِڪڻي پيٽ ٿو پالي ۽ ڪاٺ جي تلوار مياڻ ۾ ٿو رکي ۽ حاضر جوابيءَ سان راجا جو من ٿو موهي.

چوٿين ڪهاڻي ’پسيني جي ڪمائيءَ‘ ۾ هڪ ماڻهو پنهنجي محنت جي ڪمائيءَ جا ٻه سونا سڪا کوهه ۾ ڦٽي ڪرڻ نٿو ڏئي.

’رحم دل پکي ۽ لوڀي مُهاڻو‘ ڪهاڻيءَ ۾ هڪ پکي، ڪانڪا، هڪ مُهاڻي تي رحمت ڪري ٿو ۽ اُن جي گهر هر روز هڪ وڏي مڇي پهچائڻ جو واعدو ڪري ٿو پر مهاڻو راجا جي اعلان ڪيل اِنعام جي لالچ ۾ پکيءَ کي ڦاسائڻ جي ڪوشش ڪري ٿو پر راجا جي ۴۰ سپاهين جي ساٿ هوندي به ناڪام وڃي ٿو.

ڇهين ڪهاڻيءَ ’لالچ بُري بلا‘ ۾ سدوري نالي جو اناٿ، راجا جي مُنديءَ جو هيرو ٻُوڙهي راجا کان ٿي حڪم لکائي ٿو. اُنهن حڪمن مطابق پنهنجي جيجاجيءَ کان ٻه سؤ رپيا وٺي لوهارڪو ڪم آرنڀ ڪري ٿو ۽ پنهنجي جيجاجيءَ جي لالچ جي هر ڪوشش کي سڦل نٿو ٿيڻ ڏئي.

ooo

واسديو نرمل جو غزل

✍ واسديو موهي

پنجن ڏهاڪن کان ڪو چپ چاپ ساهتيہ ساڌنا ڪندو هجي ۽ موٽ ۾ ملي : ٿورڙيون ڪي لفظي ٿپڪيون، ڪي ٿورڙا ادرائي انعام، جيڪي ساڌنا جي حوالي ۾ نہ جهڙا هوندا آهن، جن جي شايد ساڌڪن کي طلب بہ نہ هوندي آهي، بس وڻ هيٺان تپسيا ڪندڙ رِشيءَ اڳيان ٿار تان پنهنجو پاڻ ڪِريل ڪي ڦل. شايد سڀني ٻولين جي ساهت ساڌڪن سان ساڳي ڪار ٿيندي هوندي. واسديو نرمل اَهڙو ئي هڪ تپسوي آهي، جنهن پاڻ کي شاعريءَ تائين محدود نہ رکيو آهي. هن ناٽڪ بہ لکيا آهن تہ ٻال ساهت بہ رچيو آهي. سنڌي، سنڌيءَ کان وانجهجي نہ وڃن، اُن لاءِ سنڌي سيکارڻ جا ڪتاب بہ قلم هيٺ آندا آهن. چپن تي هميشه هلڪي مرڪ، اکين ۾ هڪ فرشتائي چمڪ سان گڏوگڏ نرمل من وارو ’نرمل‘، سنهڙو، سادن پر بلڪل صاف سٿرن ڪپڙن ۾ ملبوس، پيشي کان اِنجنير آهي. اِنجنيري گرافن سان هِن شاعريءَ جا بہ خوب سليقيدار گراف، وڻندڙ ماپيل بحرن ۾، گراف پيپر جي ننڍڙن چورسن جي مڪمل ماپ مطابق جوڙيا آهن. هتي هند ۾ عروض ۽ ڇندن جي ڄاڻ رکندڙن ۾ واسديو نرمل مانائتي جڳهہ واري ٿو. اِئين تہ نرمل شاعريءَ جي ڪيترن ئي فارمس تي قلم آزمائي ڪئي آهي - گيت، نظم، وايون، قطعات، رباعيون، لاڏا، ڀڄن، قواليون، دوگانا، وغيره پر هيءُ صاحب غزل ۾ خاص دخل رکي ٿو.

نرمل، سڌي سادي، ڦير ڦند کان آجي دل جو مالڪ آهي. اِنڪري هن جي ڌڙڪن بہ هڪ ڪري تال ۾ دڪ دڪ ڪندي آهي، دل وٽان ايندڙ شعرن جي رواني بہ بنا رُڪاوٽ جي پهاڙ تان لهي هيٺ پهچي، نديءَ جي وهڪ ۾ تبديل ٿي ويل آبشار جيان آهي. نہ آبشار واري ڌوڙ، نہ آبشار وارو شور، هڪ هلڪي، مڌر ڪل ڪل، ڪنن ۾ سنگيت جيان داخل ٿي دل ۾ هلڪي لرزش پيدا ڪندڙ. هن جي اِظهار جي سهجتا ئي اَهڙو جادو ڪري وڃي ٿي :

مفت ۾ ڪنهن خدا ڏني هوندي،
مون لاءِ هيءَ عمر ڪنهن پِني هوندي.
تنهنکي پڪ، ڪا نہ ڪا لڳل هوندي،
پنهنجي ڀاڃي کان جا ڊني هوندي.
ورلو هوندو رکو ڪو تو جهڙو،
دل وٺي جنهن نہ دل ڏني هوندي.

(ڳالهيون دل جون - ٦٣)

سان تہ سندس سِر لڳي. راشٽر ڪوي سميلن ۾ بہ ويندو تہ اُلهاسنگر جي نَنڍي وڏي مشاعري ۾ بہ شِرڪت ڪندو. ڪُرسي مليس يا نہ مليس، ڪنڊ ۾ وينو هوندو ۽ شريڪ شاعرن جي سُٺي شعر تي ڪنڌ ڌوڻ ڪندو يا مڪرر چوندو. اِها بہ سندس خوبي آهي تہ هرڪو شاعر سندس شاباسيءَ جو حقدار آهي ۽ انڪري ڪيس داد ملڻ کپي. هو ترقي پسندن جي قطار ۾ رهيو پر مٿس ڪنهن ترقي پسنديءَ جو ٺپو نہ هڻيو. هن جو شاعريءَ لاءِ شوق ۽ ذوق ساڳيو رهيو، ٻوليءَ جو لهجو، مُحاوري جو صحيح اِستعمال، ٻوليءَ جي سادگي ۽ مناسب چونڊ سندس هر شعر ۾ نظر ايندي. نئين ڪوتا کي قبول ڪندي بہ هُن غزل جي ادائگيءَ سان خوب نباهيو آهي.

نرمل شاعريءَ جي کيتر ۾، علم عروض جي قاعدن، بحر وزن جي ڄاڻ رکندڙ پارکن مان هڪ آهي. هُن جي ڪلام ۾ اِن لحاظ کان ڪا ڪمي نظر ڪانہ ايندي. خيال سان نباهڻ سان گڏ بہ هُن لئہ کي قربان ڪيو هوندو پر بحر وزن ۾ ڪوتاهي ڪانہ ڪئي آهي.

شاعريءَ جي اوک ڊوک ڪندي هُن نثر ۾، شعر جي هيئت، فن ۽ رنگ روپ پيش ڪرڻ لاءِ ڪيترائي مضمون لکيا آهن جيڪي نهايت صداقت پريا ۽ موزون انداز ۾ لکيل آهن. سندس 'نقش پا' ۾ آيل مضمون اِن جي ساک ڀرين ٿا.

اَفسوس آهي تہ سنڌي ساهت ۾ اَهڙن نسوارٿ ڪم ڪندڙن ۽ شيواڌاري ذهنيت رکندڙن جو قدر ايترو نہ ٿيو آهي، جيترو ٿيڻ کپي. نرمل جو قدر سندس قدبت ڏسي نہ پر ٻوليءَ، ساهت ۽ ڪلچر ۾ ڪيل شيوا جي آڌار تي ڪڏهن ٿيندو؟

OOO

شعر کي صرف هڪ چترڪار جي پينٽنگ جيان ماڻي سگهون، ڪافي آهي. رنگن جون ڪيتريون ملاوٽون آهن، اِسپيس کي ڪيتري ڪلاڪاريءَ سان ورتو ويو آهي، فارمس کي ڪئن علحدا روپ ڏنا ويا آهن، اُنهن جي پُڌتائي ڇڏي صرف چتر کي اُن جي ٽوٽل پس منظر ۾ ماڻيون، ڪافي آهي.

جڏهن ڪا سچائي، سادن لفظن ۾ چئي ويندي آهي، اُن جو اَثر ملٽيپلاءِ ٿي ويندو آهي، اَسين جڏهن ڪا لاڳو سچائيءَ سان دوچار ٿيون ٿا تہ اَسانکي شاعر جي چيل ڳالهہ ياد اَچي ويندي آهي، شاعر ڪومل ٿي پوندو آهي :

پلي هجي سهڻو پرلوڪ،
مونکي پيارو آ. هيءُ لوڪ.
هٿ هٿندين، جي ٿري ويو،
لوہ تتل آ. هاٿي ٺوڪ.

(ڳالهيون دل جون - ١٢)

شايد غزل ۾ رومان جي ڳالهہ نہ ڪجي تہ ڪجهہ اَڌورو اَڌورو لڳندو، پوءِ پلي هڪ اَڌ شعر سان ئي سنتوش ڪريون :

ڏسو نہ مهل، نہ ماڻهو. نہ محفلن جي ريت،
اکيون اکين سان ملايو ٿا. هيءُ ڪريو ڇا ٿا؟
پتو پڇو ٿا اوهان پنهنجي گهر جو ٺي نرمل،
شراب ڪيڏو چڙهايو ٿا. هيءُ ڪريو ڇا ٿا؟

(ڳالهيون دل جون ..... ٥٢)

آخر ۾، سنڌيءَ جي شيدائيءَ جو، جنهن سنڌي سيکارڻ جا ڪتاب بہ لکيا آهن، اُن جو ڪو شعر سنڌيت نسبت ڪوٽ ڪرڻ کان عاري ٿجي، صحيح نہ ٿيندو :

نرمل سهڻي سنڌي ٻولي،
ڪيس ڏنو آ ڪنهن پاراتو؟

(ڳالهيون دل جون - ٣٦)

بيلي ۾ جي ٻاهہ لڳي تہ پکي پک ڦڙڦڙائڻ کانسواءِ ڇا ڪندو!

○○○

سهڄتا سان گڏ جي شعريت به شامل ٿي وڃي ته غزل پوريءَ طرح پڙهندڙ / ٻڌندڙ کي گرفت ۾ آڻي ڇڏيندو آهي. غزل مان ڪنيل مٿي ڪوٽ ڪيل ڪي شعر پنهنجي سادگيءَ سان تغزل جو نباهه ڪري ٿا وٺن. نرمل انڪري ته مشاعرا لُٽي ويندو آهي، مرڪي مرڪي، ها، اُن ئي هلڪي هلڪي مرڪ ۽ اکين ۾ فرشتائي چمڪ سان. غزل جي تقاضائن سان مڪمل طور تال ميل ڪندڙ سنڌيءَ ۾ ڪن ٿورن شاعرن ۾ نرمل جو اهم مقام آهي.

اسديو نرمل غزل جي اهڙن شاعرن مان آهي جن غزل جي روايتن کي پوريءَ طرح اپنايو آهي ۽ جڙن کي ريجهه ڏنو آهي. روايت مطابق غزل ۾ گرهه لڳائڻ بيحد اهم ۽ اونهي سوچ جي تقاضا رکندڙ ضرورت آهي. نرمل پنهنجي غزليه سفر ۾ اِن ضرورت کي خوبيءَ سان پنهنجن غزلن جي سونهن بڻايو آهي:

نرمل خيال رک، ڪٿي مجنون نه ٿي پوين،
ليليٰ به گهر ۾ آهي ته پٿر به گهر ۾ آهه!

(منهنجا سُر تنهنجا گيت - ١٧)

عجيب رقص ۽ موسيقي، جذبا پايل، دل مرڊنگ.
مان پيو شايد چنڊ ٿيان، پائي ڪنهن سورج جو سنگ.

(ڳالهيون دل جون - ٣٢)

غالب سيني کي ياد هوندو: ”ڪهتي هئن ڪِ غالب ڪا هئہ اَندازِ بيان اؤر ...“. غزل ۾ ڳالهه چوڻ جو ڍنگ وڏي اهميت رکي ٿو. رواجي ڳالهه به چونڊ لفظن ۾ چوڻ سان غير رواجي ٿي پوندي آهي. غزل جي اِها وڏي حاصلات ليکبي آهي، ٻين ڪيترين ئي حاصلاتن سان گڏ. نرمل کي پنهنجو هڪ ڏانءُ آهي، جنهن تحت هو پنهنجي ڳالهه اثردار نموني چئي سگهي ٿو:

ڪيڏو ڪمال آ اِهو واعظ جي شان جو.
سڀ ڪنهن کي ڏس پتو ٿو ڏني 'لامڪان' جو.
چمڪن پيا جُڳن کان ستارا جئين جو تئن،
چمڪيو آ بخت ڇا ته ڏسو آسمان جو.

(منهنجا سُر تنهنجا گيت - ١٥)

آهي نازڪ دل جو ساز،
ان کي هوريان هوريان ڇيڙ.
ڪٿي وسڙ نه لڳن بجليون،
اِئين نه پنهنجا وار پکيڙ.

(ڳالهيون دل جون - ١٩)

مان هتي مٿين شعرن ۾ ڪم آندل تشبيهن - اِستعارن جي اُپٽار اَجائي ٿو سمجهان،

پريہ پراتا،

’ڪونج‘ جا ہيئي اَنڪ، ’لڇمڻ ڪومل‘ ۽ ’امداد - سحر امداد‘ خاص پرچا مليم. دير سان ئيٰ پر آخر اَچي پهتم. پيارا، سچ پچ اِهي ہيئي اَنڪ ہين ڪيترن پرچن وانگر سانديي رکڻ جهڙا بڻجي پيا آهن. ڪومل تي لکندي ڪيترن ئي قلمڪارن خود کي وڌيڪ اِظهاريو آهي. ڪومل کي ڏانءُ ۽ ڏات ہيئي عطا ٿيل آهن. ان ڪانسواءِ اِظهار جي قوت ۽ ٻوليءَ تي دسترس ۽ اُتم صاحب جيان سُني ياداشت جي ڪري سندس سگهارو قلم چڱن ڀلن کي ڀنيلائي ٿو ڇڏي. باقي تہ حاسد صاحب ۽ موهن همٿاڻيءَ غلط نہ لکيو آهي.

جناب امداد حسيني صاحب سان، سيتا سنڌو ڀون ممبئيءَ ۾ مڪاميلو ڪرڻ جو موقعو مليو هوم. ’هوا جي سامهون‘ سندس قابل داد ڪتاب، ڪيس جديد سنڌي شاعريءَ ۾ ممتاز جڳهہ تي وِهاري ٿو، اِن ۾ بہ رايا نہ آهن. هن اَدبي جوڙي کي سلام.

اَدا نندا! ’ڪونج‘ اَڄ ڪان بہ اَڳري بڻجي اَدبي دنيا ۾، هند-سنڌ ۾ سنڌيت جي سرهاڻ پکيڙي رهي آهي، ان لاءِ مبارڪون قبولڄ.

گوورڌن شرما ’گهايل‘ (ڀوني)

* * *

”سدائين وڻندڙ ڇڳاڻي صاحب“

اَسان جو دلبر دوست شري نندلعل ڇڳاڻي سهڻي صورت ۽ موهڻي مورت جو مالڪ - ايشور ڪيس سگهہ ۽ صحت ڀري اورجا بخشي جيئڻ سنڌي ساهتيہ جا ’ڪونج‘ طرف گهڙا ڀريندو رهي. ڪلمڪ چهرو، وڻندڙ ڳالهائڻ - ساڻ ساڻ رومال ۾ ڍڪي ڏڪ هٽڻ ۾ بہ ماهر. سنڌي ساهتيہ ۽ سنڌي ساهتيڪارن جي سُني ڄاڻ ۽ ڀاڻ بہ تمام سٺو ليکڪ. مان

توهان جا خط ...

٢٠١٢-١-٢١

ڀاءُ نند، اُميد تہ مزي ۾ هوندين. ’ڪونج‘ جو جنوري-فيبروري ٢٠١٢ وارو اَنڪ ڊسمبر ٢ تي برابر پهتل اٿم. مان اُميد رکي ويٺو هوس تہ ان ۾ منهنجي تازي ڪتاب ’سمنڊ ڪناري ريتي ڦيڻ‘ بابت ڀاءُ شيام سچانندانيءَ جو تيار ڪيل ۽ لکيل تبصرو ضرور ايندو، جنهن جي ڄاڻ هن پاڻ مونکي فون ذريعي ڏني تہ هن تو ڏانهن موڪليو آهي. ائين نہ ڏٺم، هڪ جهٽڪو آيو ۽ پوءِ .....

هن پرچي ۾ پهريان ٥٥ صفحا ۽ پويان ١٥ صفحا ڀارتي سنڌي اَديبن لاءِ آهن، جيتوڻيڪ سڄو اَنڪ ١١٥ صفحن جو آهي، اَلبت شاعرن جي ڳڻپ ١٩ آهي، پوءِ بہ انهن ۾ هڪ شاعر گهٽ ئي هو، جيڪو هيءُ خط لکي رهيو آهي. چپڻ لاءِ ڪويتائن جي ساڃهہ ڀري چونڊ ڪئي وڃي ها تہ بهتر. اِئين هن پرچي جون ٻئي ڪهاڻيون ”آراڌنا‘ ۽ ’فيصلو‘ لاجواب آهن. انواد ڪيل ڪهاڻي ’عجيب اُلجهن‘ هڪ نئون نظريو آهي؛ ۽ سنڌيءَ ۾ شايد ان طرح جي هيءُ پهرين ڪهاڻي آهي. وندنا خوشحالاڻيءَ جي رچنا پهريون دفعو پڙهيم، خوشي ٿي، سنڌي اَديبائن ۾ واڌ ٿي آهي. اَنيتا جي طبعيت مهني کن کان ناساز آهي. ويچار ڦڪاڻي نٿا رهن. خير. (اَنيتا ڪيولراماڻي ٢٢ جنوريءَ تي سرڳذام پڌاري.(سمپادڪ))

’واسديو نرمل‘ تي خاص اَنڪ لاءِ هڪ غزل موڪليان ٿو، ٺيڪ لڳيئي تہ شايع ڪج. ’لڇمڻ ڪومل‘ جي خاص اَنڪ لاءِ پوءِ مون توکي پنهنجا شخصي ويچار ليک موڪليا هئا، تون شايد انهن سان سهمت ڪين آهين جو اهو خط شايع نہ ڪيئہ. خير، جيڪا تنهنجي اِڇا.

پرچي جي سونهن ۽ سهڻ لاجواب آهي - اَلبت هڪ اَديب جي صرف هڪ رچنا هئڻ لازمي آهي - هن پرچي ۾ ٻن اَديبن جون ٻہ ٻہ رچنائون آيل آهن، ان جي بدران ٻين سنڌي ساهتيڪارن کي موقعو ملڻ گهربو هو.

خير، تو لاءِ شڀ اِڇائون.

تنهنجو پنهنجو، **ڪمل پيهسي** (اَحمدآباد)

✡ ✡ ✡



NEW!

نئون ساهتيہ

(1) **منش نگري** - شاعري - رچناڪار پروفيسر نامديو تاراچنداڻي
ڊيمي سائيز، صفحه ١٠٠، قيمت ١٠٠ روپيہ، سال ٢٠١٠، ڇپائيندڙ - رچناڪار پاڻ - ٥٠، نارائڻ گارڊن، يش ڪامپليڪس سامهون، گوتري روڊ، وڙودرا - 390021، ٽيليفون 09925008942

اِنساني جڳياسا جي لنبي ڪوتا جنهن ۾ شاعر اِهو لکيو آهي تہ ڊيرج واري فرصت تائين هيءُ ڪاويہ پستڪ نہ پڙهڻ جو عرض!

(2) **ڳالهيون ڪنڌي ڪاڪ جون** - مضمون-يادگيريون-سفرنامو، ليکڪ روچيرام سهيڙيندڙ نيل ڪنٺ - مهاڳ جهڙو ڪجهہ - امر جليل
ڊيمي سائيز، پڪو ڀورنگي جلد، صفحه ١٥٠، قيمت ٢٠٠ روپيہ، سال ٢٠١١، ڇپائيندڙ سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي.

ليکڪ زندگيءَ جو ٨٣ بهارون گذاريون آهن.

(3) **رهاڃي ويا ڳُڻ** - مضمون - ليکڪ اَمان اَلله شيخ - مهاڳ ڊاڪٽر سليمان شيخ،
ڊيمي سائيز، صفحه ١٧٠، پڪو ڀورنگي جلد - قيمت ٣٥٠ روپيہ، سال ٢٠١٠، ڇپائيندڙ ساگر پبلشنگ هائوس، ڪراچي - سنڌ.

ڪتاب هڪ پيرو هٿ ۾ کڻڻ کانپوءِ پورو ڪرڻ کانسواءِ واپس نہ رکي سگهندا. مهاڳ ۾ ڊاڪٽر سليمان شيخ لکيو آهي تہ سنڌ جا اهل علم دانش ۽ سرت پريا سپرين هن ڪتاب کي دل لائي پڙهندا ۽ سچائي جي سنڌ لاءِ سوچيندا.

(4) **روُبروُ** - جيون سنبنڌي مضمون - ليکڪا رينا شهاڻي
ڪتاب جي شروعات ۾ موهن مدهوش - ڊاڪٽر قاضي خادم، تاج جويو، رکيل مورائي ڪتاب ۽ ليکڪ بابت پرپور ڄاڻ ڏني آهي.

ڊيمي سائيز، صفحه ١٢٠، پڪو ڀورنگي جلد، قيمت ١٥٠ روپيہ، سال ٢٠١١، ڇپائيندڙ ڪوتا پبليڪيشن، حيدرآباد سنڌ.

(5) **وسريل ٻالپڻ** - ٻارن لاءِ ڪهاڻيون - ليکڪ سوني مولچنداڻي - ٻيلاڻي.
ڊيمي سائيز، صفحه ٧٤، ڀورنگي جلد، قيمت ١٢٥ روپيہ - ڪتاب اِنڊسنڌ جي مالي مدد سان ڇپايل آهي. ليکڪا جي اَيڊريس : ١٤٤، مدوبن اَپارٽمينٽس، 'بِي' - ٦٠/٦١، ورلي هِل روڊ، ممبئي-١٨.

شخصي طرح هن سان ملاقات ڪرڻ ۾ ڏاڍو آنند محسوس ڪندو آهيان. سڀ کان وڏي خاصيت هن صاحب جو ايڊيٽوريل پڙهڻ سان روح کي راحت، دل کي دلجاءِ، آتما کي آنند، من کي موج جو احساس ٿيندو آهي. مان جنهن ڪتاب ۾ هن صاحب جو سمپادڪيه لکيل هوندو آهي، اول اهو پڙهندو آهيان. سمپادڪي ۽ آلوچنا ڪرڻ ۾ قابل، تمام ٿورا شخص اهڙا هوندا. اُنهن ۾ شري ٻلديو گاجرا ۽ ٻيا به هوندا. پاڪستاني ليکڪن کي گهڻو مان ڏيڻ ۽ اُنهن کي وڌيڪ ساراهڻ، هن جي سڀاءَ ۾ درج ٿيل آهي. جڏهن ته پاڪستاني ليکڪن کي سنڌي ساهتيه ۾ هندي اکرن جو هئڻ ناگوار لڳندو آهي، تهڙي پرڪار اسان پارت وارن کي انهن جا اُردو يا ڪي تز اکر اسان کي ٽڙيءَ ۾ اٽڪي پوندا آهن. ٻي هڪ ڳالهه: جيتري قدر مونکي ڄاڻ آهي ته سنڌي ليکڪن جا ڇڳا ڪتاب سنڌ ۾ ڇپيا آهن. جهڙوڪ لڇمڻ ڪومل، موهن ڪلپنا، ريٽا شهاڻيءَ جا ڪتاب ڇپائڻ لاءِ جن جا پاڳي آهن. تنهن هوندي به انهن کي ايڏي اهميت ڏيڻ ۽ گهٽي سپيس (جڳهه) ڏيڻ مون کي ٺيڪ نه لڳندي آهي. وري به ڇڳاٽي صاحب جو ٿورائتو آهيان جنهن وقت مهل مان جهڙي ناسمجهه کي جڳهه ڏني آهي. گهڻ وڏ لکڻ لاءِ معافي طلبگار.

- چندرام هوتواڻي

۱۵-۲-۲۰۱۲

OOO

(11) **پرڀاشا شبد ڪوش** - (اِنگلش سنڌي ۽ سنڌي اِنگلش سنڌي ديوناگري لپيءَ ۾) سمپادڪ : پروفيسر لڇمڻ هردواڻي
ڊيمي سائيز، صفحا ۱۵۴، قيمت ۲۵۰ روپيا، ڇپائيندڙ : پروفيسر لڇمڻ هردواڻي، 'ڪويتا' - پروفيسر ڪالوني - ساويڙي، احمد نگر - 414003 - ٽيليفون - 09890693931

ڪتاب ۾ ديوناگري لپيءَ جا گڻ ٻہ ڳاتل آهن. اَنگريزيءَ ۾ ڪتاب جو ڏنل سرو :

Dictionary of Literary Terminology in English-Sindhi, Sindhi-English

(12) **اَمرتا ـ شاه لطيف نمبر** - مرتب ۽ ايڊيٽر - فقير محمد ڍول
ڊبل ڊيمي سائيز، صفحا ۷۲۰، سال ۲۰۱۱، قيمت ۱۰۰۰ روپيا، پڪو ٻهورنگي جلد - ڇپائيندڙ : ڍول فقير فائونڊيشن - سنڌ.

ڪتاب ماهورا امرتا جو خاص نمبر آهي. (آڪٽوبر ۲۰۱۰ - مارچ ۲۰۱۱) - شاه لطيف - رسالي ۽ سندن حياتيءَ بابت احوال ڏنل آهي. اَنت صفحن - پيڄن تي پڪڙيل اِنڊيڪس - فهرست - سناءُ ۾ ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻيءَ جو نالو نہ ڏسي دل ڏُسي وئي- اَندر جدا جدا ليڪن اُن جو ذڪر ضرور ڪيو آهي. سمپادڪ ۽ اُن جي مدد ڳارن جي چونڊ داد لائق آهي.

OOO

(6) **جوان مرد شاستري** - جيون پرسنگ - اصل گجراتي ليک هريش نايک - ترجمو- **نريش چئنلعل آهوجا** (ديوناگري لپيءَ ۾)

ڊيمي سائيز، صفحه ١١٢، ڀورنگي جلد، قيمت ٦٠ روپيه، سال ٢٠١٠، ڇپائيندڙ : نريش آهوجا، ١٢، سکمڻي اَپارٽمينٽس، اي وارڊ، نيو بنگلا ايريا، سهجپور بوگا، اَحمدآباد - 382345، ٽيليفون 9429064299

(7) **چوليون** - اَجنتا ساهتيه سنگم - گانڌيڌام جي ساليانو مخزن - ايڊيٽر لعل هوتچنداڻي 'لاچار'

آشيانا، B-31، اَپنا نگر - گانڌيڌام 370201، ڊبل ڪرائون سائيز، صفحه ٨٠، سال ٢٠١١. چونڊيل رچنائن لاءِ ايڊيٽر داد لهڻو.

(8) **تون نہ سُڃاتو** - اصلوڪيون ڪهاڻيون - ليک گوپ گولاڻي

ڊيمي سائيز، صفحه ١١٠، ڀورنگي جلد - قيمت ١٠٠ روپيه - سال ٢٠١٢ جنوري، ڇپائيندڙ : سنڌي ٽائيمس پبليڪيشن - اُلهاسنگر 421003، فون : 2564000-0251، ليک جو فون 09329020556.

ڪتاب مڌيه پرديش سنڌي ساهتيه اَڪاديمي، ڀوپال جي مالي سهڪار سان ڇپايل آهي.

(9) نئين ڪوتا : **ارتقائي سفر** - ڀارت جي نئين ڪوتا جي اَدبي پرک - ليک **ڊاڪٽر جگديش لڇاڻي**

ڊيمي سائيز، صفحه ٢١٦، قيمت ٢٥٠ روپيه، سال ٢٠١٢، ڇپائيندڙ ليک پاڻ - ويڻا پبليڪيشن، G-2، راجيو اَپارٽمينٽس، گول مئدان، اُلهاسنگر - 421001، ٽيليفون : 09423087336.

ڪتاب NCPSL دهليءَ وارن جي مالي مدد سان ڇپايل آهي. هن کان اَڳ ڊاڪٽر لڇاڻيءَ جا ١٩ ڪتاب تحقيقي ۽ تنقيدي ڇپيل آهن - هيءُ ڪتاب محبت ۽ صدق وچان ليک 'ايم. ڪمل' جي نالي اَرپڻ ڪيو آهي. اَٽڪل ٢٠ شاعرن جي نئين ڪوتا تي نظرثاني ڪيل آهي.

(10) **مؤلا مينهن وساءِ** - شاعري - شاديجا ڪنعيو

ڊيمي سائيز، صفحه ٨٠، قيمت ٨٠ روپيه، سال ٢٠١١، ڇپائيندڙ شاعر پاڻ - سهجانند سوسائٽي-2، گلي نمبر-7، جوشيپورا، جهوناڳڙهه - 362002، ٽيليفون : 09099297735.

ڪتاب جو مهاڳ سريچند ڏبي 'جگري' لکيو آهي.

فوٽن جي وچوڙ

ڪوَر - ۴ - Back Page

واسديو نرمل جو سمورو ڪٽنب-پريوار - ننڍي پٽ جي شاديءَ مهل نڪتل فوٽو : ساڄي ڪان - واسديو نرمل ۽ سندس پتني پورڻما، نائي روشن - هنج ۾ ڏوهٽي پوڄا، وڏي ڌيءَ پارتي، ننڍي نونهن جوتسنا، ڏهٽي سمرن، ننڍو پٽ پروين، ننڍي ڌيءَ ورشا، ننڍو نائي ڪاليچرن، ڏوهٽي رِيا (هنج ۾)، پوٽو نِڪِل - وڏو پٽ اُميش ۽ وڏي نونهن سبيتا.

اَندر ڪوَر - ۲ (سڀ ساڄي ڪان) :

(۱) سنڌي فلم 'پاڙيواري' مان هڪ نظارو - واسديو نرمل پنيان بينل آهي. (۲) فرينڊس آف اِنٽرنئشنل سنڌيز طرفان ۱۹۸۹-۱-۴ - سنڌ جي مانواري ليکڪا ماهتاب محبوب جي شان ۾ گڏجاڻيءَ مهل نڪتل هڪ فوٽو - شوپا لعلچنداڻي، پارو چاولا، رامڪرشن آڏواڻي، ماهتاب محبوب، هيرو چاولا، ٺاڪر چاولا، رام لعلچنداڻي، واسديو نرمل ۽ جگديش لڇاڻي. (۳) هڪ يادگار فوٽو واسديو نرمل، ڪيرت ٻاٻاڻي ۽ موهن ڪلپنا. (۴) سنڌيو يوٿ سرڪل پاران پروفيسر هيرو شيوڪاڻيءَ کي لائيف ٽائيم اَچيومينٽ اَوارڊ سان سنمانت ڪندي - نند ڇڳاڻي، پروفيسر شيوڪاڻي، آسودومل موهناڻي، چمن روپاڻي. (۵) شري ٽيڪچند مست کي ٻه ساڱئي انعام سان سنمانت ڪندي - هري چوئٿاڻي، چندر منواڻي، ٽيڪچند مست، پنيان رام جئسنگهاڻي، نند ڇڳاڻي، پنيان رميش موٽواڻي ۽ هريش روپاڻي، موهن جيسواڻي. (٦) ساڳيو سنمان - ڊاڪٽر گورڌن جاني کي ڏيندي - هري چوئٿاڻي، ڊاڪٽر گورڌن جاني، پروفيسر مسز ڪومل جاني ۽ موهن جيسواڻي. (۷) هڪ نئون سفر - سونو چوڌريءَ جي اَنوکي ناٽڪ مان هڪ نظارو - سونو چوڌري ۽ سريچند ماکيجا. (۸) نارائڻ شيام جي روپ مايا مان هڪ نظارو - سونو چوڌري، مينڪا ۽ رشي وشوامتر.

STATEMENT ABOUT OWNERSHIP AND ANOTHER PARTICULARS OF NEWSPAPER "KOONJ"

[FORM IV (See Rule 8)]

1.	Place of Publication	:	4, Great Western Building, 2nd floor, S.B.S. Road, Mumbai - 400 023.
2.	Periodicity	:	Bimonthly.
3.	Printer's Name	:	Narendra Hariani
	Whether citizen of India	:	Yes
	Address	:	M/s. Sudha Offset Printers, 25, Prince Market, 1st floor, Furniture Bazar, Ulhasnagar - 421 003.
4.	Publisher's Name	:	Nand Chhugani
	Whether citizen of India	:	Yes
	Address	:	502, Manwani Mansion, Gol Maidan, Ulhasnagar - 421 001.
5.	Editor's Name	:	Nand Chhugani
	Whether citizen of India	:	Yes
	Address	:	502, Manwani Mansion, Gol Maidan, Ulhasnagar - 421 001.
6.	Owner's Name	:	Nand Chhugani (Proprietor)
	Address	:	502, Manwani Mansion, Gol Maidan, Ulhasnagar - 421 001.

I, Nand Chhugani, hereby declares that the particulars given above are true to the best of my knowledge and belief.

Sd/-

Date : **15/03/2012**

(Nand Chhugani)
Publisher

احوال اندر پڙهو...

9

10

11

12

13

14

15

16

17

18

19

20

Courtsey : SHRI VINOD DHANKANI

ڪوَر پيج-٣ :

(٩) راجستان سنڌي اڪادميءَ پاران سنڌي ڪلاس هلائيندي واسديو نرمل. (١٠) ڪونج گولڊن جبلي جي مهورتي موقعي تي واسديو نرمل مشاعري ۾ - چندر منگهناڻي، نند ڇڳاڻي، مورج منگهناڻي، رام ڇينملاڻي ۽ رام جوهراڻي. (١١) اکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت پرچار سڀا پاران ١٩٩٥-١٢-١٠ تي واسديو نرل تي سيمينار ڪيو ويو. ان جو سنمان ڪندي رام جوهراڻي، ڊاڪٽر پروفيسر ارجن شاد ۽ نرمل. (١٢) ساهت اڪادميءَ پاران مرهٽي ڪهاڻيون ترجمان طور انعام حاصل ڪندي واسديو نرمل. (١٣) NCPSL پاران 'لاڏي لاڏي آندي' ڪتاب تي انعام حاصل ڪندي واسديو نرمل ..... ڪيول ملڪاڻي، منسٽر مرلي منوهر جوشي ۽ جسٽس (رٽائرڊ) اِندرسين ايسراڻي. (١٤) واسديو نرمل پنيان وينل پروفيسر ڊاڪٽر ٻلديو مٽلاڻي، رامڪرشن آڏواڻي سنمانت ڪندي (١٩٩٥-١٢-١٠). (١٥) اِنڊين اِنسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي - آديپور هڪ سيمينار تي - مسز رُوپ ۽ مسٽر موهن گيهاڻي، رام بخشاڻي، واسديو نرمل، ڪيرت ٻاٻاڻي، لکمي کلاڻي، پدم شرما ۽ سندر اگناڻي .... (١٦) NCELRT طرفان ٻال ساهتيہ 'اَمان توکي خبر آهي' تي تعليمي وزير شري ڪي. سي. پنت هٿان انعام حاصل ڪندي واسديو نرمل. (١٧) اکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا پاران ناگپور ۾ ١٩٩٩-٣-٢٨ تي شري سندر اگناڻي هٿان انعام حاصل ڪندي واسديو نرمل. (١٨) سنڌ جي سدابهار ڪهاڻيڪار اَمر جليل سان ممبئي ايئرپورٽ تي - اَمر جليل، ٺاڪر چاولا، نند ڇڳاڻي، واسديو نرمل ... نند جويري ۽ پارو چاولا. (١٩) پريہ درشني - ساليانيءَ اَدبي انعام حاصل ڪندي واسديو نرمل. (٢٠) سوامي ڏرمداس دربار - سنڌونگر واري سائين ٻلرام هٿان سنمان حاصل ڪندي.

KOONJ ESTD. 1960
Literary Magazine
...h-April 2012
Registered as a Newspaper Indian R. N. 11551
REGD.No. TECH/47-976/MBI/2005
Price : Rs. 60.00
Founder Editor : Late Hari Motwani "Sindhi"

1021

احوال اندر پڙهو...

واسديو نرمل جو سمورو ڪٽنب

شري مورج منگهناڻي - شريمتي پارو چاولا ۽ گرسهاڻيءَ سان واسديو نرمل

Courtesy : Shri Notan Tolani → Hong Kong ← Shri Lal Hardasani